# شاهه لطيف جا چٽيهه سُر

(تعارف ۽ فلسفا)

محقق ۽ شارح

## استاد لغاري

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر





## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب ”**شاهه لطيف جا 36 سُر**“ اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب نامياري ليکڪ ۽ محقق **استاد لغاري** جو لکيل آهي جنهن ۾ هن شاهه لطيف جي شاعريءَ جي 36 سُرن جو تعارف ۽ فلسفو بيان ڪيو آهي. استاد لغاري لکي ٿو:

”هن ڪتاب لکڻ جو مقصد، حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي چٽيهن سُرن بابت، مفصل معلومات ڏيڻ آهي، ته ڪهڙي سُر جو نالو، ڪهڙي ٻوليءَ مان نڪتل آهي؟ ۽ ان لفظ جي لغوي معنيٰ ڇا آهي؟ ڪهڙي سُر ۾ ڪيترا بيت؟ ڪيترين وايون؟ ۽ ڪيترا داستان شامل آهن؟ ۽ اهي سُر ڪهڙي راڳڻي ۾؟ ۽ ڪهڙي وقت (ٽائيم) تي ڳايا وڃن ٿا؟ وغيره. هي ڪتاب لسنرز دوستن لاءِ به هڪ ڄاڻ خزانو آهي. هر هڪ سُر جي تعارف ڪان پوءِ، چند بيت، انهن جون سمجهاڻيون ۽ فلسفا به بيان ڪيا ويا آهن، ته جيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي چٽيهن ئي سُرن بابت، هر رخ ڪان روشني پئجي وڃي.“

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سمبارا پبليڪيشن جي سرواڻ پياري ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**



ڪتاب نمبر 128
حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| **ڪتاب جو نالو:** | **شاهه لطيف جا چٽيهه سُر** |
| **موضوع:** | **تعارف ۽ فلسفا** |
| **محقق ۽ شارح:** | **استاد لغاري** |
| **ڇاپو پهريون:** | **سيپٽمبر 2018ع** |
| **ڪمپوز ۽ لي آئوٽ:** | **شاهزيب ميمڻ** |
| **ٽائيٽل:** | **نعيم ديسوالي** |
| **ڇپيندڙ:** | **سمبارا پبليڪيشن** |

منوڻاور ساهون عبرت پريس ويجهو ڏوابا پوليس لائين، گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

**مُلهه:** 300 روپيا

**ڊجيٽل ايڊيشن:** سنڌ سلامت 2020ع
www.sindhsalamat.com

***SHAH LATIF JA CHATIAH SUR***
(***Introduction and philosophy***)
***Researcher By: Ustad Laghari***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

# ارپنا

ڪيڪرِي ڪَنڊن، ڪوڪن جي نوڪن ۽
ڪِرچُون ڪِرچُون شيشن جي نالي.
جن تي اُگهاڙين پيرين ادبي سفر ڪندي، مون
پوئتي مُڙي، اهو ڪڏهن بہ ڪو نہ ڏٺو آهي، تہ
منهنجن پيرن مان ڪيترو خُون وُڙهو آهي! پر
ماڻهو آهن، جيڪي منهنجن ادبي راهن ۽
رستن تي، ڪنڊا، ڪوڪا ۽ ٽُٽل شيشا، مسلسل
اُڇلائيندا ٿا اچن ۽ آئون آهيان، جيڪو اجان
تائين، اُهي لتاڙيندو، رت ورتو ٿيندو ۽ نوان
نوان ڪتاب لکندو ٿو اچان.



# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ♦ اداري پاران | ساجد سنڌي | 06 |
| ♦ مهاڳ | استاد لغاري | 07 |
| 1. سُر ڪلياڻ | | 16 |
| 2. سُر يمن | | 20 |
| 3. سُر ڪنيات | | 24 |
| 4. سُر بروو | | 28 |
| 5. سُر سريراڳ | | 32 |
| 6. سُر ساموندري | | 37 |
| 7. سُر گهاتو | | 41 |
| 8. سُر ڪاهوڙي | | 45 |
| 9. ڪاپائتي | | 49 |
| 10. سُر بلاول | | 54 |
| 11. سُر پرڀاتي | | 58 |
| 12. سُر ڪارايل | | 62 |
| 13. سُر ڏهر | | 67 |
| 14. سُر آبري | | 71 |
| 15. سُر معذور | | 76 |
| 16. سُر ديسي | | 80 |




www.sindhsalamat.com

17. سُر ڪوهياري 84
18. سُر حسيني 89
19. سُر راڻو 94
20. سُر ليلا 99
21. سُر ڪاموڏ 104
22. سُر سورٺ 109
23. سُر رِپ 114
24. سُر پورب 119
25. سُر رامڪلي 124
26. سُر آسا 129
27. سُر مارئي 134
28. سُر سهڻي 139
29. سُر سارنگ 144
30. سُر ڪيڏارو 149
31. سُر ڏهر 154
32. سُر شينهن ڪيڏارو 158
33. سُر هير رانجهو 168
34. سُر بيراڳ هندي 172
35. سُر ڍول مارئي 183
36. سُر بسنت 187




## پبلشر نوٽ

لطيفي فلسفي سان عميق عشق جون ڪٿائون جتي محدود پنن تي پٿارڻ ممڪن ناهن، اتي انساني صحيفن جا راز پروڙڻ بہ ايترو سولو ناهي، شاهہ لطيف جي شاعري، شخصيت ۽ پيغام کي نسل در نسل رسائيندي لطيف سرڪار جا انيڪ پارکو، شارح، محقق ۽ شائق پنهنجي پنهنجي زندگيءَ جا حسين ڏينهن ۽ راتيون وقف ڪري چڏڻ کي پاڻ لاءِ خوشقسمتي سمجهن ٿا. ايئن ئي ڀٽائيءَ جي رچنائن جي گهرائي ماپيندي استاد لغاري نہ ڄاڻ پنهنجي وجود ۾ ڪيترين صدين جو ٿڪ سموئي اجان بہ منزل رسائي جي اميد کي هٿان وڃائڻ ناهي ڏنو، ان ڪان وڌيڪ استاد لغاري جي لطيف سرڪار سان عشق جي انتها ٻي ڪهڙي چئجي جو سندس هر گذرندڙ ڏينهن لطيفي لات جي ورد سان سرشار ٿي سندس شاعريءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن پهلوءَ کي اپارڻ جي جستجو ۾ نمايان طور سامهون اچي ٿو، موجوده دور ۾ لطيفيات تي جيتري جاکوڙ ۽ کوجنا استاد لغاري جي قلم ذريعي نمودار ٿي ڪتابي صورت ۾ پڌري ٿي آهي، شايد ڪنهن شاهہ جي دعويدار محققن ۽ شارحن اهڙا جتن ڪيا هجن.

لطيف شناس محقق ۽ شارح سائين استاد لغاري روايتي ۽ حسد ڀري تنقيد کي درگذر ڪري پنهنجي فقرائي طبيعت سان وت آهر لطيفيات جي مڙني رخن کي روشناس ڪرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ واري سفر تي ساڳئي عشق ۽ عقيدت سان نڀائيندو پيو اچي، اهوئي سبب آهي جو سندس لطيفيات جي موضوع تي تيرنهن تصنيفون نہ فقط سنڌي ادب جي جهول ۾ بي بها موتين جي صورت ۾ چمڪنديون رهنديون پر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۽ ڪردار سان بي پناهہ محبت ۽ اُنسيت رکندڙ عشاقن لاءِ بہ سرير ۾ سموئڻ جهڙيون سوکڙيون ثابت ٿينديون، توڙي جو استاد لغاري جهڙا ڪردار اسان جي معاشري ۾ بنهہ گهٽ ۽ نہ هئڻ جر برابر آهن پر افسوس پوءِ بہ الائي تہ ڇو قدرشناسي واريون اکيون ڪين ڏسڻ کان غافل آهن، يقينن استاد لغاري جو قلم ڪڏهن بہ نہ ٿڪبو. سمبارا پبليڪيش پاران استاد لغاري جي شاهہ جي رسالي جي ڊاٽڪي ترجمي ڪانپوءِ سندس هيءَ ٻي سوکڙي بعنوان" شاهہ لطيف جا چٽيهہ سر" شايع ڪندي دلي مسرت محسوس ڪجي ٿي.


**ساجد سنڌي**

**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**

03003513966






www.sindhsalamat.com

## مهاڳ

# ڳالهيون پيٽ ورن ۾...

**پهرين ڳالهه.**

هن ڪتاب لکڻ جو مقصد، حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي چٽيهن سُرن بابت، مفصل معلومات ڏيڻ آهي، ته ڪهڙي سُر جو نالو، ڪهڙي ٻوليءَ مان نڪتل آهي؟ ۽ ان لفظ جي لغوي معنيٰ ڇا آهي؟ ڪهڙي سُر ۾ ڪيترا بيت؟ ڪيتريون وايون؟ ۽ ڪيترا داستان شامل آهن؟ ۽ اهي سُر ڪهڙي راڳڻي ۾؟ ۽ ڪهڙي وقت (ٽائيم) تي ڳايا وڃن ٿا؟ وغيره. هي ڪتاب لسنرز دوستن لاءِ به هڪ ڄاڻ خزانو آهي. هر هڪ سُر جي تعارف کان پوءِ، چند بيت، انهن جون سمجهاڻيون ۽ فلسفا به بيان ڪيا ويا آهن، ته جيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي چٽيهن ئي سُرن بابت، هر رخ کان روشني پئجي وڃي.

واضح رهي ته "لطيف شناسيءَ" تي ڪيل منهنجو هر هڪ ڪم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي، شاهه جي رسالي تي ڪيل تحقيق کان شروع ٿئي ٿو. يعني منهنجي تحقيق، تخليق، ترتيب، تشريح توڙي ترجمي جو، پهريون ڏاڪو ۽ بنياد، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيقي جلد نمبر 8/9 جو، مون سرائيڪي ٻوليءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو هو، جنهن کي پاڻ ڏاڍو پسند ڪيائون ۽ ان رسالي جي مهورت به پنهنجن مبارڪ هٿن سان ڪرڻ فرمايائون. ان کان پوءِ، مون جيڪو شاهه جي رسالي جو، آخري رنگين قلمي نسخو، ڇهن رنگن سان، چٽيهن سُرن تي آذاريل ويهي لکيو آهي، اُهو به ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي 2009ع واري، سڄي سموري صحيح رسالي کي آڌو رکي لکيو آهي.

منهنجي چوڻ جو مقصد هي آهي، ته هن ڪتاب ۾ شامل معلومات، بيتن، واين، داستانن ۽ سُرن جو تعداد ۽ ٻيهڪ وغيره ڏيکارڻ به، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق مطابق ئي آهي. هتي هڪ دفعو وري، اهو واضح ڪرڻ چاهيان ٿو، ته منهنجي ترتيب ڏنل وڏي ( واحد) رسالي جي مقدمي ۾، صفحي نمبر 6 تي، واشگاف، عالمِ آشڪار ۽ کِليئر ڪٽ لفظن ۾ لکيل آهي ته ".هن رسالي ۾ شامل ڪلام بابت، منهنجي پنهنجي ڪا به خواهش يا تحقيق شامل نه آهي، ان لاءِ ڏسڻ گهرجن ڊاڪٽر بلوچ صاحب وارا تحقيقي جلد نمبر 8، 9 ۽ 10"۔ پر پوءِ، ".نيڪ ني نيڪ، اور بد ني بد جانا مُجهي، جس ڪا جتنا ظرف ٿا، اُس ني اُتنا پهچانا مُجهي".

**ٻي ڳالهه.**

منهنجي طرفان، شاهه جي رسالي جا لکيل منظوم ترجما، رنگين قلمي نسخا، تشريحي، تخليقي، تحقيقي ۽ ترتيبي نسخا ڏسي، ڪن مشفق مهربانن کي شڪ پيدا ٿيو ته، "هي ماڻهو اسان جهڙن اديبن کي ڪراس ڪري، اڳتي نڪري ويندو". اهو ظرف ذهن ۾ رکي، انهن منهنجي خلاف، اخبارن جا قيمتي ڪالم ڪارا ڪرڻ شروع ڪيا. خاص ڪري سنڌ جي هڪ وڏي ۽ مشهور اخبار، منهنجي خلاف ڏُر ٻنجي ٻيڻي. جيڪو به ماڻهو منهنجي خلاف لکي پيو، ته اُها اخبار، ان کي فورن باڪس ڏيئي، شاندار نموني سان شايع ڪرڻ لڳي.

آئون پاڻ تي لڳل اهڙن اجاين الزامن جي جواب ۾ ۽ صفائيءَ ۾، جيڪا به مدلل وضاحت لکي، ان اخبار کي موڪليان پيو، ته اها اخبار، منهنجي ان وضاحت کي ڪُلي طور تي نظرانداز ڪندي رهي. ماڻهن ۾ هاهاڪار مچي ويئي، ته ".تون وضاحتي بيان ڇو نٿو جاري ڪرين؟ شايد


www.sindhsalamat.com

واقعي ئي تون چور، چور جو پُٽ آهين!“. آئون ان اخبار جي جانبداري ۽ بي حسيءَ تي حيران ۽ دنگ رهجي ويس.

اخباري ادارن تي بہ ڪي صحافتي، اخلاقي ۽ قانوني ذميواريون عائد ٿينديون آهن. اخباري فرضن تي، اها ڳالهہ قطعي طور لاڳو ٿيندي آهي، تہ هڪ ماڻهوءَ جي خلاف لکيل آرٽيڪل جي جواب ۾، ٻئي ماڻهوءَ جو موقف بہ ضرور ڏيکارڻو پوندو آهي. نہ تہ اخبار جي صحافتي ذميواري ۽ غير جانبداري متاثر ٿيندي آهي. ليڪن ان اخبار، منهنجي موقف ڏيکارڻ کان ڇڻ قسم ڪٽي ڇڏيو. آخرڪار منهنجو ۽ منهنجن دوستن جو رابطو، ان اخبار جي مئنيجنگ ايڊيٽر ۽ ايڊيٽر صاحب سان ٿيو، جن کي اسان سموري صورتحال کان آگاهہ ڪيو. ان کان پوءِ، ٻئي ڏينهن تي، منهنجي لکيل مدلل آرٽيڪل جو صرف چوٿون حصو شايع ڪري، ان اخبار پنهنجي ذميواري پوري ڪري ڇڏي.

اخبارن بابت جانبداريءَ جا قصا، گهڻو اڳ ٻُڌندا هئاسين، پر ان اخبار منهنجي خلاف جيڪو نيچپڻي جو مظاهرو ڪيو، ان جو اهو ڪردار، آئون ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. اُها اخبار، اڄ بہ منهنجي لکيل ڪنهن بہ مضمون، مقالي يا آرٽيڪل کي، پاڻ وٽ جڳهہ نہ ڏيندي آهي، ڇو جو اها اخبار، پنهنجي پاڻ کي صحافتي ذميوارين کان مُبرو ۽ آجو سمجهي ٿي. آئون دعاڳو آهيان، تہ ” شال! ان اخبار جي اَنا، وڏائي ۽ جانبداري قائم رهي، منهنجي لاءِ اخبارون پيون بہ گهڻيون!“.

**ٽين ڳالهہ.**

هي جيڪي وڏا وڏا دبنگ ۽ نام ڪنيا سنڌي اديب آهن، اهي سيپيئي هڪٻئي جا دوست ۽ ساٿاري آهن. اهي غريبن، مسڪينن ۽ ننڍڙن ننڍڙن نون اديبن، شاعرن ۽ سگهڙن کي، مٿي اڀڻ کان روڪين ٿا. انهن جا پير ڪڍن ٿا ۽ انهن کي اڳتي ايندي ڏسڻ پسند نٿا ڪن. اديبن جو هڪ خاص طبقو ۽ گروهہ آهي، جيڪو پنهنجي پاڻ کي، ملڪي ( وفاقي ) ليوَل تي پيش ڪري ٿو ۽ واري واري سان صدارتي ايوارڊ وٺي ٿو. اگر ڪو ٻيو ورڪر ڪلاس جو ماڻهو ۽ اديب اُڀري ٿو، تہ ان جي خلاف ڪات ڪُهاڙا اُپا ڪيا وڃن ٿا. ان جي ڪتابن جا احوال ۽ انهن جون داخلائون، “. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا”. جهڙن تاريخي جلدن ۾ بہ شامل نہ ٿيون ڪيون وڃن. جهڙي ريت، انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا جي، شاهہ جي رسالن تي آڏاريل جلد ڏهين ۾، ترجمن واري ڀاڱي ۾، منهنجي سرائيڪي ڪتاب “. شاهہ دا رسالا”. کي شامل ناهي ڪيو ويو. قلمي نسخن واري ڀاڱي ۾، منهنجي آخري لکيل رنگين قلمي نسخي کي بہ نظرانداز ڪيو ويو آهي ۽ شرح لکيل شاندار شاهہ جي رسالن جي احوالن ۾، منهنجي سِٽ وار سمجهاڻيءَ سان لکيل، شاهہ جي رسالي جي احوال کي بہ هاسيڪار ( بلڪ بدنيتي ذهن ۾ رکي ) شامل نہ ڪيو ويو آهي. ڇو جو اهي رسالا، مون مسڪين جي تخليقي، تحقيقي، تشريحي، ترجماتي ۽ ترتيبي محنت جو، تاريخي ۽ اڻ مٽ ثمر آهن.

اڳي، حسد انسان کي اُڏوهيءَ وانگر، اندرو اندر کائيندو رهندو هو، پر هاڻي اُهو حسد، پڙڪو ڪائي ٻاهر نڪري پيو آهي. جيڪو پاڻ سان گڏوگڏ، ٻين بہ سمورن عالمن، اديبن ۾ محققن کي، سرِ عام ساڙي ۽ ڀسم ڪري رهيو آهي. نفرت جِي باهہ جو هڪ درياهہ آهي، جيڪو علم دوست ۽ ادب شناس انسانن کي، سُڪل ڪاٺين وانگرساڙي، ڪوئلو ۽ ڪيرِي ڪندو پيو وڃي.

ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ صاحب، منهنجي منظوم ترجمو ڪيل شاهڪار ڪتاب، “. شاهہ دا رسالا ”. جي مهورت ڪري رهيو هو. ان منهنجي تاريخي ترجمي بابت، محترم ع ع لغاري صاحب اڌ ڪلاڪ جي تقرير ڪئي.


www.sindhsalamat.com

هو پنهنجي تقرير دوران، منهنجي انهيءَ ادبي پورهئي ۽ اوجاڳن جي، سخت لفظن ۾ مذمت ۽ ننڌا ڪندو رهيو. تقرير دوران، محترم قلندر شاهه لڪياري صاحب جن ڪيس روڪيندي چيو، تہ " چوهه چنڊڻ بند ڪر! توکي هن ترجمي بابت جيڪي بہ اعتراضات آهن، اُهي لکت ۾ ڏي، اسان انهن کي شايع ڪرائينداسون".. پر پاڻ ڪو بہ ڌيان ڪو نہ ڏنائون، ڳالهائي، ڳاهي، لتاڙي، هٽي وڃي هنڌ ڪيائون. ليڪن "شاهه دا رسالا". بابت، هڪ لفظ بہ همت افزائي ۽ تعريف جو ڪو نہ ڳالهايائون ۽ اسٽيج تان لهي هليا ويا.

پوچا ڏنم پير، ڍڪڻ مٿي ڊول جا،
مون پانئيو تنهين وير، هي ڪوجهي ڪندو پريڙي.

اهو ڏينهن اڄ ڏينهن، هُن همراهه جيڪا ڪلايل ڪاتي اُپي ڪئي، اُها وري واپس هيٺ رکي ناهي. اُن جي بين، ٻن ساٿين بہ هن کي جيڪو سهٽو ساٿ ڏنو، اُهو بہ ڪنهن کان ڍڪيو ڇپيو ڪونهي. هاڻي منهنجو هر هڪ ادبي پورهيو ۽ ڪم، جڻ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق جي چوري آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جيڪا پوڪ پوکي ويو آهي، هي جڻ اُن جي لاءِ، لٺ ۽ لوڙهو آهن ۽ آئون جڻ اُن لوڙهي مان لوگهو ناهي، اُن جي مسلسل چوري ڪندڙ آهيان.

**چوٿين ڳالهہ.**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جو هڪ ملازم، رٽائر ٿيندي ٿيندي، " انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا ". جي جلد نمبر ڏهين مان، منهنجن تحقيقي، تخليقي، تشريحي، ترجماتي، ترتيبي توڙي قلمي رسالن جي احوالن کي، ٻاهر ڪڍي، انهن کي اچلائي هليو ويو. فقط هڪڙي ترتيبي شاهه جي رسالي جي احوال کي ان ۾ شامل ڪري، ان جي آخر ۾ لکي ويو تہ ". گل محمد عمراڻي ۽ ٻيا اديب چون ٿا، تہ استاد لغاري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جِي تحقيق جو



چور آهي".. اهو رٽائر ٿيندڙ ملازم، منهنجو اهڙو تہ پيارو ۽ پروسي وارو دوست هيو، جو مون هڪ شاندار شاهه جو رسالو، سنڌس ئي نالي سان منسوب ڪري ڇڏيو. پر پاڻ ويندي ويندي، منهنجي محبت جو جواب، اهڙي انداز سان ڏيئي ويو، جو جنهن لاءِ ڪنهن شاعر چيو آهي، تہ " دشمن نہ ڪري ڪام، جو دوست ني ڪيا هئي".. آئون پورا پنجاهه سال، لفظ ". منافق ". جي معنيٰ کي، ڳوٺ ڳوٺ ڳوليندو رهيس، پر مون کي ڪٿان بہ هٿ نہ آئي. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي هڪڙي ملازم ۽ اديب، پنهنجي عمل ۽ ڪردار وسيلي، مون کي هڪ منٽ ۾ سمجهائي ڇڏي.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جو اهو ئي ساڳيو رٽائر ٿيندڙ ملازم ۽ اديب، ان وقت ". مفصل سنڌي لغت". جي لاءِ ايڊيٽري جا فرائض بہ سرانجام ڏيئي رهيو هو. هن موصوف ". مفصل سنڌي لغت ". ۾، شاهه جي گنج کان وٺي، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ صاحب تائين ۽ جهمٽ مل خوبچند پاوناڻيءَ کان وٺي، محمد قاسم راهمون ساڪري صاحب ۽ استاد امير علي خان مگھڻهار تائين، شاهه جي رسالي جي هر هڪ مرتب نگار ۽ محقق جو نالو، حوالي طور شامل ڪيو. توڙي جو منهنجن رسالن ۾، شاهه جي ڪلام جون لغتون ۽ معنائون موجود آهن، پر منهنجي ڪنهن هڪ بہ رسالي کي، ان ۾ حوالي طور شامل نہ ڪيائين.

جڏهن اهڙي اَنياءُ ۽ انڌير جي خلاف، اٿارٽي جي چيئرمين صاحب کي لکت ۾ درخواست ڏني ويئي، تہ پاڻ واعدو ڪيائون، تہ ". انسائيڪلو پيڊيا جي ايندڙ جلد ( نمبر يارهين ) ۾، اوهان جي ڪُل تُوتل ڪتابن ۽ رسالن جي احوالن کي ضرور شامل ڪيو ويندو. بلڪ اوهان جي خلاف داخل ڪيل شيطاني فقري کي بہ، ان مان حذف ڪيو ويندو".. ۽ پوءِ جڏهن جلد يارهون آيو، تہ ان ۾،





www.sindhsalamat.com

منهنجي ڪنهن بہ ڪتاب يا رسالي جو احوال شامل ڪو نہ هيو.

**پنجين ڳالهہ**

منهنجو ڪو بہ ڪتاب يا شاهہ جو رسالو، اڄ ڏينهن تائين، ڪنهن بہ سرڪاري پبلشرز اداري شايع ناهي ڪيو. مثلاً: ثقافت کاتي حڪومتِ سنڌ، شاهہ لطيف چيئر ڪراچي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌي ادبي بورڊ يا سنڌي لئنگئيج اٿارٽي وغيره. جنهن جا بہ سبب آهن، هڪ هيءَ تہ "آئون انهن ادارن جي مٿان مقرر ماڻهن جو دوست نہ آهيان" ۽ ٻيو هيءَ تہ " آئون وڏو ماڻهو نہ آهيان".

حوالو نمبر: ڊي جي/سي ڊي 814 / 2014 / 1 — 15 — book، تاريخ 15-7-2014 ع موجب، ثقافت کاتي حڪومتِ سنڌ، مون کان ". شاهہ جو رسالو__سِرائيڪي "جو، شاهہ مُڪي لپيءَ ۾ ڪنورٽ ڪيل، اصل مسودو گهرايو هو. ليٽر ۾ لکيو هئائون تہ ". اسان هي رسالو ترت شايع ڪرڻ چاهيون ٿا". ان ليٽر جي روشنيءَ ۾، مون فورن مسودو موڪلي ڏنو. ان بعد، اداري جي سيڪريٽري صاحب کي، هر ڇهين مهيني، معلومات وٺڻ جي لاءِ، آئون فون ڪندو آهيان، تہ اردو ٻوليءَ ۾ ڪو شخص چوندو آهي ". صاحب ميٽنگ ۾ هئي".. اهڙيءَ ريت ڪيترن ئي سالن کان وٺي، صاحب اڄان تائين، مسلسل ميٽنگ ۾ مصروف آهي ۽ منهنجو ان سان رابطو ٿي نہ سگهيو آهي. ان ڪري منهنجو منظوم ترجمو ڪيل ڪتاب ".شاهہ جو رسالو_سرائيڪي"، ثقافت کاتي حڪومتِ سنڌ جي پليٽ فارم تان، اڄان تائين شايع ٿي نہ سگهيو آهي. اگر اهو منهنجو رسالو، ثقافت کاتي حڪومتِ سنڌ پاران، منهنجي مرڻ کان پوءِ شايع ٿيو، تڏهن بہ آئون ايئن سمجهندس تہ "مون ڪٿيو".

ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ، شاهہ لطيف چيئر ڪراچي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌي ادبي بورڊ ۽



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، اسان جا عظيم ادارا آهن. اهي ادارا جن عظيم مقصدن خاطر قائم ڪيا ويا هئا، اُهي مقصد انتهائيءَ اهميت جا حامل هئا. ليڪن آهستي آهستي، انهن ادارن کي، سياسي اُڏوهي کائڻ شروع ڪيو. اُن بعد، اُنهن ادارن جي مٿان، سياست جا ڪارا ڪاريهر ۽ نيرانا نانگ مقرر ٿيندا ويا. جن انهن ادارن کي، پنهنجن پيچدار ور وڪڙن ۾ وڪوڙڻ شروع ڪيو. هاڻي تہ اُهي اُڏوهيون ۽ نيرانا نانگ بہ نڪري ويا آهن. اسان جي انهن مقدس ادارن جي مٿان، هن وقت راڪاس ٻرڙ ٻاڪاس قبضو ڪري ويا آهن، جن کي اها خبر ئي ڪانهي، تہ سنڌي لوڪ ادب ۽ لطيف شناسيءَ تي، هن وقت ڪير ڪير ڪم ڪري رهيا آهن؟ جن کي همٿائجي ۽ انهن جا شاهڪار شايع ڪرائجن. بس! انهن کي فقط هڪڙو ئي فڪر فنا ڪيو ٿو وجي، تہ ". ڪهڙو ماڻهو اسان جو يار آهي؟ ۽ ان جو ڪتاب ضرور شايع ڪرڻو آهي!". ۽ ٻيو هيءَ تہ " ڪهڙا کهڙا فنڊز، ڪٿي ڪٿي ڏيڪارڻا آهن؟". ۽ ٻيو بس!

**ڇهين ڳالهہ**

منهنجو جڏهن بہ ڪو نئون ڪتاب شايع ٿيندو آهي، تہ پَونتريُون پرڙاٽ، ڦُوسيُون ڦرڙاٽ ۽ ٽِنِڪُنٽيُون ٽرڙاٽ ڪنديون آهن. هڪٻئي کي چونديون آهن، تہ " استاد لغاريءَ هي هي غلطيون ڪيون آهن، مون فلاڻي چُڪ پڪڙي ورتي آهي ۽ هي ڪتاب غلطين سان پريو پيو آهي". وغيره وغيره".. هو پنهنجي پاڻ کي، سقراط ثاني، افلاطون جو استاد ۽ رُوميءَ جو رهبر سمجهنديون آهن. آئون اهڙيءَ ريت، سدائين جهنگلي جيتامڙن جون ٻوليون ۽ گٽرن ۾ گڏ ٿيل، ڪِني ڪَسِيءَ جي ڪِيڙن جِي ٻُلڪاٽ ٻُڌندو آهيان ۽ وري نوان نوان ڪتاب لکي، انهن کي وري ويتر وڏيڪ تيز ڪري ڇڏيندو آهيان.





www.sindhsalamat.com

## نتيجو

مٿي ڏيڪاريل ڇهن ڳالهين کان پوءِ، هي نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو، تہ “سنڌي ادب ۾، پنهنجو مقام پيدا ڪرڻ جي لاءِ، وڏي ويڙهہ ۽ جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي. سنڌي ادب ۾ مٿي وينل، مها مانگر مڇن، ٻُڪايل ٻگهڙن ۽ برڙ باڪاسن سان، باقاعده جنگ جوٽڻي پوي ٿي. نفرت، حسد ۽ بُغض جِي باهہ جو هڪ درياهہ آهي، جنهن ۾ ٽُٻيءَ هڻي، هُن پار پهچڻو پوي ٿو. نہ تہ ماڻهو، پنهنجو حقيقي ۽ مانائتو مقام قطعي ڪو نہ ٿو ماڻي سگهي”.

يي عشق نهين آسان ، بس اتنا سمجھ ڊالو،
اِڪ آگ ڪا دريا هئي، اور ڊُوب ڪي جانا هئي.


علم جو خادم

**استاد لغاري**

پوسٽ آفيس ڪپرو، وايا ميرپورخاص سنڌ

03453721300 / 03332888300

ustadlaghari333@gmail.com


02 سيپٽمبر 2018ع

## 1. سُر “ڪلياڻ” جو فلسفو

دنيا جي ڪيترن ئي عالمن،حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ڪلام ۽ رسالي کي،سمجهڻ،سمجهائڻ ۽ ان کي آسان بنائڻ جي لاءِ قلم کنيو آهي.ان سلسلي ۾اسان اڄ شاهہ جي رسالي جي سُر“ڪلياڻ”جو تعارف ۽ ان جي ڪن ٻہ ٽئن بيتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين.اُميد تہ شاهہ جي رسالي جا شيدائي ۽ طالبِ علم اُن مان ڇڱو چوکو لاڀ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ اسان کي پڻ دُعاءِ خير ۾ ياد رکندا.

### سُر “ڪلياڻ”

“ڪلياڻ” سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي،جنهن جي لغوي معني آهي خير،سُک ۽ من جو قرار.

هي شاهہ جي رسالي جو وحدانيت وارو سُرآهي، هن سُر سان ، شاهہ جي رسالي جي ٻين سُرن بابت ، فڪر،فهم ۽ فراست جا دروازا کُلن ٿا. جن ۾ شاهہ صاحب، وحدت ۽ ڪثرت جو مسئلو، صوفياني طريقي سان سمجهائڻ ۽ سُلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن سُر ۾، الله پاڪ جي وحدانيت ۽ حضرت محمد مصطفي صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي رسالت سان گڏوگڏ ٻين بہ ڪيترن ئي نقطن تي پُڻ بحث ٿيل آهي. جهڙوڪ ابتدا ۽ انتها ، احد ۽ احمد ، اڌي ۽ سِر، الف ۽ ميم، ٻود ۽ نابود، ٻُڪيءَ ۽ ٻاجهہ، ٻيلپ ۽ ٻيائي،پتنگ ۽ پروانو،پچڻ ۽ پچائڻ، پريت ۽ پريتڻو،جيرو ۽ جيءَ، خدا ۽ خوديءَ،درد ۽ دارونءَ، دوئيءَ ۽ دليل، راز ۽ رمزون، روميءَ ۽ رهاڻيون، سُجود ۽ وُجود، سچ ۽ مچ، سڌ ۽ پڙاڏو، سُرڪيءَ ۽ سڌ، سسيءَ ۽ ساهُہ، سکڻ ۽ سُور، سُوريءَ ۽ سيج،شرڪ ۽ شيطان، صورت ۽ سونهن، صوفي ۽ لاڪوفي، طالب ۽ مطلوب، عاشق ۽ معشوق، عبد ۽ معبود، فنا ۽ بقا، قيام ۽




www.sindhsalamat.com

قعدو، ڪاتيءَ ۽ ڪسڻ، ڪافر ۽ ڪُفر، ڪورو ۽ ڪامڻ، لوهه ۽ لچڪڻ، لهس ۽ لُذّڻ، محبت ۽ مامرو، مورت ۽ موهه، نفيءَ ۽ اثبات ۽ نوڙت ۽ نماز وغيره تي پڻ روشنيءَ وڌل آهي.

ڪري طريقت تڪيو، شريعت سڃاڻ،
هنيون حقيقت هيرتون، ماڳ معرفت ڄاڻ،
هوئج ثابوتيءَ ساڻ، تہ پُسڻ ڪان پالهورهين.

هندوستاني موسيقيءَ جي روايت موجب "ڪلياڻ" هڪ مکيہ ٺاٺ آهي، جنهن مان ٻيا راڳ پنهنجو رستو ٺاهي نڪرن ٿا. سُر "ڪلياڻ" جا پنج جدا جدا قسم آهن، هڪ "شام ڪلياڻ"، ٻيو "ايمن ڪلياڻ"، ٽيون "ڀوپالي ڪلياڻ"، چوٿون "حميرڪلياڻ" ۽ پنجون "ڪيدار ڪلياڻ".

"ڪلياڻ" شاهہ جي رسالي جو پهريون سُر آهي، جنهن ۾ 147 بيت، 6 وايون، ۽ 5 داستان شامل آهن. الله تبارڪ و تعالي جي تعريف سان شروع ٿيندڙ هن سُر جو پهريون بيت "اَوَلُ اَللهُ عَلِيمُ، اَعلي عالَمُ جو ڌَڻِي" ۽ آخري وائي "سُپيريان جي سُونهن جي، ڳالهہ ڪِيئن نہ وڃي؟" آهي.

**چند بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

اَوَلُ، اَللهُ، عَلِيمُ، اَعلي عالَمُ جو ڌَڻِي ،
قادرُ پنهنجي قُدرت سين، قائمُ آهہ قَديمُ،
والي، واحد، وحده ، رازقُ ربُ رحيمُ ،
سو ساراهِ سچوڌڻي، چئي حمدُ حڪيمُ،
ڪري پاڻ ڪريمُ، جوڙون جوڙ جهان جي.

سڀ ڪان اول الله پاڪ جي ذات با برڪات آهي، جيڪو وڏي علم رکڻ وارو، مڙني ڪان مٿانهون ۽ پُوريءَ ڪائنات (جهان) جو ڌڻي آهي. اُهو ئي قدرت وارو، پاڻ پنهنجي طاقت ۽ توانائي سان، ازل ڪان وٺي موجود ۽ قائم آهي. اُهو الله پاڪ، جيڪو يڪتا آهي، جنهن جو ڪوئي بہ شريڪ ڪونهي، اڪيلو ۽ واحد آهي ۽ هر شئي کي روزي رسائيندڙ، پالڻهار مهربان آهي. (اي انسان!) تون فقط اُنهيءَ



هڪ سچي ڌڻيءَ جي ساراهہ ڪر، جيڪو سدا حڪمت وارو ۽ تعريف جي لائق بہ آهي. اُهو بنا گهرڻ جي، پنهنجو ڪرم پاڻ ڪري ٿو ۽ سڄي جڳ جهان جي ٺاهہ جوڙ ڪندڙ ۽ خلقيندڙ آهي.

صوفي لا ڪوفي ، ڪو نہ پانئيس ڪير،
منجهائين منجهہ وڙهي ، پڌر ناهس پير،
جني ساڻس وير ، ٿئي تني جو واهرو.

صوفي (سالڪ) ڪي، پنهنجو ڪو بہ فرقو يا حسب نسب ناهي هوندو ۽ هُن (صوفيءَ) سان ڪنهن کي ئي محبت ڪانهي هوندي. هُن سچي سالڪ جي لڙائي ، پنهنجي من اندر جي نفساني خواهشن سان هوندي آهي، هُو پنهنجي وجود ڪان ٻاهر پير نہ پائيندو آهي. جيڪي بہ صوفيءَ جا مخالف هوندا آهن، هي (صوفيءَ) وري اُنهن جو ئي واهرو ۽ مددگار پيو ٿيندو آهي.

سِر نايو سَجدا ڪرين، تَنُ تَواضعو تو نہ،
هُوجو مٽڪو من جو، سُوڌو سورين سو نہ،
ڪُوڙا ! ٿيندئي ڪو نہ، ڦُوڪئي ڏوتي فائدو.

(اي سالڪ!) سِر جهُڪائي، سَجدا پيو ڪرين، پر حقيقت ۾ تو پنهنجي جند جان کي، نياز، نوڙت ۽ ادب ۾ اجان آندو ئي ناهي. جيڪو تنهنجي ساهہ ۽ من وارو اندريون مٽڪو آهي، تنهن کي ٿُون سڌي سليقي سان سورين ڪو نہ ٿو. اي قلب جا ڪُوڙا ! انهيءَ ٻاهرين چند ڦُوڪ ۽ مڻ مڻ ڪرڻ سان، تو کي ڪو بہ فائدو ڪو نہ ٿيندو .

عاشق ايئن نہ هُونِ، جيئن تون سڄي اگهڙين،
وڃيو درِ دوستن جي، رَتُ ڏينهاڻي رُونِ،
ٻِيءَ پرِ ڪنهن نہ پُونِ، ماڪُرِمحبوبنِ سِين.

سچا عاشق ايئن ٿوروئي هُوندا آهن، جيئن ٿُون ٿُلهو متارو، ڳاڙهو ڳتر ۽ ڏندو مُتو لڳو پيو آهين. اُهي (عاشق) روزانو پنهنجي پرينءَ جي در تي پهچن ٿا ۽ رت جا ڳوڙها





www.sindhsalamat.com

ٻاڙي، "هئي هئي" واريون هنجهون هارين ٿا. ڇو جو اُهي ٻئي ڪنهن بہ حيلي بهاني سان، پنهنجي منڙي محبوب وٽ، مقبول ۽ منظور نٿا ٿي سگهن.

محبت جي ميدان ۾ ،سِر جو سانگ مَ ڪرِ،
لاهي سِرُ لطيفُ چئي، اڳيان دوستن ڌرِ،
وڍيئين تہ واهہ ٿئين، سندي دوسان درِ،
عشق نانگ اَپرِ ، خبرِ ڪاڏنِ ڪان پوي.

(اي البيلا عاشق !) جي محبت واري ميدان ۾ پير پاتو اٿئي، تہ پوءِ پنهنجي سِرُ جو سانگو صفا لاهي ڇڏ . سُهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ "پنهنجو سِرو وڍي، تِريءَ تي ڪٽي،منڙن محبوبن جي اڳيان آڻي رک . جي ايئن پنهنجو سُڳنڌو سر وڍي ڏيندين، تہ دوستن جي در تي، "واهہ واهہ" ٿي ويندئي. نينهن هڪ خطرناڪ نانگ ۽ وڏو عذابي اجگر آهي، جنهن جي خاص خبر صرف اُهي ٻُڌائين ٿا، جيڪي اُن جا ڏنگيل ۽ ڏنپيل هُوندا آهن .



## 2. سُر "يمن" جو فلسفو

شاهہ جي رسالي ۽ ڪلام کي، ڪنهن بہ زاويي ۽ رخ کان پڙهنداسين تہ ان ۾ وحدانيت ۽ رسالت سان گڏوگڏ، جدوجهد جو جذبو ۽ پاڻ ارپڻ جو پيغام پسڻ ۾ ايندو. هتي سُر "يمن" جو مثال وٺون ٿا تہ ڪيترا ئي بيت،اصطلاح ۽ جملا رڳو جدوجهد جي حوالي سان، اسان جي رهنمائي ڪن ٿا. مثال طور؛ "سِرڏيئي سٽِ جوڙِ، ڪنهن پرِ ڪلاڙنِ سين" ، "منهن ۾ معشوقنِ جا، جهالو ٿي جهليجِ" ،"اڄ پُڻ آڳڙين، ميڙو آهي مچ تي" . وري پاڻ ارپڻ جو جذبو بہ هن سُر ۾ نمايان نظر اچي ٿو. مثال طور؛ "ڪانديين، ٿانديين، ٻاٻرين ، پچان مر پيئي" ، " مر مران ،مارين مون ، پُرزا پُرزا ڪنِ" ، "پريمِ! تنهنجي گهاءِ ، مران تہ مان لهان" .

هن ڪان هيٺ شاهہ جي رسالي مان ، سُر "يمن" جي فلسفي ۽ تعارف کي، بيتن جي سمجهاڻين سميت سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين، جن ۾ وحدانيت، رسالت، جدوجهد ۽ پاڻ ارپڻ جا اصطلاح نہ رڳو پوشيده آهن ، پر ڪٿي ڪٿي پڌري پٽ بيٺل آهن.

**سُر "يمن"**

"يمن" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معني آهي، "من کي روڪڻ" ، "پُر سُڪون ٿيڻ" ۽ "دل جو اطمينان حاصل ڪرڻ" .سُر "يمن" گهٽي پاڳي سُر "ڪلياڻ" ۾ سمايل فڪر ۽ فهم جي تصديق ۽ ان جو وڌيڪ تفسير آهي. هن سُر ۾ نج حقيقي عشق ۽ صوفيانہ سُلوڪ جي رمزن جِي ، مختلف مثالن ۽ تمثيلن سان اُپٽار ڪئي ويئي آهي، جهڙوڪ ؛ آڳڙين ۽ اڱارن ، اگهن ۽ سگهن ، باهہ ۽ ٻُڪين ، ٻنين ۽ ٻُنين ، ٻُڪيءَ ۽ ويڄن ، تير ۽ نيشانن ، پرڪا ۽ پيڙن ، پياڪ ۽ پيالين ، جيري ۽ جونشن ، چاڪ ۽ چُٽڪن ، حبيبن ۽ طبيبن ، خُلت ۽ خنجرن ، دارون ۽ دردن ،





www.sindhsalamat.com

دوڳ ۽ ديڳن ، ڏاتر ۽ ڏُڪندن ، ڏنيءَ ۽ ڏڏن ، رڳن ۽ ربابن ، رُٽڪ ۽ رنجورين ، سيخن ۽ سڄڻن ، عاقل ۽ ابوجهن ، قاضي ۽ ڪتابن ، ڪاندن ۽ ٿاندن ، ڪان ۽ ڪماڻن ، ڪڪوهه ۽ ڪلاڙن ، ڪنڌ ۽ ڪٺارن ، ڪٺهيءَ ۽ ڪڙڪن ، ڳوري ۽ ماڳن ، لُونئن ۽لُهارن ، ماڳ ۽ مستانن ، مُترڪي ۽ سانداڻن ، مڌ ۽ ميڙاڪن ، مرڻ ۽ مُشاهدن ، موريسر ۽ اڪين ، موڪي ۽ مٽارن ، مئخاني ۽ ماڪُن ۽ وِهُ ۽ وٿين وغيره جي ڳالهه ڪئي ويئي آهي .

مَ ڪرِ سڌ سري جِي ، جي ٿُون ٿاريين ٿُروهه،
پيتي جنهن پري ٿئي ، منجهان رڳن روح،
ڪاتي چڪ ڪَڪُوهه ، لاهي سِرُ لطيفُ چئي.

هندوستاني موسيقيءَ جي روايت موجب ، ”راڳ ايمن“ سنڌ ۾ آڳاٽي دور کان رائج ٿيو، هڪ راءِ موجب ”ايمن“ جيڪو“ڪلياڻ ٺاٺ“ جو پهريون راڳ آهي ، سو اصل ۾ خالص عرب ايراني راڳ آهي ۽ ”يمن“ جو ئي بگڙيل نالو آهي.هي راڳ هندوستاني راڳ ”نٽ ڇايا“ سان لڳي ٿو ۽ راڳ ”جيجونتي“ سان مشابهه آهي.

سُر ”يمن “ شاهه جي رسالي جو ٻيو نمبر سُر آهي ، جنهن ۾ 161 بيت ، 07 وايون ۽ 06 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون نمبر بيت ، ”حبيب ٿُون ، طبيب ٿُون ، ٿُون درد جي دوا “ ۽ آخري وائي ”وسارج مَ ويڻ ، آهي جوين ٻه ٿي ڏينهڙا “ آهي.

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

پاٻوهي هيڪار،مون کان پُڇيو سڄڻين،
”الستُ بِربڪُم“ ، چيائون جنهن وار،
سندي سُورڪنار،تڻ تڏهانڪون نہ لهي.

منهنجي سهڻي سڄڻ ، هڪ پيرو مُرڪي، پنهنجيءَ ٻاجهه ۽ مهر منجهان، مون کان سُوال پڇيو.“ ڇا آئون اوهان جو ربُ نہ آهيان؟” ( ۽ منهنجي روح اقرار ڪيو ”هائو !“)



جڏهن ايئن فرمايائين. اُن ويل کان وٺي، ذاتِ حق کان،منهنجي روح جي جدائي واري سختي، اجان تائين نہ ٿي لهي.

سگهنِ سڌ نہ سُور جي،تہ گهايل ڪيئن گهارينِ،
پيل پاسو پٽ تان، وڍيل نہ وارينِ،
پرِ ۾ پڇي پرينءَ کي، هٿي هنجهون هارينِ،
سڄڻ جي سارينِ، سي نہ رون،نہ چون ڪين.

ٿُلهن متارن کي (ڏُندبن مُٺن بي دردن کي ) وڇوڙي جي سخت سور جي کهڙي خبر؟ تہ درد ۽ فراق جا ماريل عاشق ، ڪيئن ٿا گهڙيون گهارين؟ جيڪي ويچارا ورهه جا وڍيل هوندا آهن،اُهي پٽ تي پاسو ڪوڙي پيا رهندا آهن. سي اُٿلي پُٿلي ۽ ڇُري سُري بہ ڪو نہ سگهندا آهن.هُو پنهنجي منٺڙي محبوب سان ملڻ لاءِ، پنهنجيءَ پر ۾ پيا پڇندا آهن ۽ “هاءِ هاءِ” ڪيو پيا هنجهون هاريندا آهن.جيڪي پنهنجي پرينءَ کي، دل جي گهراين سان سارين ٿا، اُهي نڪي ٿا پڏرو روئن ۽ نڪي ٿا ڪنهن کي دانهن ڏين .

سَر جو سڄيوسڄڻين ، ٻنگان ٻاڻ پري ،
ويو وجودان نڪري، “ڪڙ ڪڙ” ڪان ڪري ،
پُڇو پير پري، تہ ڪين نريو هٿ حبيب جو؟.

گوڏو ڪوڙي،وجهه وٺي، منٺڙن محبوبن، جيڪو تير تڪي، مون (البيلي عاشق) کي وهائي ڪڍيو. اُهو(تير) اهڙو تہ سڌو سنئون لڳو، جو منهنجي ڪرنگهي مان ، “ڪڙ ڪڙ” ڪندو، جسم مان آر پار نڪري ويو. (اي دوستو !) منهنجي منٺڙي محبوب کان وڃي پُڇو، تہ اهڙي زورائتي ڏڪ هڻڻ سان، هُن جو هٿ نريو يا ڪو نہ نريو؟.

سِرُ سانداڻ ڪري ، پُڄج گهر لُهار جو ،
ڌڪنِ هيٺ ڌري ، مانَ گَڏيئي رُڪ سين.

(اي البيلا عاشق!) پهريان پنهنجو ثابت سِرُ (هجر جي هٿوڙي هيٺان رکڻ لاءِ) سانداڻ ڪري، پوءِ ڪنهن لُهار(منٺڙي





www.sindhsalamat.com

محبوب) جي گهر جي پُڇا ڪر. من ڏکن مٿان پيا ڏک هٽي، صفا سچي رُڪ ساڻ ملائي، توکي ان سان گڏي هڪ ڪري ڇڏي.

اٿئي سَڌ سُرڪ جي ، تہ ونءُ ڪلاڙين ڪاتي ،<br>
لاهي رک لطيف چئي ، مٿو وٽ ماتي ،<br>
تِڪ ڏيئي پِڪ پيءُ تون ، ڪُهُٽ منجهان گهاتي،<br>
جو ورنهہ وهاتي،سوسِر وٽ سرو ساهنگو .

(اي البيلا عاشق !) جيڪڏهن توکي سري جي سُرڪ چکڻ جِي خواهش آهي، تہ پنهنجو سِرُ سينگاري ، قربدار ڪلاڙن جي ڪاتي ڏانهن هليو وڃ . سُهڻوشاهہ لطيف چوي ٿوتہ جنهن ماتي ۾ چڱو چوکو شراب ڇڪائجي ٿو، تون پنهنجو سينگاريل سِر وڏي، وڃي اُن جي آڏو رک . تُون اُن محبت جي گهاتي مڌ مان، ڪُهُٽ ڪُهُٽ ڪري،ڍُڪيتون ڏيئي،پوءِ ويهي پيار جون پِڪون پيءُ . جيڪو سچائي ۽ صداقت وارو سَرو، الهڙ البيلن کي وڏي، ڊيري ڪري ٿو رکي ، سو سِر جي سودي (عيوض) ۾ بہ صفا سستو آهي .

اهڙيءَ ريت سُر "يمن" ، حضرت سيد شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي پيغام ۽ فلسفي واري پالوٽ سان ، اختتام پذير ٿئي ٿو، جنهن مان ڪيترا ئي معني جا ماڻڪ ۽ موتي ميڙي ، پائي ۽ پُروئي سگهجن ٿا .

## 3. سُر"ڪنيات"جوفلسفو

"ڪنيات". سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي،جنهن جي لغوي معني آهي"ڪنپ وارو". يا "ٿنپ وارو".. هندوستان جي صوبي گجرات ۾ ، اولهندي طرف،هڪ ننڍو ۽ قديم شهر موجود آهي. جنهن تي اهو نالو "ستمپاوت". يعني "ٿنڀن واري" مهاديوَ جي نالي پُنيان پيو.

هي شاهہ جي رسالي جو محبت سان مالامال ۽ مخموري سُر آهي، البت ڪٿي ڪٿي حقيقت جا جلوا بہ جرڪندي نظر اچن ٿا.مثلا: "پلا ، پلائيءَ پانهنجي ، پلا ئي آهين " . يا "جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين " .

ڀٽائي صاحب هن سُر ۾ ، چوڏهينءَ جي چنڊ ۽ چانگي سان ، گهٽائي عاجزين وارا ڏوراپا ۽ ڏک اوريا آهن. پاڻ چنڊ کي چون ٿا "اي چنڊ ! جي تون مٿي چڙهي ٿواچين، تہ اسان ۽ پرين جي وچ ۾، وڇوڙو ٿو وجهين." "چنڊ ! ڇٽائي تنهنجي ، سهائيءَ مون سُور." "قمر ! ڪارو نانگ ، توکي ڪائي ڪڏهين ".. "چنڊ ! مَ اُڀر سنجهہ ، تہ اُونداهيءَ اجهو ڪريان".

آيو چنڊ چڙهي ، چاريءَ جو چيو ڪري ،<br>
بيٺو اُتِ اڙي ، جتِ ڏٺائين پرينءَ کي.

ڀٽائي صاحب ، اُداس البيلي عاشق جي پاران، چانگي کي منٿون ۽ ايلاز ڪندي چوي ٿو." اي اُٺ ! مون کي ايئن ڪٺي هل، جو اجان رات بيني هجي، تہ هُتي هلي ، منڙي محبوب سان ملون ".."ايئن اُٺ ! اُناءِ ، جيئن هُونديءَ رات هُتِ مڙون "..".ميا ! تو مهار ، سجي پايان سونَ جي ".."ڪرها ! اسان ساڻ ، کي چانگا ! ڪِج چڱائيون " .


www.sindhsalamat.com

اڄ منهنجي ڪرها ! ميا ! مڄ منٿ ،
جهاڳيندي جهرپٽيون ، متان ڪريين ڪٽ!
سُپيريان جي سٿ،مون کي نيئي ميڙيين.

هندوستاني موسيقيءَ جي روايت ۾ ”ڪماچ“. 7
”سنڌ“ جي سنگت سان،سنڌ ۾ نئين ”ڪنپات راڳڻي“. وجود ۾ آئي. جنهنکي هندوستاني ڳائيندڙن ”سنڌ ڪماچ“. ڪري سڏيو. ”ڪنپات“. شاهه جي رسالي جو ٽيون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 96 بيت ، 08 وايون ۽ 05 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون نمبر بيت ”. پيشانيءَ ۾ پرين جي ، پلائيءَ جا پير ”. ۽ آخري وائي ”. توٽي تڙين ٿُون ، تو در توءِ نه چڏيان “ آهي .

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

هينئڙي سڄڻ ساريا ، ڪٿي هُوندم هير ؟
اڇي لالڻ ! نہ ڏيين ،مٿي پلنگن پير !
ٿي ورونهڻ وير ، ڳُجهه ڳرهيان ڪَنِ سين؟

من ۾ محبوب مٺا ياد آيا ، هينئر، هن وقت هوندا تہ الاءِ جي ڪٿي ؟ اي منهنجا لال پرينءَ ! ٿُون اڇي نہ ڏيين، پلنگن تي پنهنجا پدمڙا پيرڙا . هيءَ ڳل لڳي ڳالهيون ڪرڻ جي مهل آهي، دل جا راز ٻيو پلا آئون آخر ڪنهن سان ويهي اوريان ؟

اڄ پُڻ اڇائي ، چوڏهينءَ ماهه چنڊ جي ،
مون ڏونهن مون پرينِ جي،اڇڻ جي وائي،
مون گهرِواڏائي، پيئي ڪام ڪرنِ ۾ .

مهيني جي چوڏهينءَ رات جي ڪري، اڄ اڄان وري وڏيڪ چانڊوڪيءَ آهي . مون ڏانهن منهنجي محبوب پرينِ جي ، اڄ اڇڻ جي وائيءَ ۽ پچار پيئي هلي. منهنجي گهر ۽ اڱڻ تي، مبارڪون پيون ملن ، رقيبن جي دل ۾ ، ساڙ ۽ حسد شروع ٿي ويو آهي .



ڪرها ! ڪسر چڏ ، وک وڌندي پاءِ ،
منهنجو هلڻ اُتهين، جتي جانب جاءِ،
توکي چندن چاريان، ٻيو وڳ لاٽي ڪاءِ،
اِيَهين اُٺَ!اُناءِ،جئن هُونديءَ راتِ هُتِ مڙون.

اي البيلا اُٺ! اِها پڳل دل واري وک ڪٽڻ چڏي ڏي. تيز، تکي ۽ تکڙي تکڙي وک کڻ . منهنجي هلڻ جو ارادو اڄ اتي آهي، جتي منهنجو سُهڻو سڄڻ رهي ٿو . تو هکڙي کي، آئون چندن جون سُرهيون چوٽيون چاريان، ٻيو سمورو وڳ پلي پيو ڪاري لاٽي کائي . اي البيلا اُٺ! مون کي ايئن ڪٽي هلي رساءِ ، جيئن راتو رات هلي، هُتي منڙي محبوب سان ملون .

ڪرهي کي ڪئين ، وڏمِ پينڊ پلڻ جا ،
ليڙو لاٽيءَ کي چري، نير ساڻ نئين ،
چانگي سندي چِتَ ۾، صاحب! وِجهه سنئين ،
اوباهيوسِ ائين،لُطف ساڻ لطيفُ چئي .

ڪرهي کي قابو ڪرڻ جي لاءِ، سندس پيرن ۾ ، مون ڪيترائي ڏکيا ڏانوڻ وڌا . اهو چريو پورو چانگو، سنگهرن سوڙو وجيو ڪاري لاٽي کائي ٿو. اي الله پاڪ ! (اي سچا صاحب !) هن منهنجي ميي جي من ۾ ، ڪا سنئين، سڌي ۽ سُريلي سوچ سمجهه وجهُ . سهڻو شاهه لطيف چوي ٿو تہ “ پنهنجي خاص لطف ۽ ڪرم سان ، هن کي سالم سوچ ڏيئي، اوهين سُرخرو ڪريو .

ميي ماڳائي ، وڏو وات ولين کي ،
خبر ڪيٿ ڏٽين ٿي، وِڏوٽا واهي،
ڪرهي ڪاڪت چڏي، وَرِيَسِ نہ وائي،
چانگي چريائي ، ويئي ويچاري وسري.

منهنجو منڙو ميو، ماڳ ڪان ئي، (شروع ڪان ئي) انهن پَرائنِ ولين ۾ وات وجهڻ سکيو آهي ، (پرايون وليون چنيون اٿس) جڏهن خبر پيئي پوڪ ڏٽين کي،



www.sindhsalamat.com

تڏهن (سنڀاليندڙ) گهڻو ڪاوڙيا ۽ ڏاڍو ڏمر ڪيائون . پوءِ تہ البيلي اٺ ڪان لڪڻ ۽ ڀڄڻ جي طاقت ئي ڇڏائي ويئي ، ڪنهن کي سڏ ۽ پُڪار بہ ڪري ڪونہ سگهيو . ان منهنجي ميي ويچاري کي، من مستي ڪرڻ ۽ جان بچائڻ جي ، پوءِ تہ ٿل بہ وسري ويئي .

اهڙيءَ ريت شاهہ جي رسالي جو ٽيون نمبر سُر ، سُر "ڪنيات". محبتي ميا سان مالامال ۽ عاشقانہ التجائن سان آراستہ ، پنهنجي پُڄاڻيءَ تي پهچي ٿو . جنهن مان ڪيترين ئي دڪايل دليون ، سراسر سيراب ٿين ٿيون ۽ سُڪون حاصل ڪن ٿيون .



## 4. سُر "بروي" جو فلسفو

"بروو" نج سنڌي لفظ آهي ، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "برهہ وارو" يا "برهہ جو بيمار" . چون ٿا تہ دهليءَ جي شهر ۾ ، بادشاهيءَ محلات جي اڳيان، دريءَ تان بيهي، هڪ شهزاديءَ بازار جو نظارو ڪندي هئي. بازار ۾ هڪ ڪاسائيءَ جي گوشت وڪڻڻ جو دڪان هو. جتي "بروو" نالي نوڪرگوشت وڪڻندو هو. دريءَ منجهان شهر جو ديدارڪندي، شهزاديءَ ۽ بروي جون اکڙيون اٽڪي ويون. شهزاديءَ گوشت وٺڻ لاءِ، ٻانهيءَ کي ٻاهر موڪليندي هئي. گوشت ختم ٿي وڃڻ جي صورت ۾، بروو چوري چوري پنهنجي جسم تان گوشت ڪپي، ٻانهيءَ کي ڏيئي ڇڏيندو هو.

هڪ ڀيري دڪان تي گوشت ختم ٿي ويو۽ بروي جي بت تي بہ گوشت جو ذرو باقي نہ رهيو تہ بروي، ٻانهيءَ کي ڪاتي ڏيئي چيو " وٺ ڪاتي، وڍِ انگڙا، ادب ڪرِ م ڪوءِ " . تڏهن شهزاديءَ کي وڃي خبر پيئي تہ ، "بلي ! بروو منهنجي لاءِ ڪيڏي قرباني پيو ڏئي؟" پوءِ انهن ٻنهيءَ جي دوستي عروج تي پهتي ۽ سندن شادي ٿي .

هن سُر ۾ سنڌي شاعرن جيڪو ڪلام چيو، اُن کي "برووسنڌي" ۽ هندي شاعرن جيڪو ڪلام چيو ، اُن کي "بروو هندي" يا "بيراڳ" ڪري سڏيو ويو. مثلاً: هنديءَ جي هڪ شاعرچيو آهي:

ساجن هماري پاس رهي ، دن ٿوڙي دس بيس ،
ايڪ ايڪ هووي لاک برس ڪا،ايسي هوون دن تيس،

هن سُر ۾ شاهہ صاحب، مجازي محبت جي مثالن جا واهڙ وهايا آهن. ڪڏهن ڪانگل کي ڪورنشون، زاغ کي زاريون، ويندڙن کي وينتيون، عاجزيون، منٿون، حيلا ۽ ايلاز ٿو ڪري، تہ ڪڏهن چوي ٿو، "ڪانگل ! ڪتابت جي ،





www.sindhsalamat.com

آنديئي خُوب خبر ”، “ ڪي اوڏائي ڏور ، ڪي ڏور بہ اوڏا
سپرين ”، “ڪڏهن تاڪيون ڏين،ڪڏهن ڪلن در دوستن جا ” .
هندوستاني موسيقيءَ ۾ “راڳ بروو” موجود آهي، پر
سنڌ ۾ “بروو” شروع ڪان ئي سنڌي موسيقيءَ جي هڪ
مقامي راڳ يا راڳڻي طور ڳايو ويو . “بروو سنڌي” جڻ
هندوستاني موسيقيءَ جو“نٽ ملهار” آهي.
“بروو” شاهه جي رسالي جو چوٿون نمبر سُر آهي،
جنهن ۾ 80 بيت ، 06 وايون ۽ 04 داستان شامل آهن . هن سُر
جو پهريون نمبر بيت ” جڏهن پوي ٿي ياد، صحبت سُپيرين
جي . ۽ آخري وائي “ مولو ڪندو ماڙ ، منهنجي الله ڪندو
ماڙ ” آهي .

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

جانب ! تون جيڏو ، آهيين شان شعور سين ،
مون تي ڪرمنهنجا پرين!توهه تُسي تيڏو،
ايءُ ڪامل!ڪم ڪيڏو،جيئن نوازيم نگاهه سين.

اي منهنجي جيءَ جا جانب! تون جيڏو وڏو شان ۽ شعور وارو آهين. اي منهنجا محبوب پرين ! تون ايڏو ئي وڏو ، مون تي ڪلندي ڪٽي ڪرم ۽ احسان فرماءِ. اي چڱا ۽ اشراف ! اهو ڪيڏو نہ وڏو ڪم ٿي پوي ! جو تون مون ڪي ، پنهنجي نرم نگاهه سان ڪٽي نوازين !

تون صاحبزادو سُپرين ، آئون نسورو نوڪر !
بيحد ڪريان بندگيون ، هٿ بڌي حاضر ،
چنان هڏِ نہ ڇڏيان ! دوست! تنهنجو در ،
مون تان مهرنظر ، پرين! لاهہ مَ پانهنجو .

اي منهنجا سهڻل سُپرين! تون صاحب جو اولاد آهين ۽ آئون (اوهان جو) خاص خادم ۽ نسورو نوڪر آهيان ! بيئي هٿڙا جوڙي، تمام گهڻيون خدمتون ڪريان ٿو ۽ اوهان جي حاضري ڀريان ٿو . اي دل جا دلبر! تنهنجي در ڪي ڇڏي، دوستيءَ ٽوڙي، قطعي ڪونہ ويندس مان ! اي منهنجا پيارا



پرينءَ! مون تان پنهنجيءَ مهر واريءَ نظرِڪرم، ڪڏهن بہ نہ هٽائجانءِ تون .

زاغ ! تنهنجيءَ ذاتِ جو، ٽورو مٽي مون ،
اُڏامج، عبداللطيف چئي ،صبح سيٽڻ ڏون ،
ڪِج وينتيون وِتريون، پاجهائيج پهون ،
تہ لالڻ ! ڪو نہ لهون، جهو تو جهانَ ۾ .

اي قربدار ڪانگل ! تنهنجي پياري ذات جو ، مون وچوڙي جِي ويراڳڻ متان، وڏو وڙ ۽ احسان آهي. سهڻو شاهه لطيف چوي ٿو تہ “منهنجي منڙي محبوب جي پار ڏي ، اڄ صبح ساڻ ، وري ڀيهر اُڏامي وڃ . اڄ وڃي ان عجيب جي اڳيان، تمام گهڻيون ٻاجهہ پريون ٻوليون ، عاجزيون ۽ وڏيڪ وينتيون ڪر .
(ڪيس وڃي چئو تہ ) اي لالڻ ! هن جهان ۾، تو جهڙو سهڻو ۽ پيارو ، اسين ٻيو ڪو ڏسون ئي ڪونہ ٿا ” .

ڳاڙها ۽ ڳُوڙها ، سڄڻ ڍاڪ ڇُڳن جيئن ،
مُڪائون مُحبت جا ، جهاٻا ۽ جهُوڙا ،
سڄُ ڪِہ سنيوڙا ! سجڻ اچي سامُهان.

منهنجا محبوب پرينءَ ، تيز،تکي ۽ گهاٽي رنگ جهڙا ڳاڙها ۽ ڍراڪ جي ڇُڳن وانگر ڳُوڙها آهن . مون ڏانهن (منڙن محبوبن) محبت جا ، ٽونرن وارا رنگين جهاٻا ۽ جهُوڙا ، اڄ سُوڪڙيون ڪري موڪليا آهن . (شايد) سچي پچي (مون ڏانهن) سهڻا سڄڻ اڄ سنبريا آهن ، اُهي اِجهي چاڻ تہ سامُهان آيا !

اڄ پُڻ انگيمِ انگ ، هتان حبيبن جي ،
ساجن رءِ سرتيون ! رُوح نہ رُچن رنگ،
جاني آيو جوءِ ۾ ، منجهان نينهن نسنگ،
جا پَرِ ساٿيءَ سنگ، سا پَرِ سُورنِ ساڻ ٿي.

اڄ وري منڙن محبوبن جي هتان، منهنجا انگ ۽ عضوا ، سندن پريل پاڪرن ۾ اچي ويا آهن . (نظر ۾ حفاظت



www.sindhsalamat.com

هيٺ آيا آهن) اي سُهڻيون سرتيون ! سهڻي ساجن کان سواءِ ، هاڻي روح کي ٻيا رنگ ۽ روپ وڻن ئي ڪو نہ ٿا . منهنجو جانب جاني ، نينهن نسنگ سان نروار ۽ چٽو پٽو ٿي ، دل جي ديري تي موتي آيو آهي . جيڪا ريت ، (حالت) ساتيءَ سنگن کي سونتي سان ستڪڻ مهل ڪري ٿو، اُها ساڳي ريت اڄ سُورنِ ساڻ ٿي ويئي آهي .

اهڙيءَ ريت شاهه جي رسالي جو سُر"بروو" انساني اُمنگن ، آرزوئن ۽ التجائن جا اڻ ڪٿ انبار ڪٽي ، ڏکايل دلين جي سر زمين سيراب ڪري ، پنهنجي پُڄاڻيءَ تي پهچي ٿو . جنهن کي پڙهندڙ ، پيار سان پڙهي ، پُورو پُورو سُڪون ۽ حض حاصل ڪن ٿا ۽ پنهنجيون اُجايل اکڙيون ٺارين ٿا.



## 5. سُر"سريراڳ" جو فلسفو

"سريراڳ" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي. جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "نهر" ، "جهرڻو" ، " پاڻيءَ جو نمونو" يا " پاڻيءَ وارو راڳ ". "دنيا سپ درياهه ، ڪو ڪو تارُو تنهن ۾".

هي شاهه جي رسالي جو وحدانيت وارو ۽ انتهائيءَ ڳُوڙهو سُر آهي ، جنهن ۾ انسان کي ، آخرت جي تياري ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪڍڻ ، اُونهون اوڙاهه اُڪرڻ ، ٻاجهه لاءِ ٻاڏائڻ ، سُبحان جي سيوا ڪرڻ ، توبهه جي تسبيح سورڻ ۽ معرفت جا موتي ميڙڻ جو درس ڏنو ويو آهي .

اُتي اور الله سين ، ڪُوڙ ڪماءِ مَ ڪڇ،
تانگهي ۾ تاڙي ، ٻڌ پنهنجو تُرهو،
هڪيو هوئج هُشيار ، ڪنوڻ ڪوندي اوچتي،
لهرين ليڪو ناهه ڪو ، ڪپر ڪُن ڪارا،
آهين آر اڪيُنِ ۾ ، ناڪئا ! ڪِجُ نگاهه،
جوڙي جُنگ جهاز کي ، ڪوڏ هٽائج ڪِير،
جي لُندا منجهه ليڪي ، وِير وڙهندي تن سين،
ٻيڙي پُراڻي ، وکر پاءِ مَ وترو،
وِير ورنديئي ويسرا ! ويهُ مَ ويگاڻا!
جت ٿيندو رب قاضي،اُت توريندئي تجويز سين.

۽ وري الله پاڪ جي ڪرم ، رحم ، ٻاجهه ، فضل ۽ بخشش جو بحرِ بيڪنار اهڙو ، جو ان جو ٻيو ڇيڙو تہ آهي ئي ڪونہ ڪو .

هيڪي ٻانهي چِت ۾ ، ٻي جا ڪري الله !
ڪڍي اُونهي ڪُن مان ، اُڪاري اوڙاهه ،
تنهن واحد کي واهه ! جو سُتَرُ سيپئي ڪري .

هندوستاني ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي هڪ روايت موجب ، ڇهه وڏا راڳ آهن . ڀيرو ، مالڪوس ، هنڊول ، سِرِي ، ميگ ۽ ديپڪ . سِرِي اُنهن ڇهن وڏن راڳن مان


www.sindhsalamat.com

هڪ آهي .

هي شاهہ جي رسالي جو پنجون نمبر سُر آهي ، جنهن ۾ 84 بيت 7 وايون ۽ 4 داستان شامل آهن . هن سُر جو پهريون بيت " جيڪين منجهہ جهانَ ، سو تاريءَ تڳي تنهنجي " ۽ آخري وائي " عُمِر سڀ عبث ، ويل وڃايمِ پانهنجي " آهي .

## بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون

سي پُونجيارا پُرِ ٿيا ، سمونڊر سيويو جن ،
آندائون عميق مان ، جهوتي جواهرن ،
لڌائون، لطيفُ چئي ، لعلون مان لهرن ،
ڪانهي قيمت تن ، مُل مهانگو اُنِ جو .

جن سُهڻن سمونڊر جي سيوا ڪئي ۽ اُن کي پنهنجي حلال رزق جو وسيلو بڻايو ، اُهي پُونجيءَ وارا صفا پُرِ ٿي ويا ! اُنهن اُونهي اوڙاهہ پاڻيءَ مان ، جهوتون ڏيئي ۽ ٽٻيون هڻي ، چلڪندڙ ماڻڪ ۽ موتي چُونڊي ٻاهر آندا . سُهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ " سانداري سمونڊر جي لهرين منجهان ، اُنهن وچي لعلون ڳولي لڌيون ". اُهي( لعلون) ايڏيون تہ انمول ۽ قيمتي آهن ، جو مُهانگي مُلهہ ۾ بہ ٻيو ڪٿان ڪان نٿيون ملي سگهن .

سيويو جن سُبحان ، وير نہ وڙهي تن سين ،
ٻڌي توڪل تُرهو ، آر لنگهيا آسان ،
توبهہ جي تسبيح سين ، تري ويا طوفان ،
ڪامل ڪشتيبان ، وچ ۾ گڏين واهرو .

جن سُهڻين سامونڊرين الله پاڪ جي عبادت ، عاجزي ۽ سيوا سچيءَ دل سان ڪئي ، اُنهن کي ، سٺاڻي سمونڊر جي وڏي چوليءَ بہ نقصان نٿي پهچائي . توڪل جو تُهلو ( مُوڙو ) ٻڌي ، پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو ، اُهي آسانيءَ سان اُڪري هليا ويا . توبهہ جي تسبيح پڙهي ، ( استغفار جو ورد ڪري ) تيز ۽ تکي طوفان مان بہ اهي خير سلامتيءَ سان



تري پار هليا ويا . وڏو ڄاڻو ( ناکئو ) سٺاڻي سمونڊر جي وچ سير ۾ اچي ، اُنهن جو واهرو ، مددگار ، ساڻي ۽ ساٿي ٿيو .

ڪرڦل ، ڦوٽا ، پارچا ، پاڻيٺ پاتائون،
ڪونيون قيمت سنديون، تر ۾ تاڪيائون،
ٻَيرڦُون ٻحرنِ ۾ ، چوڙي چڏيائون،
لاڄُن منجهہ،لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
نذرُ نبيءَ ڄامُ جو ، چڙهندي چيائون،
جي چوهي چوڙيائون،سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين.

لُونگ ، ڦوٽا ، قسمين قسمين قيمتي ڪپڙا ، جدا جدا عرق ۽ ٻيا سهڻا سُريلا سامان ٻيڙن ۾ وڌائون ، ٻيڙن جي ترن وارا تهہ خانا ، قيمتي سامان سان ڀري ، پوءِ طاق ڏيئي ، پچائي بند ڪيائون ، ٻيڙن جون رنگ برنگي جهنڊيون ، پاڻيءَ ۾ ڪولي ، (ٻيڙن تي ) هلڻ لئي ڦڙڪايائون ، سهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ " پنهنجا ٻيڙا چئني طرفن کان ، رسن سان ڏاڍا مضبوط ڪري ٻڌائون "، ٻيڙن تي چڙهندي ( سُوار ٿيندي ئي ) حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي نالي مُبارڪ جو نذرانو ٻاسيائون ، ( اي الله پاڪ ! ) جيڪي وڏا وڻجارا هلندي طوفان ۾ روانا ٿي ويا ، اُنهن جون ٻيڙيون پنهنجيءَ ٻاجهہ ، مهر ، رحم ، ڪرم ۽ فضل سان سلامت رکجانءِ !

اَتِ اُبتو آرُ ، منهنجي موج نہ سهي مڪڙي،
ميڙي مَنايُن جو ، بيحد چاڙهيم بارُ،
چوڻ چارو ناهہ ڪو ، ٻديون بيشمارُ،
ڪپرُ ڪارونيارُ ، اُڪاريين احسان سين.

تمام گهڻي پاڻيءَ جو اُبتو ڦيرو ۽ وهڪرو آهي ، منهنجي ٻيڙيءَ ، اُتي پاڻيءَ جي مَوج ۽ تک جي سٽ نٿي سهي سگهي ، خسيس ۽ بيڪار سامانن کي گڏ ڪري ، مون ٻيڙيءَ تي ڪٺي وڏو بار سٽيو آهي ، ڳالهائڻ جي ڪا گهٽي ئي ڪانهي ، (رستو ئي ناهي ) مون وٽ بُرايون ايتريون





www.sindhsalamat.com

بيشمار آهن ، ( اي الله پاڪ ! ) هي ڪپر جي ويجهو ، جيڪو عميق اوڙاهه پاڻيءَ آهي ، سو پنهنجي ڪرم ۽ ٻاجهه سان ، مون کي پار ڪرائجانءِ .

وينو تُن ٽُنينس ، مڪُ ڏينهاٽي مڪُڙي،
سنباهي ، سيد چئي ، متي ناءُ نئينس،
وٽائي وڏاندرا ، لاڄُو لڳائينس،
آخرِ اُهرائينسِ ، تہ جوڪو ٿئي نہ جڙاوَ ڪي.

پنهنجي پُراڻي ٻيڙيءَ جي ٽري وارا سوراخ وينو پر ۽ اُن ٻيڙيءَ کي روزانو تيل مکي تيار ڪندو رهه ، سُهڻو سيد چوي ٿو تہ " اُن کي اول پُوريءَ طرح تيار ڪري ، پوءِ پاڻيءَ ۾ لاهي ، سمونڊ ۾ هاڪارڻ لاءِ ڪاڏي تي آڻ ، پهريان وڏا مضبوط ، سگها ۽ نوان رسا وٽائي ، چوٽيءَ تي چمڪندڙ جهنڊيون ٻڌينس ، مڪمل تياريءَ ڪري ، پوءِ تارينس ، تہ تنهنجي ٻيڙيءَ جي بناوت ۽ جڙاوت کي ڪو بہ نقصان نہ پهچي " .

ويا سي وينجهار ، هيرو لعل ونڌين جي،
تني سندس پوئيان ، سيهي لهن نہ سار،
ڪُتين ڪُتَ لُهار ، هاڻي اُني پيڙيين.

اُهي موتي وينجهڻ وارا ئي مري کپي ويا ، جيڪي ماڻڪ ۽ لعلون ونڌڻ (سوراخ ڪڍڻ ) جو ڪم ڪندا هئا ، اُنهن جا جيڪي پونير آهن ، تن کي شيهي جي بہ پُوري خبر ، پرک ۽ ڄاڻ ڪانهي ڪا ، هاڻي اُنهن ماڳ مڪانن تي ، ( اُنهن جاين ۽ دُڪانن تي ) لوهار فاسد ، ڪوڙو ۽ ڪٽيل لوهه پيا ٽا ڪُٽين .

اگهيو ڪائو ڪچ ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلءِ پايو سچ ، آچيندي لڄ مران.

ڪُوڙو ۽ ڪچو شيشو وڪامي ويو ، ( اگهامي ويو ) بازارن مان سچا ۽ اصلي ماڻڪ واپس موٽي آيا ، ( سچا موتي ڪو نہ وڪاڻا )



هاڻي سچو سون پلئي ۾ پايو ، ( رومال ۾ ڪنيو ) وڪڻڻ جي لاءِ ، آچيندي ( ڏيکاريندي ) شرم اچي ٿو .

شاهہ جي رسالي ۾ سُر "سريراڳ " جو فلسفو ، انسان ذات کي نيڪ عملن ۽ انسانيت لاءِ آماده ڪري ٿو . اڳوتر ۾ آڏو ايندڙ آزمائشن ۽ مصيبتن کان هوشيار ڪري ٿو ، غفلت ، ويسر ۽ سستيءَ کان پاڻ پلڻ جي هدايت ، نصيحت ۽ تلقين ڪري ٿو ، ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جا ماڻڪ صرف اُهي ئي ماڻهو ميڙي سگهن ٿا ، جيڪي هن جهان جو سٺاڻو ۽ سُورائتو سمونڊر سيوين ٿا ، باقي جيڪي اسان جهڙا غافل ۽ جاهلڙا هوندا آهن ، اُنهن جي نصيب ۾ صرف سانگوٽا ۽ سُونڊڪيون اچن ٿيون .

شال ! اسان ، سُر "سريراڳ " جي نصيحتن مان ، نيڪ عملن جا ماڻڪ ۽ موتي ميڙي سگهون ۽ پنهنجي اڳوتر سنوارڻ لاءِ ، مانائتي منزل ماڻي سگهون .



www.sindhsalamat.com

## 6. سُر "سامونڊي" جو فلسفو

"سامونڊي" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "سمونڊ جو" ، "سمونڊرسان واسطو رکندڙ" ، "سمونڊ تي سفر ڪندڙ" ، " خلاصي " يا " ناکئو " وغيره .

هي شاهه جي رسالي جو بظاهر مجازيءَ محبت وارو سُر آهي ، البت اُونهائيءَ ۾ وڃڻ ڪان پوءِ ، هن سُر ۾ حقيقت جا اشارا به ملن ٿا .جهڙوڪ:

حاصل ڪريين حاج ، واحد ! وڻجارن جي.
ڪارو تني ڪي ، جيڪس وهه وري ويو.

سامونڊي جڏهن وڻج واپار سانگي ، سڙهه سنڀالي ، ٻيڙا ٻار ۾ چوڙي ، سٽائي سفر تي هليا ويندا هئا ، ته پويان اُنهن جون پياريون گهرن واريون ، ورن جي خيرسلامتيءَ سان واپس ورڻ لاءِ ، سالن جا سال اوسيئڙي ۾ انتظار ۾ هونديون هيون . ڳوڙهن سان ڳل پُسائينديون ، سيَڪارا ۽ سُڏڪا ڀرينديون ، ڪانڌن لاءِ ڪُونجن وانگر ڪُڪڪنديون ، ڦوڙائي ، فراق ۾ وڇوڙي جا ڏِو سهنديون رهنديون هيون .

آيل ! ساريو اُن ڪي ، اوچنگارون اچن ،
سرتيون ! سامونڊين جا ، اڄ پڻ چڪيم چاڪ،
مون سِر اُنا جيڏيون ! سندا محبت مينهن ،

لطيف جي سُر سامونڊي ۾ ، جتي وڻجارن ۽ واڻٽين ، لهرين ۽ لعلن ، مهراڻ ۽ موجن ، ملاح ۽ مُعلمن ، چتر ۽ چوهن ، سِڙهه ۽ سُڪاڻين ، پڳهه ۽ پاڻين ۽ درياهه ۽ ڊنگين جو ذڪر اچي ٿو ته اُتي ، سامونڊين جي سنگت لاءِ ، تڙن تي تڪيندڙ آسائتين البيلين عورتن جي انتظارين ۽ اشڪبارين جا انوکا انداز ۽ مثال پڻ مطالعي جي لاءِ ملن ٿا . سُر " سريراڳ " ۽ سُر " سامونڊي " هڪٻئي جا ساٿي سُر آهن . فرق فقط ايترو آهي جو " سريراڳ " ۾ حقيقي ۽ معنوي



ماحول جو مضمون سمايل آهي ۽ " سامونڊي " ۾ وري بظاهر مجازي محبت وارو ماڻداڻ منديل آهي .

سُر " سامونڊي " يقيني طور مقامي سُر آهي ، سنڌ جو اهو آڳاٽو راڳ هاڻي فقط " شاهه جي راڳ " ۾ ئي سلامت وڃي بچيو آهي .

هي شاهه جي رسالي جو ڇهون نمبر سُر آهي ، جنهن ۾ 128 بيت 6 وايون ۽ 4 داستان شامل آهن . هن سُر جو پهريون بيت " ڳوها ڪالهه ڪٽي ، وڌائون اُتر آسري " ۽ آخري وائي " هُوءِ جا ويا هٽي ، آئون تنهن جڙ جڏي ڪِيِ " آهي .

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

لڳي اُتر هير ، سامونڊين سڙهه سنباهيا ،
ننگر ڪٽي ناڪُئا ، تيا سٽائي سير ،
هنيڙي نت اُڪير ، ڪاري ڪيڙاڻُن جي .

جيئن ئي اُتر جي هير لڳي ، ( ڳُهلي ) تيئن ئي سُهڻن سامونڊين ، ٻيڙن تي ٻڌڻ لاءِ ، سڙهه تيار ڪيا . ناکئا ( ٻيڙيون هلائيندڙ ) ننگر ڪٽي ، سٽائي ۽ سولي سير تي روانا ٿي ويا . منهنجي هينئڙي کي ، ڪاري سمونڊ ۾ سفر (هلچل ) ڪندڙن جي ، هر هر سڪ ۽ اُڪير لڳل آهي .

دنگي منجهه درياهه ، ڪِين ٻُڏي ! ڪِين اُپڙي !
هُو جي وادِي واٽيا ، سي سُونهڻ سڀ سڙيا ،
مُعلم ماڳ نه اڳيين ، فرنگيءَ منجهه ڦريا ،
ملاح ! تنهنجي مڪڙي ، اچي چور چڙهيا ،
جتي ڊينگ ڊِريا ، تتي تاريءَ تنهنجي .

ٻيڙيءَ درياهُ جي لهرين جي اندر ، نکين تي ٻُڏي ! نکين تي تري ! ڪاٺ جا پڪا ۽ پُختا تختا ، جيڪي وادِي ناهي نوکي پچائيا هئا ، انهن ۾ لڳل ڪاٺيءَ جا ڪِل ٻُتا ( ڪمزور ) ٿي ويا آهن . ديسي ناکئا ، اڳيين ماڳ تي ناهن ، هاڻي فرنگي ( يُورپي انگريز ) اُن پاڻيءَ ۾ پيا هلچل ڪن . اي ناکئا ! ( خبردار ! ) تنهنجي ٻيڙيءَ تي ، چور چڙهي آيا





www.sindhsalamat.com

آهن . ( اي الله سائين ! ) جتي پاٽيءَ جا وڏا چول اچي چُليا آهن ، اُتي آسرو فقط تنهنجو ئي آهي .

تي ڏياري ڏيٺ ، ڊوليو هلڻ جي ڪري ،
مکيو پنهنجي مکڙي ، چيني چگيءَ چيٺ،
رُئان رهن نہ سُپرين ، جان ڪين جهليان بيٺ،
مون سين ڪري ميٺ، سجڻ سفر هليا .

ڏياريءَ وارو مهينو ڏنو آهي ، منهنجو محبوب پرين ، هلڻ جي تياري بينو ڪري . پنهنجي مکڙيءَ کي ( تيل ) مکيو ، چگيءَ ريت بينو چيني . (پُوريءَ طرح سنيالي تيار ڪري ) روئان ، منتون ۽ حيلا ڪريان ، محبوب تِل نٿا ترسن ، توڙي جو اُنهن جي چيلهم واري ڪمرپٽي کي ، سوگهو ڪري ٿي جهليان . مون سان محبت واريون منٺيون منٺيون ڳالهڙيون ڪري ، منهنجا محبوب پرين ، نيٺ سفر تي روانا ٿي ويا آهن .

اج پُڻ وايون ڪن ، وڻجارا وڃڻ جيون ،
هلڻ هارا سُپرين ، رُئان تان نہ رهن ،
آئون جهليندي ڪيترو ؟ آيل ! سامونڊرين ،
پڳهہ چوڙي جن ، وڏا بيڙا بارِ ۾ .

اج وري پيا پاڻ ۾ صلاحون ڪن ، وڻجارا واپار لئي پرديس وڃڻ جيون . هي پرديس وڃڻ وارا سُهڻل سُپرين ، جي زاروزار روئان ٿي ، تہ بہ وڃڻ کان ڪو نہ ٿا مُڙن . اي منهنجي منڙي امڙ ! آئون ڪيستائين روڪي روڪيندي پيلا ؟ اُنهن سُهڻن سامونڊرين کي . جن پڳهہ جا رسا چوڙي ، ڪٽي پنهنجا بيڙا اُونهي اوڙاهہ عميق سمونڊر ۾ اُتاريا آهن .

اسان اُڏارا ، آٽي آونگ چاڙهيا ،
منهن ڏيئي مون آئيا، سَمهان سيارا ،
اُيَرَن سِيَڪارا ، پسيو ور پين جا .

اسان سُڪل مچيءَ جا تڪرا ( پيرا ) اُڏارا آٽي ، ( گذاري خاطر ) چُلهہ تي چاڙهيا آهن . مون ولهيءَ کي ،



سخت سياري وارا ڏاڍا ڏکيا ڏينهڙا ، اکيون ڏيکاريندا آئيا . پين سرتين جا ور ، پنهنجي پنهنجي گهر پهتل ڏسي ، منهنجيءَ سرير مان ، سيسڙاٽ نڪريو ٿا وڃن .

اڳينءَ جان آئون ، جر پلءُ تي پائيان ،
تہ آيل!وڻجارن جيون،تيون ڏئنڪن ڏچائون،
منجهان روح رءِ تيا، مُحمدُ مجيائون ،
پُنِيُنِ مُدائون ، ڪندِ ڪيڙائُو آئيا .

اڳينءَ نماز ( ظُهر ) جي وقت ، جيئن ئي آئون ستاٽي سمونڊر کي پيٽا (مچتا ) ڏيڻ جي لئي ويئي . تہ اي منهنجي منڙي امڙ ! ( آئون ڏسان تہ ) وڻجارن جي پيڙن جون ، ڳوهن مٿان پڌل رنگ برنگي جهنڊيون ، پري کان تورو تورو نظر پيون اچن . منهنجا سهڻا سامونڊري روح اندر رچي ، صفا سچا تيا ۽ حضرت مُحمد مصطفيٰ صلي الله عليہ و آلہ وسلم تي پاڪ ڪلمون پڙهيائون . اُنهن جي من جون مرادون پُوريون تيون، ڪاري سمونڊر جا ڪيڙيندڙ ( جهاڳيندڙ ) خيرسلامتيءَ سان اِجهو موٽي آئيا .

سُر " سامونڊري " پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا سامونڊري سوداگر ، جڏهن لنڪا ، جاوا ۽ سُماترا وغيره ملڪن ڏانهن ، وڻج ۽ واپار سانگي هليا ويندا هئا ، تہ پويان اُنهن جيون پياريون ، سنڌن اوسيئڙي ۽ انتظار ۾ ، وچوڙي جا وڍ سهنديون هيون . سنڌن خيرسلامتيءَ سان وري واپس ورڻ جي لاءِ ، ستاٽي سمونڊر تي اچي اڪا ۽ پاسون پاسينديون هيون .

البت جڏهن انهن جا پيارا پرديسي ۽ ڪاري ڪيڙائُو ، اَمُل اَتوريا آٽي ، پنهنجي اڱڻ تي ڍير لائيندا هئا ، تہ اُها وير ۽ خوشيءَ جي گهڙي ، ڏسڻ جهڙي هوندي هئي .

ماءِ ولاتي موتيا ، تڙ تا تيوارين ،
وايون وڻجارن جيون، جيءَ کي جيارين،
ڪليو ڪيڪارين،جن سيڻ سلامت آئيا .





www.sindhsalamat.com

## ۷. سُر ”گهاتُو“ جو فلسفو

"گهاتو" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي " مارينڌڙ " ، " شڪار ڪندڙ " ، " مڇي جي گهور ڪندڙ " ، " مڇي ڪي ڳوليندڙ " ۽ " جانچيندڙ " وغيره .

هي شاهه جي رسالي جو ، گهاتوئڙن جي تمثيل سان ، حقيقت ۽ نصيحت ڀريو سُر آهي .جنهن ۾ شاهه صاحب گهاتوئڙن کي خبردار ڪندي چوي ٿو تہ ، " جيڪڏهن اوهين مڇ کي مارڻ چاهيو ٿا تہ ڀهريان پنهنجن رڇن کي ريٽو رنگ ڏيو ." " جان گهڙنداءُ گهاتوئا ! تان رڇن ڏهو رنگ ." اوهين جيڪا لاڪيٽيءَ لوڏ لُڏندا ٿا وتو ، يا هري هري هلندا ٿا وتو ، تہ اها رسم ، ريت ، پر ، هلٽي ، نمونو يا اهو پيير گهاتوئڙن جو تہ آهي ئي ڪو نہ !

اَئين جا لُڏو لوڏ ، اِيءَ پر نہ گهاتوئڙن جي ،
ڪُن ڪلاچيءَ ڪوڏ ، سُک نہ سُتا ڪڏهين .

گهاتوئڙن جون اکڙيون ڪَڪَڙيون هونديون آهن . اُهي ڪلاچيءَ واري ڪُن تي ، ڪڏهن بہ سُک ۽ سانت سان سُمهي ڪو نہ رهندا آهن .

گهوريندي گهور پيا ، اَگهور گهورياڻون ،
مانگرُ مارياڻون ، ملاحن مُونهن سنرا .

چون ٿا تہ ڪنهن زماني ۾ ، ڪلاچيءَ ( ڪراچيءَ ) جي ماڳ تي ، اوپايو نالي هڪ ميربحر رهندو هو ، جنهن کي ست پُٽ هئا . انهن ۾ مورڙو سيني کان ننڍو ۽ ڪمزور هو . باقي ڀائر جُنگ جوان هئا جي سمونڊ ۾ مڇيءَ مارڻ جو ڪم ڪندا هئا . ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ ، هڪ مست مانگر مڇ رهندو هو . هڪ لڳا ، شڪار ڪندي ، هي ڇهہ ئي ڀائر اُن جي ور چڙهي ويا ۽ مڇ ڪين هڪ هڪ ڪري ڳهي ويو . جڏهن اها خبر مورڙي کي پيئي ، تہ اُن وڃي مڇ کي ماريو ۽



اُن جي پيٽ مان ڀائرن جا لاش ٻاهر ڪڍيا .

لطيف سُر "گهاتو " ۾ مانگر مڇ کي للڪاريندي چوي ٿو تہ " ٿُون جنهن اچي اوڙاهه پاٽيءَ ۾ مڇي مواڙ ٿيو آهين ۽ من مستيون ڪندو ٿو وتين ، تہ هاڻِ اَن پاٽيءَ جا ڏينهن اچي پورا ٿيا اٿئي ! اهو اچو اوڙاهه پاٽي جاڻ تہ سُکو !

متو آهين مڇ ! ٿُلهو تو ٿُونا هٽين !
جا تو ڏني اچ،تنهن پاٽيءَ پُنا ڏينهڙا.

سُر "گهاتو " خالص مقامي سنڌي راڳ آهي ، جيڪو فقط شاهه جي راڳ ۾ ڳايو وڃي ٿو . چاڪاڻ جو هندوستاني راڳ ۾ ، گهاتو جي نالي سان ، ڪو بہ راڳ موجود ڪونهي .

هي شاهه جي رسالي جو ستون نمبر سُر آهي ، جنهن ۾ 25 بيت ، 1 وائي ۽ 2 داستان شامل آهن . هن سُر جو ڀهريون بيت " گهنگهريا گهڻ جا ڻ ، مُوڙهي مت مهائيين " ۽ آخري وائي " گهاتوئڙا ادا ! متان اَئِين رچ وڃائيو " آهي .

**بيت ۾ انهن جون سمجهاڻيون**

ماڪ پچاڻ مولهيا ، متان رات پئي ،
اُجهڻ لڳيون اوليون، وئن ونجهہ وهي،
ڪلاچيان ڪهي ، ڪڏهن ڪو نہ آئيو.

متان رات پئجي ويئي ، ( گهاتو واپس ڪو نہ وريا ) اُنهن جا پڌر تي پيل پٽڪا ، ماڪ پُسائي ڇڏيا . ( گهمجي ويا ) ٻيڙن کي ، اڳتي اولجڻ ( ڏکڻ ) وارو ڪم ختم ٿي ويو ، اُنهن جي هٿن مان ونجهہ ڇڏائي ، پاٽيءَ ۾ لُڙهي ويا . جيڪي بہ گهاتو ، هيل تائين ڪلاچيءَ جي ڦهري ڪُن تي ڪاهہ ڪري ويا ، اُنهن مان اڄ ڏينهن تائين ، واپس ڪوئي ڪو نہ وريو آهي .

ڪالهہ ڪلاچيءَ ويا ، ڇتيون ڪٽي ڇُڳير ،
ڀائُن ڀيرو نہ ڪيو ، ادن کي اوير ،
اهڙي خاصي ڪير ، ڪُن ورائي جهلئي.


www.sindhsalamat.com

طُرن وارا بگا پتڪا ٻڌي ، وڏي تياريءَ ڪري ، مڇيءَ مارڻ جون چتيون ڪٽي ، ڪالھ ڪلاچيءَ جي ڪُن ڏانهن ڪاهي ويا . ( روانا ٿي ويا ) اُنهن ادن اوير ڪري ڇڏي ، پاڻُرن گهرن ڏانهن وري پيرو ئي ڪو نہ ڪيو ، ( اچڻ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو ) . اهڙيءَ سُهڻي سنگت ۽ پاڻُرن جي ٽلندڙ ٽولي ، ڪُن ورائي ڪٽي قابُو ڪئي .

ڏيهاڻي جن ڏنيرا ، ماريو ڏنم موڪ ،
گهر ۾ گهاتوئڙن جا ، تا مارينم ٺوڪ ،
لڏي وچان لوڪ ، اُونهي ويا اوهري.

جن روزانو ڪلاچيءَ جي قهري ڪُن وٽان ، ڪيترائي ڪُرڙا ۽ پاڻيءَ ۾ رهندڙ مڇين جا شڪار ڪري مُون کي آڻي ٿي ڏنا . هاڻي اُنهن گهاتوئڙن جي گهرن ۾ ، سندن استعمال جون شيون ۽ ٻيا سامان ڏسي ، منهنجا ڳوڙها ڳڙيو تا پون ، ( جيءَ جهُريو تا پون ) . هي سارو سنسار ۽ لوڪ ڇڏي ، ڪنهن عجب جهڙي اُونهي اوڙاھ عميق ۾ اوجهل ٿي ويا آهن .

جيئن جهُڳا پائيين جهول ۾ ، ايئن نہ مرن مڇ ،
سبر ڍار سمونڊر جا ، ڪي راوان رڳّ رڇ ،
هي چاڙون ۽ چڇ ، اجان اوڙاھ اڳاهون ٿيو .

( اي گهاتوئڙا ادا ! ) جيئن ننڍڙيون چاليون ( چاريون ) جهول واري پچ پچ پاڻيءَ ۾ ، روز وڃي تو وجهين ، وڏا خونخوار ۽ مهمير مانگر مڇ ايئن ڪو نہ تا مرن ! اڳيان سٺاڻي سمونڊر جي اوڙاھ پاڻيءَ جا ، وڏا اٿاھ اُٿندڙ چول آهن ، تونِ پنهنجن رڇن ( وڏن ڄارن ) کي ، اول رائي جهڙو ميٽڙو رنگ ڏي . هي تہ ساموندري ڍورن جون پُوڇڙيون ۽ ڪسيون آهن ، عميق ، اوڙاھ ۽ اُونهون پاڻيءَ اجان اڳتي آهي .

جان واهُڙ ۾ وهُ ، تان تون مڇ ! نہ موٽيو ،
ڪائي ۾ ڪوھ ڪريين؟ پوءِ موٽڻ جو پهُ
سِر مٿي تو سهُ ، مهميزون ملاحن جيون.



اي مست مواڙ مانگر مڇ ! جيستائين جو درياءَ ( سمونڊر ) ۾ ، پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو جاري هو ، تيستائين تو واپس ورڻ جي ڪا نہ ڪئي . پاڻيءَ جي لهي وڃڻ کان پوءِ ، هاڻِ ڇا جي لاءِ پيو واپس ورڻ جي ڪوشش ڪرين ؟ ۽ سٿون ڪائين . هاڻي تہ ملاحن جون مارون ، مهميزون ۽ سختيون پيو پنهنجي سِر تي سهُ ! ( پنهنجو ڪيتو لوڙ! )

جان جرُ هُئڙو جال ، تان تون مڇ ! نہ موٽيو،
پُوئِي اچ ڪِ ڪال ، سانپيون سانگُنِ ۾.

اي مست مواڙ مانگر مڇ ! تو تيستائين واپس ورڻ جي ڪا نہ ڪئي ، جيستائين جو پاڻي پرپور ، جام ۽ ججهو هُيو . درياءَ جي ڦاٽن ۽ واهڙن ۾ ، ( جتي تون گهُمين ڦرين ٿو ) اچ ، سُڀاڻي يا اِجهو هينئر وڏا مها ڄار لڳڻ وارا اٿئي !

ڪُنڍي ڪَلِيَنِ وچ ۾ ، جڏهن هنيائون،
موٽُ نہ ماريائون، ڏور ڏيئي ويا ڏُک جي.

منهنجن منڙن محبوبن ، سِڪ جو سَگهو ڏورو وٽي ، رُڪ جي ڏوڙي ڏُنگهڙي ڪُنڍيءَ ۾ ڏاڍو ٻَڌِي ، منهنجي ڪاڪڙي وارين ڪلين ۾ آڻي ، زور سان ٻاھر ڇِبڪي ڏني . مون کي ايئن نہ ماريائون ، جيئن مري وڃان ها ، ( اڌ مُئل حالت ۾ ڇڏي ڏنائون ) مون کي ڏُک جي ڏور ۾ ڦاٿل ۽ ڦٿڪندو ڇڏي ، ( پاڻ مُسڪرائيندا ) هليا ويا .

اهڙيءَ ريت شاھ جي رسالي جو سُر " گهاتو " ، مانگر مڇ ( نفس ) مارينڌڙن جي مذڪور سان ، انسان ذات جي لاءِ ، نهايت گهڻيون نصيحتون ، حقيقتون ۽ علامتون پنهنجي دامن ۾ سمائي ، اختتام پذير ٿئي ٿو . جنهن جي پڙهڻ ۽ پروڙڻ سان ، دل کي تمام وڏو ڏڍ ۽ سُڪون ملي ٿو .



www.sindhsalamat.com

## 8. سُر ” ڪاھوڙي “ جو فلسفو

“ ڪاھوڙي ” سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آھي ، جنھن جي لغوي معنيٰ آھي ، “ کھي وارو ” ، “ کھيڙي وارو ” ، “ واھولي وارو ” ، “ ڏُٿ تي گذران ڪندڙ ” ، “ جبلن تي ڏُٿ ڳوليندڙ ” ، “ ڏُٿ ڏوريندڙ ” يا “ ڏوٿي ” وغيره .

“ ڪاھوڙي ” اُن پورھيت کي چئبو آھي ، جيڪو کھو ڪٽي ، ڪندڻ وارو ڏکيو جھنگ وڍي صاف ڪري يا جبلن ۾ پھاڙن جي ڏُکين پيچرن مان ڏُٿ ڳولي ۾ چوندي ، پنھنجي پيٽ گذران لاءِ ڪشالا ڪڍي ، جبلن ۾ ڪِن ٻُوٽن ۾ ٻُوٽن جون پاڙون کھيڙي ۾ کُھاڙين سان ڪوٽي ، گاھ جا ٻج ۾ داڻا گذران لاءِ چوندي .

ھي شاھ جي رسالي جو تمام وڏو حقيقي ۾ معنوي سُر آھي . ھن سُر ۾ تمثيلي طور ڪاھوڙين ٻاران ، تتي ڏينھن جو ڏُٿ لئي ڏونگر ڏورڻ ، جھنگلن ۾ جھُٽڪڻ ، سختيون سھڻ ، جيءُ کي جوش ڏيڻ ، سُکل سندر ڪٽڻ ، ڪرڪنڊا پيرن ۾ پائڻ ، راتيون رُج رھڻ ، پڪُليا ٻُوٽڻ ، ڏُونھيون ڏُکائڻ ، ھُئڻ حرام ڪرڻ ، سُڄ ۾ سندرا ٻڌڻ ، ور ڏيئي وڻ چوندڻ ، لُڪن ۾ لُوساتجڻ ، ڪُواٽ ڏي ڪَھڻ ۾ ڳنگن جيئن ڳُمڻ جھڙن عنوانن جو احاطو ڪيو ويو آھي.

**مثلاً:**

مون ڪاھوڙي لَڪيا ، مُوران ۾ ماتام!
سُڪا سَندر ڪَچُن ۾ ، ڪرڪنڊا پيرين،
ڏوٿي سا ڏورين ، جا جُوءِ سُٽي نہ ٻُڌي،
ڪاھوڙين اُھجاڻ ، انگ نہ سُڄي اَگڙي،
سندا ڪاھوڙين ، پري سُجھن پيچرا،
خوفان ڪاھوڙين ، ڳوڙھو سُڪي نہ ڳل تان،
ڪُپيريان پري تيا، اَبُتي ٻُڌائون،
سُک نہ سُتا ڪذھين ، ڪرڪنڊا لاھي،
پاٽي پوتڙين ۾ ، ڪُندر سِر ڪُلھن.



معلوم ٿئي ٿو تہ سُر “ ڪاھوڙي ” جڻ ھندوستاني موسيقيءَ جي راڳ “ ديوَگندار ” سان ملي ٿو .

ھي شاھ جي رسالي جو انون نمبر سُر آھي ، جنھن ۾ 59 بيت ، 4 وايون ۽ 3 داستان شامل آھن . ھن سُر جو پھريون بيت “ ڪاھوڙين خفيءَ ڪان ، سوجھي لڌو سُبحان ” ۽ آخري وائي “ جاڳي اڪڙين ، ڪوھُ اوجاڳو تہ ڪِيو ؟” آھي .

### بيت ۽ انھن جون سمجھاڻيون

مون سي ڏٺا ماءُ ! جن ڏٺو پرينءَ کي،
تني سندي ڪاءِ ، ڪري نہ سگھان ڳالھڙي.

اي منھنجي منڙي امڙ ! مون اچ اُھي ( انسان ) ڏٺا ، جن پنھنجي پياري پرينءَ کي ( روبرو ) ڏٺو . اُنھن عظيم ۽ خوش نصيب انسانن جي ، آئون ڪا ڳالھڙي ڪري ئي نٿي سگھان !

مون ڪاھوڙي لَڪيا ، گھرين نہ گھارين ،
واحد لڳ ولھن ۾ ، رويو جر ھارين ،
ڳوندر ڳُذارين، تن ڏوتين ڏُکوئي نہ لھي.

مون ڪاھوڙي صحيح ڪيا ، تہ “ اُھي پنھنجن گھرن ۾، ويھي ڪو نہ تا رھن. ھڪ الله پاڪ جي محبت خاطر، سخت سيءُ ۾ سردين ۾، رويو رويو، اکڙين مان آب ھارين تا. غم ۾ ڳوندر ۾ ڳذ ڳُذارين تا، اُنھن ڏُٿ چوندبيندڙن تان، ڏک ۾ درد ڪڏھن لھي ئي ڪو نہ ٿو”.

سُڪا سندر ڪچُن ۾ ، ڪرڪنڊا پيرين ،
ترمندي نيٽين ، آن ڪي ڪاھوڙي ڳڏيا؟

“سُڪل ساندارا بغلن ۾ لڙڪيل ۽ چنل نيگرا( جُوتا) پيرن ۾ پاتل اٿن . اڪين ۾ ( الله جي خوف جو ) پاٽي وھندڙ” ، اھڙين آرين ٻارين اوھان کي ڳس ۾ ڪي ڪاھوڙي ڳڏيا ؟

خوفان ڪاھوڙين، ڳوڙھو سُڪي نہ ڳل تان،
حُزُن ڏيھن حشر جو، توڙان لٿو نہ تن،
ڪِيائون ڪِي ڪن، آجڪو اُخرا جو.





www.sindhsalamat.com

كاهوڙين كي، كنهن خُدائي خوف جي كري، ڳل تان ڳوڙهو (لُڙڪ) كڏهن سُكي ئي كو نه ٿو . جزا ۽ سزا واري ڏينهن جو دائمي ڏک ، سچي حياتيءَ ۾، اُنهن جي دل تان كو نہ لٿو .

آخرت جو توشو ۽ ثمر، كُجهه كيو اٿن ۽ كِي كُجهه اجان كندا ٿا وتن .

گنجي ڏونگر گام ۾ ، كهڙو اٿئي كام ؟
پسيو تنهن پهاڙ كي، اچي نہ آرام ،
متان ڏونگر ڏوريين ! اُجهي جيئن عوام،
"هُئڻ" كر حرام ، كام تہ كاهوڙي ٿئين .

(اي كاهوڙي!) گنجي ٽكر واري گام يا علائقي ۾، تنهنجو كهڙو كم پئجي ويو آهي ؟ جڏهن بہ هن جبل كي، جانچي تو ڏسجي، تہ انسان كي سُک ۽ آرام ئي نہ ٿو اچي. متان اجايو ۽ فضول ڏونگر ڏوريندو وتين ! جيئن عام ماڻهو پيو اجايو اُجهي ۽ مُنجهي . تون پنهنجي هستيءَ ، هوڏ ۽ هٺ كي حرام كر، پريت ۾ پچ ، جلُ ، سڙُ ۽ فنا ٿي وڃ، تہ تون "سچو كاهوڙي " سڏجين .

هُو ڏوٽي ، هُو ڏينهن ، هُو ڏونگر ، هُو لكيون،
كنهن جنهن لڌا نينهن ، جيئن پُٽا لُوسن لُک ۾ .

اُهي ئي ساڳيا ڏوٽي ، اُهي ئي ساڳيا ڏينهن ، اُهي ئي ساڳيا اُوچا پهاڙ ، اُهي ئي ساڳيا سَنهڙا سوڙها پيچرا آهن . اُهي (ڏوٽي) كنهن اهڙي عجيب عشق ۽ قرب ۾ قابو ٿيل آهن ، جو (اڄ بہ) گرم جهولي ۾ اُتي وتن ٿا جهُلسندا .

ڏوري ڏسي ڏونگرين، واٽ وڃائي جن،
اُوءِ بصير برن ۾، انڌا ٿيو اُيين،
كنن آڏيون ٽاڙيون، كُنگن جيئن كهُمن،
فراقي فرمان جو، آهي پَرُ پوڙن،
لگا ٿيا،لطيف چئي، سُتا پيا سِكن،
كپت كاهوڙين، آه اُتي پِي نہ لهي.



جن (ڏوٽين) ڏاڍا ڏكيا جبل ۽ پهاڙ ڏوري ڏٺا آهن ، اُنهن آسانَ ۽ سولين واٽن تي وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي . اُهي (اندر جي اكين وارا) بيابانن ۾ بہ سڀ كجهه ڏسن ٿا ، باقي ظاهر ۾ انڌن ۽ نابينن وانگر ٿيا پيا هلن . كنن كي جڻ ٽاڙيون آيل اٿن ۽ ڳُونگن وانگر گهُمندا ٿا ڦِرن . سِڪ، فِكر ۽ الله پاك جي حُكمن جو ، اُنهن پوڙن كي ، جڻ پَرُ ۽ ڏِڍ ڏنل آهي . سُهڻو شاه لطيف چوي ٿو تہ ، " توڙي جو اُهي لڳاتيءَ ۾ لاچار ۽ بيمار آهن ، پر پوءِ بہ الاهيءَ عشق ۾ سُتل بہ سِكايل ۽ سُڄاڻ آهن ". اوسيئڙي ، سِك ، فكر ، ۽ فراق واريءَ وائي ، اُنهن كاهوڙي فقيرن تان هك لحظي لاءِ بہ نہ ٿي لهي .

اهڙيءَ ريت، شاه جي رسالي جو سُر"كاهوڙي"، جبلن ۾ ڏُٺ ڏوريندڙ، پاهڻن تي پاسا كوڙيندڙ، مٽي پاٽيءَ پير كڙيندڙ، انگ نہ اگهڙيءَ اوڍيندڙ، سُكا سندر كٽيندڙ، يَكُليا يُوٽڻدڙ، "هُئڻ" حرام كندڙ، ور ڏيئي وڻ چُونديندڙ، "پاڻ" پٽيءَ كندڙ ۽ لوچي لاهوتي ٿيندڙ كاهوڙي فقيرن جي فكري فلسفي، بيانن، احوالن ۽ افكارن سان پرپور سُر پنهنجي پُڄاڻيءَ تي پهچي ٿو. جنهن مان كيترائي معنيٰ جا موتي معلوم كري سگهجن ٿا.

اسان كي گهرجي تہ هن سُر مان ، كو سُهڻو سبق پرايون ۽ پنهنجي حقيقي كاميابي ۽ كامراني لاءِ اڳتي قدم وڌايون .



www.sindhsalamat.com

## 9. سُر“ڪاپائتي” جو فلسفو

“ڪاپائتي” سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي،“ڪپهه ڪتيندڙ”. يا “ڪاپوءِ پورهيوڪندڙ”.

هي شاهه جي رسالي جو حقيقت سان ٺمٺار ۽ معنوي سُر آهي. جنهن ۾ شاهه صاحب پورهئي ۽ ڪاپي جي عظمت کي ساراهيو آهي.

جانتو جن ڄاڻي ، تن هٿان پڻهي نه ڇڏي.
ڪتُ ڪنبندي آءُ، متان پاڳ پر ڏيين !
سُٺُ اُني جو سَڦرو، جي پَرِ ۾ پڄائين .

چون ٿا ته سنڌ جي حاڪم ميان نُور محمد ڪلهوڙي جِي گهر واري، مائي ڄامان سنڌ ۾ ڪيتريون ئي مسجدون جوڙايون. جن مان هڪڙي پُراڻي چوٽياريءَ ۾ ( جوڳين واريءَ پٽ تي) ٻه نهرايائين. جنهن جو هڪڙو گُنبذ ، اڄ ٻه پري ڪان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ڪن عالمن راءِ ڏني ته هي بادشاهي پئسن سان ، هڪ عورت جي جوڙايل مسجد شريف آهي. اِن ڪري هن ۾، نماز پڙهڻ بهتر نه آهي. اهو ٻُڌي مائي ڄامان کي افسوس ٿيو ۽ اُن ، من ۾ محبت پائي، پنهنجي محلات يا گهر جي اندرويهي،سُٽ ڪتي، اُن جا ڍيرا بازارن ۾ وڪٽي، اُنهيءَ هٿ جي پورهئي واريءَ رقم مان، ٻي مسجد شريف جوڙائي، جيڪا اڄ ٻه موجوده چوٽياريءَ ۾ موجود ۽ صحيح سلامت آهي. اُن ۾ عالمن نماز پڙهي ۽ اڃان تائي قائم ، دائم ۽ آباد آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جڏهن هتي، درسگاهه چوٽياريءَ جي باني ميان مخدوم محمد مُبين ڪيريي ٿرائيءَ وٽ آيو، ۽ اهو ڪاپي وارو قصو معلوم ٿيس، ته اُن ، هن عورت جي پورهئي کي وڏي مڃتا ڏني.



سنڌس پورهئي کي سلام پيش ڪرڻ لاءِ، پاڻ پورو سُر ڪاپائتي لکندي فرمايائين:

مُحبت پائي من ۾ ، رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اَڻ توريو اگهائيو .

سُر“ڪاپائتي”. شاهه جي راڳ ۾ هلندڙ آهي، پر راڳ جي وڏي ڄاڻو فقيرن جي گذاري وڃڻ سببان، “ڪاپائتي راڳ” کي مسلسل نٿو ڳايو وڃي.

هي شاهه جي رسالي جو نائون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 41 بيت، 2 وايون ۽ 2 داستان شامل آهن. هن سُرجو پهريون بيت “. توڙي تون ڪاتار ، ڄمرَ! هيڪلي پيريين ” ۽ آخري وائي “. آئون جا ويندڙي پار پرين جي، مون کي آيل! جهل مَ پاءِ ” آهي .

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

جان ڪتين تان ڪتِ، هيءَ هڏا! وهاڻي،
ڪاپائتي سيڪا، ڪتي سيباڻي،
جانتو جن ڄاڻي، تن پڻهي هٿان نه ڇڏي.

(اي قربدار ڪاپائتي !) جي ڪپاهه ڪتڻ چاهين ٿي، ته هينئر ئي ڪتي وٺ . هي ويل ٻه ڄاڻ هٿن مان وئي ! هر هڪ ڪاپائتي، جڏهن ٻه ڪتي ٿي، تڏهن وٽي ٿي ۽ مانائتي ٿئي ٿي. جن ڄاڻ منجهان جانتو، (جن ڪتڻ منجهان ڪمائيو) تن ڪپهه جي پوٽي، هٿن مان هيٺ ڪڏهن رکي ئي ڪا نه ڪا.

ڪتڻ جي ڪا نه ڪرين ، سُتي ساهين هڏ ،
صُباح ايندئي اوچتي ، عيد اُگهاڙن گڏ ،
جت سرتيون ڪنديون سڏ اُت سڪنديئءَ سينگار کي.

ڪپهه ڪتڻ جي ڪوشش ئي ڪو نه ٿي ڪرين، رڳو سُتي سُتي پئِي آرس پجين . سُياڻي عيد ملهائڻ واريءَ گهڙي، اُگهاڙن سان گڏ، اچانڪ اچي ويندئي ! جتي سُهڻيون سرتيون هڪٻئي کي (سِهرن ڳائڻ لاءِ) سڏ





www.sindhsalamat.com

ڪنديون، اُتي تون سُهڻي سينگار لاءِ ويني سکندين .

سونَ ساريڪا هٿڙا ، ڪُهُ نہ ڪتين رڏ !؟
ويهي ڪُنڊ ڪاپوڪر، ڳتيين ڳوهيون ڇڏ،
تہ صرافاڻي سڏ ، مَرڪِيو هُوند مَتائيين.

اي رڏي ڪندڙ ڪاپائتي ! تنهنجا سونَ جهڙا سُهڻا ۽ پورهيو ڪندڙ پيارا پيارا هٿڙا آهن، پوءِ بہ تون ڪتين چو نہ ٿي ؟ ڪنهن اڪيلي ڪُنڊ ۾ ويهي، ڪتڻ جو پورهيو ڪر ، ڳهتين ۽ بازارن ۾ ، ڳُهتون ۽ ڳوهيون هڻڻ ڇڏي ڏي . تہ جيئن (سُياڻي) صراف ۽ پارکو جي سڏ تي، تون خوش ٿي سُٽ جو سودو ڪري سگهين .

پيريين ۽ پانئيين ، "پانئڻ". پيجي ڇڏ ،
ڪِتو وِتو پورهيو ، هوڏ وڃهنديئي هڏ،
هِتِ ڏيهومتين ڏڏ ! هُتِ ڏڪن ڏهسي واريون.

(اي ڪاريگرڪاپائتي !) تون پنهنجو چرخو چورين بہ ٿي ۽ اُن تي ناز ۽ غُرُور بہ ڪرين ٿي ، اِهو "پنهنجي پاڻ کي سڀ ڪُجھ سمجهڻ". وارو خيال، پيجي پورا پورا ڪري ڇڏ ! اِهو اَجايو سَجايو ڪيل پورهيو، (هوڏ ۽ هستيءَ وارو خيال) هڪ ڏينهن هيٺ هاجي ۾ وڃي هٽنديئي ! اي اَياڻي ۽ ڏڏ ! هت ڏيهوٽو سُٽ تي متائين، هُتِ ڏهوٽي ( تاجي پيتي ) واريون بہ ڏڪنديون ٿيون وڃن .

سُٽُ اُني جو سقرو ، جي پَرِ ۾ پجائين،
آواز اُو ارٽ جو ، ساهُ نہ سُٽائيين،
لِڪايو، لطيف چئي، ڪنبيو ڪتائين،
جي ماڻڪ متائين، توءِ مُلُ مَهانگو اُنِ جو.

سُٽُ (جو ڏاڳو ) اُنهن جو صفا سُنو ۽ صاف سُترو هوندو آهي، جيڪيون پنهنجيءَ پَرِ ۾ اڪيليون ويهي ٿيون ڪپھ ڪتائين . اُهي قُربدار ڪاپائتيون چرخي چورڻ جو آواز، پنهنجي ساهہ ۽ سرير کي بہ ڪو نہ ٿيون



سُٽائين . سُهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ : اُهي پنهنجيءَ ڪپھ کي، ٻين کان لڪايو، ( خُدا جي خوف کان ڪنبيو ) پوءِ ٿيون پنهنجو پورهيو ڪن . "جي اُهي، اُن سُٽ جي عيوض ۾ ماڻڪ ۽ موتي بہ وٺن ، تہ بہ اُنهن جو سُٽ مُلهہ ۾ اجان وڌيڪ مهانگو هوندو آهي .

تاجي توريائون ، تہ عيب نڪتا اڳيان،
ڪوني ڪاپاتين کي ، پر ۾ پُڇيائون ،
اڳلڙي آئون ، مون کان پڙا پڳا نہ ٿيا .

جانچي جُونچي (قورو قولي) پوءِ وزن ڪيائون، تہ قوري جي اندران، ڪوڙ سارا عيب نڪري آئيا . صرافن، سيني سُٽ ڪتڻ وارين کي سڏي، اُنهن کان مخفيءَ طور معلوم ڪيو . ( اي اديون پينر ! ) آئون ميرڙي، ڳندڙي ۽ عيبن هاڻي ٿي، مون کان تندُن ۾ ڪپھ جون نڊيون ڳنڍيون ۽ ڳوڙها ، لسا ڪيا ڪو نہ ٿيا .

"نفيءَ" جي "نانهن". سين ، پهي پجيائون،
پِڙا جي "پانئڻ". جا ، پيري پڳائون،
هُو جو وڻ "هُئڻ" . جو، وڍي وڌائون،
"اسين". ۽ "آئون". ، آتڻ ناهِ اُن جي.

"نفيءَ". ۾ جيڪا "نانهن". موجود آهي، اُن سان ڪپھ جي پوٽيءَ ويهي ڪتيائون، (پڃي صاف ڪيائون) ڏاڳن جا "پاڻ پانئڻ". (تڪبر ۽ خُوديءَ) وارا ڳوڙها ۽ور وڪڙ، ورائي ورائي ڪٽي صاف سُترا ۽ لِسا ڪيائون . اُهو وڻ جيڪو "هُئڻ". ، "هستي". ۽ "هوڏ". وارو، من ۾ موجود هُين، سو وڍي، ڪپي ۽ ڪيرائي وڌائون . "اسين اسين". ۽ "آئون آئون". واري ٻولي ۽ لولي هاڻِ اُنهن جي ڪتڻ واريءَ جاءِ تي آهي ئي ڪانہ ڪا !

متي ڏيکاريل شاهہ جي رسالي جي سُر"ڪاپائتي" مان، ارٽ اورڻ، چرخو چورڻ ۽ سُٽ ڪتڻ جهڙن قيمتي عنوانن ۽ مثالن مان، اسان تيستائين قرب جو ڪاپو ڪندا





www.sindhsalamat.com

رهون، جيستائين وجي رتو راس ٿئي . جن انسانن، ”نفيءَ“ ۽ ”نانهن“ (يعني فنا ۽ نابُود جي فلسفي) سان پنهنجي پهي پڄي، تہ اُنهن ڪٿيو، باقي ”هُوند“. وارا تہ هر حالت ۾ هارائيندا ئي رهندا آهن . بقول پٽ ڌڻي ”. انئي پهر ارٿ سين، جي ڪتن ۽ ڪنبن، تن جو صرافن، ڦورو ڦوليو ڪينڪين “.



## 10. سُر ”بلاوَل“ جو فلسفو

”بلاول“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. جيڪو اسم خاص ۾ ماڻهوءَ جو نالو ۽ راڳ جي اصطلاح ۾، هڪ ”ٺاٺ“ يعني راڳڻي جو نالو آهي.

هي شاهہ جي رسالي جو نصيحت ڀريو، سخا ۽ ساراهہ وارو سُر آهي. هن ۾ بظاهر سمن قبيلن جي سردارن ۽ سربراهن جي سخا ۽ ساراهہ وارا بيت چيل آهن. اُنهن ڄامن جي خاص خُوبي اِها هُوندي هُئي جو هُو وڏن ڄاڻو فنڪارن، منگتن ۽ مڱڻهارن کي تہ نوازيندا هئا، پر وڏن ڏڏن ۽ جڏن کي بہ دل کولي دان ڏيندا هئا. اهڙا سخي سردار ۽ هيٺن جا همراهہ هونئن تہ ٻيا بہ گهڻا ئي هئا، پر مختصر جيڪي نالا ڳڻائي سگهجن ٿا، اُنهن ۾ سخي جادم جکرو ولد سام، اوڍر پُٽ نوتيار، سمو پُٽ لاکو، جکرو پُٽ سمو، جکرو پُٽ اُڍو، مُهڙ پُٽ لاکو، ابڙو پُٽ رائيڌڻ ۽ ڪرڻ پُٽ لاکو جهڙن جوانن جا نالا اچي وڃن ٿا .

شاهہ صاحب جي ڪلام جي خاص خوبي اها آهي، جو اُن ۾، نِج ديسي ڪردارن ۽ لوڪ داستانن وسيلي، حقيقي ۽ معنوي ڪردارن جون ڳالهيون ڳايون ويون آهن . مثلاً:

جکري جهو جوان، ڏسان ڪو نہ ڏسين ۾،
مُهُڙُ مڙني مُرسلين، سَرسُ سندس شان،
ايءُ آڳي جو احسان، جنهن هادي ميڙيُمِ ههڙو.
جهُڙَ تنهنجي جهپيا، هزارين حاتم،
ڪوجهن سندا ڪم، ڪامل ري ڪير ڪري؟
جکرو جس ڪرو، ٻيا مڙيئي مل،
سمي جي سُهاڳ جي، ڪنهن نہ پيئي ڪل،
مٿيءَ اِن مُرسل، اصل هئي ايتري .
سما! تو سِر ڇٽُ، نا تہ پاڳارا پُرس ٻيا،
ڳُهُڙُ! تنهنجي ڳجڙي، اچي جال جڳٽ،
جنهن جيهو ئي پٽُ،تنهن تيهائي ٻِڪيا .





www.sindhsalamat.com

هندوستاني موسيقيءَ ۾ ، "بلاولي" هڪ جدا راڳڻي ۽ "بلاول" جدا راڳ آهي . شاهه جي راڳ ۾، سُر "بلاول" آهي، جيڪو هڪ خاص ٺاٺ آهي، جنهن مان ٻيا راڳ نڪرن ٿا .

هي شاهه جي رسالي جو ڏهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 55 بيت ، 4 وايون ۽ 3 داستان شامل آهن . هن سُر جو پهريون بيت " الله ! جُنگ جِيَنِ ، اَجهي جني گهاريان " ۽ آخري وائي " ڏڪ ڏڪيندو ، مون نہ ڇڏيندو ، شفيعُ شافعُ سُپرين " آهي .

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

پاندپ سين نہ پاڙيان ، سَئين ٻيا سردار ،
آهي مثل مينهن جي ، سخي ! تنهنجي سار،
حاتم هڙد هزار، جهُڙ تنهنجي جهپيا .

وڏي سخي سردار سان ، ٻئي ڪنهن کي بہ برابر ڪري نہ ٿي سمجهان، توڙي جو سوين ٻيا بہ سُهڻا سردار آهن . اي سڀاجها سخي ! تنهنجيءَ (غريبن جي مٿان) سار سنڀار، مينهن جي پرپور وسڪاري وانگر آهي . سخي حاتم جهڙا ارڙنهن هزار ( هزارين هزار ) تنهنجي جهُڙ (رحمت جي ڪڪر ) ڇانهن ۾ ڏڪي ڇڏيا آهن .

راهُو ! تنهنجي ريت ، پرڪندين ئي پڌري ،
گهٽا گهوڙي چاڙهيا ، تو مسافر مسيت ،
پُڇين ڪا نہ وڏيت، جي آيا، سي اگهيا .

اي سخي راهُو ! تنهنجيءَ سخا واري ريت، پرڏيهن ۾ بہ پڌري آهي . مسيت ۾ ٽڪندڙ، گهڻن ئي مسڪين مسافرن کي، تو گهوڙن جو مالڪ بنائي، اُنهن تي چاڙهي پوءِ روانو ڪيو . تون تہ ڪنهن کان ذات پات ئي ڪونہ پڇين، جيڪي بہ سُوالي آيا، اُنهن جا عرض اگهامي ويا .

سر نهارج سيرو ، تڙ تڙ ڪيم ترسُ ،
ڏيندئي لک لطيف چئي، راڄ راهُوءَجي رسُ،
وِلها جنهن ونهيان ڪيا، پاڳ تنهين جي پسُ،
ڪوڙيين لاهي ڪسُ، جي ڳالهائي ڳاٺ ڪٽي.



( اي چڱا چارڻ !) پاڻيءَ سان سُنوپريل، ڪو وڏو شاهي تلاءُ وڃي جانچ ، هِتي هُتي ۽ هر هڪ تڙ تي نہ پيو پٺڪ . سُهڻو شاهه لطيف چوي ٿو،تہ " توکي لکن جي ڏات ملي ويندي، هيڪر راهُوءَ جي راڄ پاڳ واريءَ حد ۾ تون پهچ تہ سهي ! جنهن ٻُکيا ڏُکيا ، سُکيا ستابا ڪيا، تون اُنهيءَ سُهڻي جي سرداريءَ ۾ وڃي پڄ . ڪروڙين ڪروڙ غريبن جي ڪوٺ پوريءَ ڪري ٿوڇڏي، جڏهن ڪنڌ مٿي ڪري ، حُڪم ڏئي ٿو".

جڪري جهو جُوان ، ڏسان ڪو نہ ڏِسينِ ۾ ،
مُهُڙ مڙني مُرسلين، سرسُ سندس شان ،
ايءُ آڳي جو احسان، جنهن هادي ميڙيُم هھڙو.

جانب جڪري جهڙو سُهڻو ۽ سخي جوان، ٻين سڀني طرفن ۾ ، آئون ڏسان ئي ڪو نہ ٿو . سڀني پيغمبرن ( رسولن ) جو اڳواڻ آهي ۽ اُنهن سڀني کان وڌيڪ ان جو مانُ ۽ مرتبو آهي . اِهو منهنجي الله پاڪ جو وڏو احسان آهي، جنهن اهڙو عظيم ۽ هدايت ڏيڻ وارو سُهڻو سردار اسان کي عطا ڪيوآهي .

جڪرو ، جس ڪرو ! ٻيا مڙيئي مل ،
سمي جي سُهاڳ جي ، ڪنهن نہ پيئي ڪل،
مٿي اِن مُرسل ، اصُل هُئي ايتري .

جانب جڪرو ، صحيح ۽ سچي راهه وارو آهي، باقي ٻيا مڙيئي نالي جا پهلوان آهن . جانب جڪري جي بالا بخت جي، ( اڄ ڏينهن تائين ) ڪنهن کي پوريءَ طرح ۽ مڪمل خبر ئي ڪا نہ پيئي آهي . اِن نبي ڪريمُ ( صلي الله عليہ وآلہ وسلم ) لاءِ ، اُها پاڪ ۽ مقدس مٿيءَ هُئي ئي فقط ايتري .

ابڙو اگهامن ۾ ، سبڙ جيئن ٻيلي ،
سي پٽ ڪنهن نہ پوٽيا، جي تو پڙ پيلي،
سمو سانوڻ مينهن جيئن، رِجُون ٿو ريلي،
اڇن جي ويلي، تن ٻور بخشي ٻٺ ڏٽي .

سخي سردار ابڙو، اگهامن جي ملڪ ۾ ايئن آهي ، جيئن لسٻيلي ۾، سخي سپڙ ڄام سُلطان . اُهي ملڪ ۽





www.sindhsalamat.com

علائقا بئي ڪنهن بہ ڪو نہ لتاڙيا، جيڪي هيءُ همت وارو
مرد روزانو ٿو لتاڙي ۽ پيلي . سُهڻو سخي سمو سردار ،
سانوڻ جي منداڻتي مينهن وانگر، رُڃن ۽ بيابانن کي بہ ،
پنهنجيءَ سخا سان ٿو سيراب ڪري . جيڪي ( مسڪين )
هڪ ويلي جي مانيءَ لاءِ سُوالي ٿي تا اچن، اُنهن کي ، هي
بني جو مالڪ، بور گهوڙيون بخشي ڏيئي ٿو ڇڏي .

ابڙو اگهامن ۾ ، پرجهلو پاري ،
مَنهن مُني جڪرو ، طاماعُنِ تاري،
سمي سُوالين کي، ويلهہ وساري ،
پُڇي سي پاري ، جي عاجز اُجُورن ۾ .

سُهڻو سخي سردار ابڙو ، اگهامن جي ملڪ ۾ ،
غريبن ۽ مسڪينن جي لاءِ، وڏو پرجهلو ۽ آڌار آهي . هيءُ
جانب جڪرو چپر جي وچ واريءَ مضبوط مُنيءَ ( ٿوڻيءَ )
وانگر، جيڪي طمع رکي اچن ٿا، تن کي تاريندڙ ۽ گهُرج
پوريءَ ڪندڙ آهي . سُهڻي سمي سردار، سُوالين کي، ٿوڻ
جي تنگيءَ مهل ٽيڻ وارو ڪاڏي پيتي جو ڪُتڪو ۽ ڳٽتيءَ
وسارائي ڇڏي . هُو اڻ هوند ۽ واندن ڪان بہ تڪليفون پُڇندو
رهي ٿو، جيڪي محتاج ۽ مجبور ، تورڙن اُجُورن ۽ خيراتن
تي گذارو ڪندڙ آهن .

شاهہ جي رسالي جو سُر”بلاول“ سخي سردارن جي
سخاوت جي بيانن سان، سراسر مُعطر لڳو پيو آهي.

معنوي پهلوءَ کان ڏسنداسين تہ هن سُر مان، انسان
ذات کي، فقط الله پاڪ جي در تان گهُرڻ ۽ حاج پوريءَ
ڪرڻ جي لاءِ همٿايو ويو آهي ۽ حضورڪريم ( صلي الله
عليہ و آلہ وسلم ) جن کي، آخري پيغمبر ۽ رحمت للعالمين
ڪري مڃيو ويو آهي . “ مٿيءَ اِن مُرسل ، اصُل هئي ايتري”.

اسان کي شاهہ جي رسالي جي مُطالعي مان، هميشہ
نوان نوان عنوان ۽ اُهڃاڻ ملن ٿا ، جن تي غور، فڪر ۽ عمل
ڪرڻ سان، اسان پنهنجي دُنيا ۽ آخرت سنواري سگهون ٿا .



## 11. سُر”پرڀاتي“ جو فلسفو

“ پرڀاتي ” سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي
لغوي معنيٰ آهي،“پرڀات وارو. يا “صبح وارو”.هي شاهہ جي
رسالي جو حقيقت تي آڌاريل معنوي سُر آهي. جنهن ۾
سالڪ کي، اسُر ويل جو اُٿي، داتا جي در تي، ڪيرت (ساراهہ
واريون صدائون) ڪرڻ جي صلاح ڏنل آهي. شاهہ صاحب
چوي ٿو“اي منگتا ! تنهنجي ٽُنبي جي تارن تي تہ ڪٽ
چڙهي ويئي آهي، اِهو پانن ۽ پَٽ فقيرن جو پير ۽ نمونو ئي
ڪونهي، جو ڪينرو ڪِلِيءَ تي ٽنگي ۽ بيهاري ڇڏين”.

ايءُ نہ پانن پير ، جيئن ڪيريءَ ٽنگيو ڪينرو،
سُونهاري صُبوح سين، وڄهي ويڻين وير،
توکي چوندو ڪير ؟ ڪيرت ڏاران مڱڻو.

اي مڱڻا! اي ڏڏ! ڏاتار تہ گهڻو ڏيندڙ آهي ۽ ڏيندڙ بہ
اهڙو، جي اُنهيءَ جي سخا جي خبر، سَنهي ۽ گهٽي ڪتڻ
وارن کي پئجي وڃي تہ اُهي پنهنجا سمورا ساز ۽ سامان،
پلڪ ۾ پُرزا پُرزا ڪري ڇڏين.

جيڪين ڏڏن ڏي ، ڳُجهہ ڳُجهان ئي ڳُجهہ ۾ ،
سو جي سُٽين ڪڏهين ، ڪيرت وارا ڪي ،
تہ ساز مڙيئي سي ، هوند پٽون ڪن پلڪ ۾.

اي مڱڻا ! ڏوهہ تہ سمورو تنهنجو ئي آهي، تون داتا
جو در ڇڏي، بين نلهن ۽ سڪڻن درن تي صدائون هڻندو
وتين، اِن ڪري ئي تہ تنهنجا حال هيڻا ٿي ويا آهن.

ڏاتار ڏُک ڪيا ، پاڻان متي مڱڻي ،
“مون در ڇڏيو مڱڻا! مڱين ڪوهہ ٻيا ؟
تيلاهين تو پيا ، وچان وِلها ڏينهڙا” .
پُوريا در مَ پِنُ ، جن پِنيي پُورت نہ ٿئي ،
ڏيهہ ۾ ڏاتر هيڪڙو ، ناڻءُ تنهين جوڳِنُ ،
جو رين رساڻي دِنُ ، ڏيئي ڏُرمائي ڪينڪين.


www.sindhsalamat.com

جاڻي توءِ مَ جاڻ ، ايءُ در اَبوجهن جو،
اِن در سيئي اگهيا ، جن نہ پانيو " پاڻ "،
رُونجهاڻي راڄاڻ ، آهي اَبوجهن جو.

پرياتي، (جاجڪاڻي، وِهاڳ يا وِهاڳڙو) سنڌ جو آڳاٽو راڳ آهي. پرياتي جِي لئي،سنڌ جي قديم راڳ " لوڙائُو" سان بہ ملي ٿي. هي شاهہ جي رسالي جو ٻارهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 46 بيت، 4 وايون ۽ 2 داستان شامل اهن. هن سُر جو پهريون بيت " ايءُ نہ پانن پيرُ، جيئن ڪِيريءُ ٽنگيو ڪِينرو " ۽ آخري وائي " وڏا ڏاڻ ڏنائين ، ڪنيائين رختُ ريزالن جو" آهي .

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

جاجڪ ! جيڏا پس ، ويا سويرا ساج ڪٽي،
ڪينر ڪِيريءُ ٽنگيو ، ڪنجهي لڳي ڪس،
تو گهرندي مس ، لڄ لنگهڪِي ڇڏئي.

اي جاجڪ ! تون تنهنجا سينگا(هڪ جيڏا سرتا) تہ ڏس، هُو صبح جو سويرا، وڄائڻ وارا ساز ۽ سامان ڪٽي، هتان روانا ٿي ويا آهن . تنهنجو ڪينرو (سُرندو ) تہ سدائين ڪِليءُ تي ٽنگيو بيٺو آهي ۽ ساز جي ڪنجهي واري ڏاٽُوءَ تي ڪٽ چڙهي ويئي آهي . توکي نئين ڏاڙهيءَ اڃان مس آئي آهي ، تہ تو ڪٽي لنگهن واريءَ لڄ ڦٽي ڪئي آهي .

چارڻ وس نہ ڪاءِ ، تہ ڪا ڪِيرت جي ڪري،
جني سندو مڱڻو ، هٿ تني جي آهِ،
جي ڳارائينس تہ ڳاءِ،جي سُمهارينس تہ سُمهي رهي.

چارڻ ويچاري جي وس ۾ ڪا ڳالهہ ئي ڪانهي ، تہ هُو صدا ۽ ساراهہ واريون وايون ڪري (يا نہ ڪري ) سگهي . هِي جن مالڪن جو مڱڻو (ماڻهو ) آهي، سڀ ڪُجهہ اُنهن (مالڪن) جي ئي هٿ وس ۾ آهي . جي هُو چون تا "ڳاءِ" تہ ڳائي ٿو، جي هُو چون تا"سُمهي رهُ" تہ ويچارو سُمهي ٿو رهي .



اُٿيو اَبوجهاءَ! سبڙ جو سڏ ٿيو ،
جيئن اَئين ڪِيرت ڪٿ نہ سِکيا، تيئن پاٽا ريتو راءِ،
"مڱو مون مُلاءِ ، آئون اوهان جو آهيان".

اي اَبوجهو ! اُٿو ! سُهڻي سخي سبڙ ڄام جو، صدا قبول ڪرڻ وارو سڏ ٿيو آهي . جيئن جو اوهين ساراهہ ۽ صدائون ڪرڻ قطعي ڪو نہ سکيا آهيو! تيئن ئي توهان تي سُهڻو سردار، اڄ پاٻوهہ ۽ پيار مان پاڻهي ئي پرچي پيو آهي . ( هُو چوي بيٺو) "اچو ! اوهين اڄ مون کان گهُرو! ڇو جو آئون تہ آهيان ئي اوهان جو پنهنجو ".

ڏڏ ٿي، ڏان گهُر، ڇڏ وڃا جي وائي،
سبڙ رات سنباهيا، تازِي تو لائِي،
جو جاڻي نہ ڪائي ، تنهن سين بيلي ڏٽي ٻاجهہ ڪِي.

صفا اڻ جاڻ ٿي پئو! پوءِ وڃي انعام اڪرام حاصل ڪرڻ جي صدا هڻ ! جاڻ، علم ، حڪمت ۽ دانائيءَ جي بنهہ ڳالهہ ئي ڇڏي ڏي. سخي سبڙ ڄام، رات سنبرائي، سِترائي، تيار ڪري بيهاريا آهن، تازِي گهوڙا خاص تنهنجي لاءِ ئي ! جيڪو مسڪين منگتو، صفا ڪُجهہ بہ ڪو نہ ٿو جاڻي، تنهن سان لي بيلي جي ڏٽي سدائين پئي مهرباني ۽ ٻاجهہ ڪئي آهي .

اُٿي وڙُ ! ورناءِ ، دانهون دنبورن جيون ،
اڳيان اُنڙ ڄام جي ، لنگها ! تون ليلاءِ ،
جوڙ تندون، ڪر جاءِ ، متان سبڙ جو سڏ ٿئي!

اُٿي ! راڳ روپ واري ڏنڌي ڏي وراڻ ڪر، بين جي دنبورن جا سُهڻا ۽ سُريلا آواز ڪن ڏيئي ٻُڌ . اي لنگها! سخي سردار اُنڙ ڄام جي اڳيان، تون وڃي عاجزيون ۽ ڪورنشون ڪر . (سُرندي جون) تندون ناهي جوڙي، صحي جاءِ تي لڳائي، تيار ڪري بيهار، متان اوچتو سبڙ ڄام جو سڏ ٿئي !

"ڏاتار" تہ تون ، ٻيا مڙيئي مڱڻا ،
مينهن منڌائتا وسڻا ، سدا وسين تون !
جي گهرِ اچين مون ، تہ ميريائي مان لهان.





www.sindhsalamat.com

ڏيهن جو ڏاتار تہ هڪڙو ئي تون آهين، بيا (جڳ جهان ۾) جيڪي بہ آهن، سي مڙيئي مڱڻا آهن . ميهن تہ وسن تا (ڪڏهن ڪڏهن) مند اچڻ تي، تون تہ سڀ جمار پنهنجيءَ رحمت وسائيندڙ آهين . جي مُحبت سان منهنجي گهر اچين ، تہ آئون اڳلي عيبدار ئي ماڻ واريءَ تي پوان .

ڏڏ وڏو ڏڏا! پاڻ ڪونائي "مڱڻو"،
نہ ڪنهن نيو پاڻ سين، نہ ڪنهن ڪيو ڳڏ،
سبڙ ڪري سڏ ، ڏڏو ڏوليءَ چاڙهيو.

مڱڻهار تہ موڳو، وڏو ڏڏ ۽ ڪُند ذهن آهي، پر اُن کي سخي سبڙ جام پاڻهي ئي پاڻ وٽ گهُرايو آهي. نڪو هن کي ڪير پاڻ سان گڏ وٺي ويو ۽ نڪو ڪنهن پنهنجين ساٿين ۾ اُن کي شامل ڪيو. سُهڻي سخي سبڙ جام پاڻهي ئي پاڻ ڏڏ کي سڏ ڪري ، ڏوليءَ تي چاڙهي، انعام اڪرام ڏيئي، ( مان شان سان ) روانو ڪيو .

شاهہ جي رسالي جو سُر "پرڀاتي " ، سُر " بلاول " جو ساٿي سُر آهي. جهڙيءَ ريت "يمن" ۽ "ڪلياڻ" ، "سامونڊري" ۽ "سريراڳ" يا "رامڪلي" ۽ "پورب " سُر آهن. سُر "پرڀاتي" ۾ ، هڪڙي داتا جي در تان گهُرڻ جي صلاح ڏنل آهي ۽ پُوريل درن تان پنڻ جي سخت منع ڪيل آهي . " پُوريا در مَ پِنُ ، جن پنيي پُورت نہ ٿئي ، ڏيهہ ۾ ڏاتر هيڪڙو ، نانءُ تنهين جو ڳِنُ ، جو رين رساٽي دنُ ، ڏيئي ڏرمائي ڪِينڪِين " يا " ڪُوڙا در دنيا جا ، جاڇڪ ! مڱين جي " . اهڙيءَ ريت سُر"پرڀاتي" انساني روح کي تر و تازه ڪري، پنهنجي پُڄاڻيءَ تي پهچي ٿو ۽ اسان جي لاءِ، معنيٰ ۽ معرفت جا موتي مُهيا ڪري ٿو.



## 12. سُر "ڪارايل" جو فلسفو

"ڪارايل" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "ڪارڙو مور" ، "ڪارڙو هنجھ" يا "ڪارڙو نانگ". هي شاهہ جي رسالي جو معنوي سُر آهي، جنهن ۾ پاڻيءَ جي هنجھ پکيئڙي، مور ۽ ڪاري ڪاريهر نانگ بابت ڪيئي رُخ روشن ڪيل آهن. ڪنهن هندي شاعر چيو آهي تہ " تال سُوک ڪر پتر پيو ، هنس ڪهين نہ جائي ، پُراني پريت کي ڪارني ، ڪنڪر چُن چُن کائي". ساڳي وانگر حضرت سيد شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ پُڻ هِن سُر ۾ چيو آهي تہ :

سَر ۾ پکي هيڪڙو ، چُٽي چانگاري ،
جيڪا رضا رب جي، سا پکيئڙو پاري ،
وتان ويچاري ، وڳر سڀ وهي ويا .

پکي ٻيا متا تارا ٽيندا آهن، پر هنجھ هميشہ ڏُٻرا هوندا آهن. اُنهن جي من ۾، ماريءَ جو خوف پيو وِڌ وجهندو آهي تہ ڪٿان تو ماريءَ مار ڪري!؟

پکي ٻيا مچن ، هنجھ سدائين ڏُٻرا ،
ماريءَ سندو من ۾، وِرھُ ويچارن ،
ڪنبن ۽ ڪين ، موتي جي مهراڻ جا .

مور ۽ ڪاري نانگ جي قصي کي بہ اختصار سان هن سُر ۾ سمايو ويو آهي.مثلاً:

متي جهڙ جهيڙين ، مور ڪارايل پاڻ ۾ ،
ٿُوٽِي نانگ نہ ڏين ، موران موتڻ مِيهٽو.

جيڪڏهن وحدانيت يا وحدت الوجود جي فلسفي تي نظر دوڙائبي تہ سُر "ڪارايل" ۾، شاهہ صاحب ان ڳالھ جو بلڪل چٽو اظهار ڪري ٻُڌايو آهي تہ :

سو پکي ، سو پڃرو ، سو سَرُ ، سو ئي هنجھ ،
پيهي جان پروڙيو، مون پانهنجو منجھ ،
ڏِيل جنهن جو ڏنجھ ، سو ماري تو منجھ قري.


www.sindhsalamat.com

“شاهه جي راڳ” وارن سُرن کي، جڏهن هندوستاني موسيقيءَ جي راڳن سان ڀيٽبو تہ ايئن معلوم ٿيندو تہ سُر“ڪارايل”جڻ هندوستاني موسيقيءَ جي راڳ “جلدار ڪدارا” سان ملي ٿو . هي شاهه جي رسالي جو ٻارهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 56 بيت، 5 وايون ۽ 3 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت “ وحده وائي ڪري ، چڙهندي چيائين” ۽ آخري وائي “ هوت بلوچ جي آهيان،پلو! جيڏيون! آئون جا بلوچ جي آهيان” آهي .

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

ڪَونر پاڙُون پاتار ۾، پَونر پِري آڪاس ،
ٻنهين سندي ڳالهڙي ، رازق آندي راس ،
تنهن عشق کي شاباس! جنهن محبتي ميڙيا.

ڪنول ٻُوٽي جون پاڙون، اُونهي پاڻيءَ هيٺ (زمين جي تري ۾) ۽ پَونر تہ مٿي آسمان جي طرف اُڏامندڙ آهي . ٻنهيءَ جي پيار واري ڳالهڙي، رزق رسائيندڙ ڏٽي، راس آندي آهي، (هڪٻئي سان ڳنڍي آهي) اِنهيءَ پريت جي ريت کي جس هجي! جنهن ٻيئي محبت ڪندڙ ملائيا .

سر ۾ پکي هيڪڙو ، چُٽي چانگاري ،
جيڪا رضا رب جي ، سا پکيئڙو پاري ،
وٿان ويچاري ، وڳر سڀ وهي ويا .

تلاءُ ۾ هنجهڙو پکي اڪيلو آهي، چُڳي بہ پيو ۽ ورلاپ واريون وايون بہ ڪري پيو،(ڪُڙڪاٽ بہ ڪري پيو) جيڪا اللّٰه پاڪ جي مرضي ۽ حڪمت آهي، سا پيارو پکيئڙو پيو پُوريءَ ڪري ۽ نڀائي . ويچاري هنجهڙي وٿان، اُن جا سڀ ساٿي، ٽولا ٽولا ٿي ڪري، هاڻِ هليا ويا آهن .

اچو آب لُڙ ٿيو ، ڪالوڙيو ڪنگن ،
ايندا لج مرن ، تنهن سر مٿي هنجهڙا .

پاڪ صاف پاڻي، ميرو ۽ لُڙو ٿيو، جنهن کي ڪانوَڙِينِ هٽي ڪارو ڪري ڇڏيو. هنجھ ويچارا، ڇُڳڻ لئي ايندي، اُن پاڻيءَ جي سر تي، هاڻي لڄي ٿين ٿا .

ڪارايل جي ڪوڏ ، مون ڪينجهر سڀ نهاريو ،
وري وانهيري نہ وريا ، للا لاڪيڻيءَ لوڏ ،
هينئڙي جني هوڏ ، سي هنجهڙا سڀ هلي ويا .

سُهڻن مور پکين کي، خُوشيءَ مان ڪُڏندي ڏسڻ لاءِ، مون سموريءَ ڪينجهر ڍنڍ وجي جانچي ڏٺي . سُهڻِي چال چلڻ وارا سُهڻا هنجھ، وري واپس ويهڻ واريءَ جاءِ تي وريا ئي ڪو نہ . منهنجي هن هينئڙي جي، جن پکيئڙن کي ڏسڻ جي لاءِ ، هوڏ ٻڌل آهي، هاڻي اُهي هنجهڙا، هِن سر مان ئي هليا ويا آهن .

ڪُسرِ ڪنگن قبرون ، سُسرِ ساڱاهيج ،
هنجھ!هُتي جي ڳالهڙي، ٻگهن سين مَ ٻوليج،
ماڻي تون مريج، چئج مَ کهين ڇُهنج سين .

ڪِني، ڪوجهي ۽ ميري پاڻيءَ واري تلاءُ ۾، ڪُوڙن ڪانوڙين جون قبرون هونديون آهن، تون صاف سٿرو تلاءُ سُڃاڻجانءِ. اي هنجھ پکيئڙا! هُن پار واري سُهڻي ۽ پاڪ پاڻيءَ جي، ڀُڻڪ بہ ٻگهلن کي نہ ٻُڌائجانءِ . تون پاڪ پاڻيءَ ماڻي مرجانءِ، پر ڪنهن کي بہ ڇُهنب چوري، ڪُجھ بہ نہ چئجانءِ.( واتئون ورائي ويڻ نہ ڏجانءِ )

آسڻ جن اَريج ۾ ، تن جي وِهُ جو ورنُ ٻيو ،
تن جو ڪندو ئي ڪم ڪري، جي مٿس پير پيو،
پُريين آهي پڌرو ، تن نانگن جو نِهو ،
ڪِلي وير ڪِهو ؟ جو سامهون ٿئي سَپَنِ کي .

(اُهي نانگ) جن جي رهڻ جون جايون ۽ نِڪاڻا، سدائين سُڪل زمين ۾ هُجن ٿا، اُنهن جي زهر جو اثر ئي اَور هوندو آهي. اُنهن جو پُراڻو پيل ڪنڊو ئي ڪم لاهي ٿو ڇڏي، جي ڪنهن جو پير اُن جي مٿان وڃي پيو. پِيڙهين کان ئي اُنهن نانگن جو ٻُڻ ٻُڻياد، پڌرو ۽ نشانمبر آهي. اُهو ڪير ٿيندو آهي ؟ جيڪو مقابلي جي مهل، اهڙن وڏن وڙهندڙ




www.sindhsalamat.com

نانگن کي سامهون تي سگهي.

سَنُهان پانءِ مَ سپ ، وِياءَ واسينگن جا ،
لتاڙيا لطيف چئي ، چوريا وجهن چپ ،
تني جي جهڙپ ، هاتِي هنڌان نہ چُري .

اِهي سپ سنهڙا نہ سمجھ، جيڪي واسينگن جي بُڻ بُڻياد منجهان آهن. سُهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ " لتاڙڻ يا ٽورڙي چورڻ سان ئي، اِهي چاڙيءَ سان ڏک هڻن ٿا."(چپن سان چڪ هڻن ٿا) اُنهن جي فقط هڪڙيءَ سٽ سان، فِيل مست ( هاٿي ) بہ جتي هوندو، اُهو اُتان چُرندو ئي ڪو نہ !

واتان جني وِهُ وهي ، سي آيا اوڳارين ،
جي آرڻ ٻڏي آئيا ، تان نانگ نہ نهارين ،
ڏنير تن ڏارين ، ميل جني جي من ۾ .

( اُهي نانگ ) جن جي واتن مان زهر ( وِهُ ) وهندو ٿو رهي ، سي ڏنگڻ تي اچن، تہ مورڳو ماريو ٿا وجهن . جي وڙهڻ جو مقصد ( ضد ) ڪري آئيا ، تہ اُنهن کي ٻيا نانگ بہ نظر نٿا اچن . اُهي زورآور نانگ، ٻين کي چِيريو وجهن، جن جي من ۾ دشمني واري ميرائي ۽ مندي موجود هوندي آهي .

معلوم ٿئي ٿو تہ سُر"ڪارايل" ۾، هنجهن، مورن ۽ ڪپر ڪاريهر نانگن جي تمثيل سان، ڀٽائي صاحب، انساني اُمنگن، حسرتن ۽ خواهشن جو خوبصورت عڪس ويهي چٽيو آهي. "سَرَ ۾ پکي هيڪڙو ، پارهيڙي پنجاهہ" ، " ماڻڪ چُوڻو جن جو ، هنجهہ حُضوري سي" ، " پکي ٻيا مچن ، هنجهہ سدائين ڏُبرا".

اهڙيءَ ريت، هنجهن کي ٻگهن سان دوستيءَ نہ رکڻ جي دل واري صلاح ،ڪاري ڪاريهرنانگ جي چيڙ چاڙ کان باز اچڻ جي سختيءَ سان هدايت ۽ ڪپر ۽ گاروڙين جي پاڻ ۾ ازلي دشمني ۽ وير جهڙا دل آويز داستان داخل ڪيل آهن.

معنوي پهلوءَ ۾ جهاتي پائي ڏسنداسين تہ ، هن سُر ۾ ، وحدت الوجود جو جلوو ۽ فلسفو پڻ جرڪندي نظر اچي ٿو، مثلاً:

سو پکي، سو پچرو، سو سَرُ، سو ئي هنجهُ ،
پيهي جان پروڙيو، مون پانهنجو منجهُ ،
ڏيل جنهين جو ڏنجهُ، سو ماري ٿو منجهہ وڙهي.

اسان کي شاهہ جي سُر"ڪارايل" مان معنيٰ جا موتي حاصل ڪرڻ گهرجن، هي اُهو اعليٰ وکر آهي، جيڪو "وحده" جي وائيءَ ۾ سمايل آهي ۽ "الست بربڪم" جي اُهڃاڻ ۾ آويزان آهي .


www.sindhsalamat.com

## 13. سُر "ڏهر" جو فلسفو

"ڏهر" هندي ٻوليءَ جو لفظ آهي،جنهن جي لغوي معنيٰ آهي،"هيناهون ميدان" (جتي پاڻي گڏ ٿئي)، "ٻن واريءَ جي دڙن جي درميان نهيل ماٿري" يا "ٻيٽن جو هڪ قسم" (جن کي دُعا يا ذڪر خاطرپڙهيو وڃي). "ڏهر" لفظ جي ٻي معنيٰ ، "ڏاهه" ، "خبرچار" ، "سُڌسماءِ" ، "اُهڃاڻ" يا "ڏس پتو" به آهي .

هي شاهه جي رسالي جو معنوي پهلوءَ وارو حقيقت تي آڌاريل سُر آهي، جنهن ۾ الله پاڪ جي ساراهه سان گڏوگڏ، ٻن جو پاتال ۾ ٻُڏڻ، پاهڻ جو پاڻيءَ ۾ ترڻ، مانجهاندي جي ماڳ ڪي ساٿيهه سمجهڻ، ڪنڌي ۽ ڍورِ ڏٺين جون ساروڻيون سلڻ، سانگن جو گاهه سُڪي وڃڻ، ڪنڌيءَ اڪ ڦُلارڻ، پٽيهل ۾ پاڻيءَ جو لهي وڃڻ ۽ ڪنڌيءَ جو ڪاٺو ڏيڻ جهڙن عنوانن جو احاطو ڪيل آهي.مثلاً:

ڪنڌا ! تون ڪيڏو ؟ جڏهن پريو ڍور وهي ،
جسوڏڻ جيڏو ، تو ڪو ڏنو پيڙو ؟

هن سُر ۾، اڳئين وقت جي هڪ حاڪم، جسوڏڻ راءِ جو ذڪر به ملي ٿو، ته جام لاکي ڦلاڻيءَ جي لوڙين هٽڻ ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ جو احوال به موجود آهي . اوڏن، جاڙيجن، جتن، ڏاتين، ريبارڻن، سمن ۽ سنگهارن جي سار سنيار به لڌل آهي، ته ماريءَ جي ميرن ڪپڙن، بغل منجهه بندوق، روهه ۾ راماڻن ۽ ڪُوجن جي ڪُٽڪاٽن جو قيمتي پهلوءَ به سمايل آهي.

ماريءَ ميرا ڪپڙا ، بغل منجهه بندُوق ،
ماريو مير ملوڪ ، لتاڙيو لڪين چڙهي.

حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي وقت ۾ هلندڙ سُر "ڏهر" جي ڪنهن خاص لئي کي "راڳ" جو درجو ڏنو ويو. جيڪو "شاهه جي راڳ" جو حصو بنيو. بطور راڳ



جي، سُر "ڏهر" ، هن وقت تائين، فقط شاهه جي راڳ ۾ ڳائجي ٿو. هي شاهه جي رسالي جو تيرهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 108 بيت، 4 وايون ۽ 5 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " اللهُ! جيئن نالوءِ تيئن مون وڏو آسرو " ۽ آخري وائي " منهنجي نند نہ نيڻن وو! ڪالهون پوءِ لڪن ۾" آهي .

### بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون

جيڏو تنهنجو نان ، ٻاجهه پہ اوڏيائي منگان ،
ري ٽنيين، ري ٽوٽيين، تون چپر، تون چان ،
ڪُجاڙو ڪهان ؟ توکي معلوم سيڪا .

(اي منهنجا مالڪ !) جيڏو وڏو ۽ سُهڻو تنهنجو نالو آهي، آئون توکان ٻاجهه، مهر ۽ بخشش بہ اوڏي ئي وڏي گهُران ٿو. ٽنين کان سواءِ، ٽُوٽين کان سواءِ، تون چپر بہ آهين ۽ تون ڇانهن بہ آهين. وڌيڪ ڪهڙو حال بيان ڪري ٻُڌايان؟ هر شئي توکي پاڻهي ئي معلوم آهي.(هر ڳالهه جي توکي خبر آهي)

صاحب ! تنهنجي صاحبي ، عجب ڏني سُون !
ٻن ٻوڙين پاتار ۾ ، پهڻ تارين تون ،
جي گهر اچين مون، تہ ميريائي مان لهان .

اي منهنجا مالڪ سائين ! تنهنجي مالڪيءَ ( بادشاهيءَ) اسان عجب جهڙي ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڏني آهي. اُونهي اوڙاهه پاڻيءَ ۾، هلڪڙو ٻن ٻوڙيو ڇڏين ۽ ڳرو پٿر پيو تارين تون . جي منهنجي گهر اچي مهر ڪرين، تہ آئون گنهگار بہ مانائتي ٿي پوان .

جان تو هئڙو سور ، ڪنڌا ! ڍورڏٽين جو ،
متي لامن ٻُور ، هوند نہ چاڙهيئي هيترو !

اي ڪنڌي جا جهُونا وڻ ! جي ڍورڏٽين جي جدائيءَ جو ، توکي پنهنجيءَ دل ۾، ذرو بہ درد ۽ سُور هجي ها . تہ پنهنجي ٽارين مٿان، ٻُور، ڳُل ۽ گونچ، جيڪر ايترو ججهو





www.sindhsalamat.com

ڦُنائي ۽ جهلي ڪو نہ ٻيهين ها !

چنل چچ هٽن ۾ ، ڪُلهن ڪوڏارا ،
پورهئي ڪارڻ پيٽ جي ، اُٿين سوارا ،
اوڏ پـہ ويچارا ، لاڪا ! وڃن لڏيو .

چنل، ٽُنل ۽ پُراڻا چچ هٽن ۾ اٿن ۽ ڪوڏرون رکيل اٿن ڪُلهن تي . (اُنهن ويچارن جا پار پتا اِهي جو) پنهنجي پيٽ گذران لاءِ، هُو هميشہ صبح جو سويري اُٿن ٿا . اي لاڪا جام! اِهي اوڏ ويچارا ، هاڻي تُنهنجي لوءِ مان ، لڏيو ٿا وڃنئي !

وِڙهي ويل سيڪنهين، لاڪو لوءِ بلوءِ،
ڪرڳل ڪندو ڪچڙي، پره ڦُٽيان پوءِ،
حيفُ! تنين کي هوءِ، جن اَڻ سنيُوڙي آئيو.

لاڪوڦُلاڻيءَ هر وقت وڙهندو وتي ٿو، ڳوٺ ڳوٺ ۽ ڊاٽيءَ ڊاٽيءَ . وڏي ڳوڙ گهمسان سان، ڪڇ تان حملو ڪندو رهي ٿو، باڪ ڦُٽيءَ مهل ڪان پوءِ . تن کي حيف هجي! جن جي مٿان، اَڻ سنبريل حالت ۾ حملو ڪيائين . (جن اڳ نہ سنباليو تہ هُواچي ٿو)

جهِجان پسيو جهوڪ ، آيل ! سنگهارن جي ،
جن تي پَهِي پيارِيا ، منجهان مٿن موڪ ،
لڏي وچان لوڪ ، اُني وِئڙا اُڪري .

اي منهنجي منڙي امڙ ! آئون سُهٽڻ سنگهارن جا ، خالي وٿاڻ ۽ پاڻ ڏسي، ڏُک ۾ جهجيو ۽ جهُريو تي پوان . جن سچن سنگهارن، کير، لسي ۽ ججهي ڏُڌ منجهان مٽ ڀري، اڳي تي اُجايل مسافر ۽ واٽهڙو پيارِيا . اُهي ويچارا، وڏي وسندڙ ڳوٺن مان لڏي، هاڻِ وسڪاري واري طرف هليا ويا آهن .

ڇڏيو چپر وٽ ، رڙهيو ريجاڻِي چُٽين ،
کُهي ڪيناري چاڙهيون ، پيون وڪامن هٽ ،
تو سر مٿان ست ، ڏيهاڻي ماري ڪري .



(اي ڪُومل ڪُونج ! تون) روھ جبل جو ڪنارو(وٽ) ڇڏيو، جتي ريج واري زمين آهي، اُتي وڃيو تي چُڳين ! (تو جهڙيون تنهنجيون پينر ڪُونجون) ماريءَ ماري، ڪُهي، وڃي ڪانيءَ (اڏيءَ) تي چاڙهيون آهن . اِهو مارِي، توکي بہ مارڻ لاءِ، روزانو تو (وجھ ڳولي ۽) تو تي جُلھ ۽ حملا ڪري .

وڳر ويا وهي ، ڪالھ تنهنجا ڪُونجڙي !
ڪندينءَ ڪوھ رهي ؟ سَر ۾ سُپيرين ري .

اي ڪُومل ڪُونجڙي ! تنهنجي سُهٽين ساٿين جا، سارا وڳر، وطن ڏانهن واپس وري ويا آهن . تون پنهنجي جوڙيءَ وال ساٿي ڪان سواءِ، هن سَر (علائقي) ۾ ترسي ڇا ڪندينءَ؟.

هي شاھ جي رسالي جو تاريخي اُهڃاڻن سان ڀرپور سُر آهي. جنهن جي داستانن ۾، غفلت بدران بيداريءَ کي اهميت ڏنل آهي. ٻئي داستان ۾، پٽيهل ڊوري جو ڀاٽيءَ گهنجڻ ۽ جسودڻ راءِ جواُٺان ڪان گُذري وڃڻ جو احوال اوريل آهي. هن سُر ۾، سمي سردار جام لاکي ڦُلاڻي جي ڦُرن،ڳٽن ۽ ڳالهين بابت پڻ ورق ورايل آهن. ڪٿي ڪٿي سُهٽڻ سنگهارن ۽ مالدار ماڻهن جو هڪٻئي سان گڏ گذارڻ ۽ صلح سانت ۾ رهڻ وارو طريقو ۽ اُصلوب آويزان ڪيل آهي. هن سُر جي آخر ۾ وري ڪُونجن تي ڪهل ڪرڻ ۽ انهن کي نہ مارڻ جي ترغيب پڻ ڏنل آهي . ڪُونجن کي اها پڻ صلاح ڏنل آهي تہ اوهين جبل جي وٽ ۾ پري پري وڃي چوڳو ڳوليو پر ريجاڻي (آبپاشي) واري علائقي ۾ نہ اچو، ڇو جو اُتي ماريءَ ميرا ڪپڙا پايو، بغل منجھ بندوق ڪنيو تو ڦِري !

هن سُر ۾، تاريخي حقيقتن سان گڏوگڏ، هدايتون ۽نصيحتون پڻ نمايان نظر اچن ٿيون، جن تي عمل ڪرڻ سان، انسان فلاح ۽ ڪاميابيءَ پڻ ماڻي سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com

## 14. سُر "آبري" جو فلسفو

"آبري" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "پاٽيءَ کان سواءِ"، "اُجايل"، "بي زوري"، "هيٺي"، "اَپري" ۽ "ضعيف" وغيره. هي شاه جي رسالي جو حقيقي ۽ تمام وڏو معنوي سُر آهي.

سسئي پُنهونءَ جو قصو، سنڌ جي سچي ۽ مشهور لوڪ داستانن مان هڪ آهي. سسئي جو جنم برهمڻ آباد ۾ ٿيو، سندس پيءُ جو نالو "ناٿون برهمڻ" ۽ ماءُ جو نالو "منڌر" هو.

ڪيچ جي سردار آريءَ ڄام جو پٽ شهزادو پُنهون، سنڌ جي ساحلي شهر ڀنڀور ۾، سُرهاڻ ۽ خُوشبوءِ جي واپار سانگي ايندو رهندو هو. جتي هن "محمد" نالي ڌوٻيءَ جي پاليل نياڻي سسئي سان (جيڪا هن دريا مان لُڙهندڙ پيتيءَ مان ڪڍي پالي هئي) عشق مان شادي ڪئي. هوت بلوچ (پنهون جا ڀائر) هن شاديءَ مان راضي نہ هئا. اُهي ڪيس ڀنڀور جي شهر مان ونڻ لاءِ آيا، جن کي پنهنجي والد آريءَ ڄام چئي ڇڏيو هو تہ "جيڪڏهن سچ پچ پنهون پرڻيو وينو هجي تہ اُن جي گهر واريءَ کي بہ ساڻ ڳِنهيو اچجو، ڇو جو اُها هاڻِ اسان جي عزت هوندي". شاه صاحب چوي ٿو تہ "آريءَ اُتن جيئن، اُوئين تہ اوئين نہ ڪيو".. آريءَ ڄام جا پٽ، پنهنجي ڀاءُ پنهونءَ کي، ڀنڀور مان ڪٽي ويا ۽ ويچاري سسئيءَ کي ڇڏي ويا، جنهن جبلن ۾، پنهونءَ جي پٺيان پيدل ڪشالا ڪيا ۽ وڃي پنهونءَ سان روحاني وصال ماڻيو.

شاه صاحب سُر "آبري" ۾، سسئي پنهون جي قصي جي تمثيل ڏيئي، وحدت الوجود جي فلسفي جي وڏي اُپٽار ڪئي آهي ۽ الله پاڪ جي وحدانيت ۽ هيڪڙائيءَ بابت پنهنجن پاڪ خيالن جا واهڙ وهايا آهن. مثلا:



وَاللهُ بِکُلِ شيءِ مُحيطٌ، ايءُ آرياڻي اُهجاڻ.
هوت تنهنجي هنجهه ۾، پُڇين ڪوهه پهي ؟
وڃين ڇو وٽڪار؟ هِتِ نہ ڳوليين هوت کي.

شاه جي رسالي ۾، سسئي پنهونءَ جو داستان اڪيلو سُر آهي، جيڪو پنجن راڳن ۾ ڳائجي ٿو. اُنهن ۾ سُر "آبري" بہ هڪ جدا راڳ آهي، جيڪو گهڻو ڪري آڌيءَ رات کان پوءِ ڳائجي ٿو.

هي شاه جي رسالي جو چوڏهون ۽ سسئي پنهون جي داستان جو پهريون نمبر سُر آهي. جنهن ۾ 170 بيت، 20 وايون ۽ 11 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت "اول، آخر، آهِ، هلڻ منهنجو هوت ڏي" ۽ آخري وائي "ڳالهيون هوت ٻاروچي ساڻ وو! منهنجي جيءَ جون جيڏيون!" آهي.

### بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون

ڏري ۽ ڏاري، سَتِ سُورن جي سسئي،
پيبائي پنهونءَ ڏي، نرمل نهاري،
لالڻ جي لطيف چئي، سونهن ستي ساري،
پريتڻو پاري، مارڳ ۾ منڌ مئي.

سسئي سُورن واريءَ ست سبباڻ، پاڻ بہ پئي ڏکن ۾ پرزا پرزا ٿئي ۽ ٻين جا هانو بہ پئي افسوس ۾ اڏواڏ ڪري. جنهن طرف سندس پيارو پنهون هليو ويو آهي، نرمل مسلسل اوڏانهن پيئي ٿي نهاري. سُهڻو شاه لطيف چوي ٿو تہ "هُو پنهنجي لالڻ جي، سهڻي سونهن واريون سهڻيون ڳالهيون پئي هر هر ياد ڪري." (سسئي) پنهنجيءَ محبت جو ناتو نڀائي، نيٺ وڃي دڳ ۾ دم ڏنو.

مهند محتاجي ڪري، حُجَ وڃائي هل،
عُذرخواهي، عاجزي، سسئي! ڪنهن مَ سل،
ڏونگر ڏورڻ ڏاکڙو، لئون رءَ ڪونهي لل،
ايءُ يلائيءَ جو يل، جيئن پاسي تيڻ "پاڻ" ڪان.


www.sindhsalamat.com

(اي سُور سُبيلي سسئي!) تون پنهنجي محتاجيءَ ( ۽ عشق ۾ فنا واري جذبي) کي اڳيان رکي، "حُجت" وڃائي، پوءِ اڳتي وڌ. اي سُورن هاٽي سسئي! عُذرخواهي جهڙي عاجزيءَ وارو ڏک، کنهن به ٻئي انسان سان نه سل. ڏونگر ڏورڻ ڏاڍو ڏکيو معاملو آهي، عشق جي آڌر کان سواءِ، ٻيو ڪوئي چارو ۽ ڏاهپ ڪونهي. اِن ڳالهه ۾، پلائيءَ جي پلان پل آهي، جو "پاڻ" کان (مَين، تڪبر، خُودي، آپي، ۽ اَنا کان ) پري ٿي رهجي.

پنهون ڇڏيو پوءِ، جانب جبل ڳولييين،
ٽيلاهين ٽنگون ڪرين، جيلاهين تون جوءِ،
ساجن سُڄ نهاريين، ڏُکي ! ڏوهه ڪيوءِ،
هاڙهي هوت نه هوءِ ، وري پُڇ وينين کي.

(اي سُورن هاٽي سسئي!) تون پنهنجي پياري پنهونءَ کي پوئتي ڇڏيو، (آريءَ جي اُلفت پنيور ۾ رکيو) جانب کي، جبل ۾ پئي ڳوليندي وتين . تون ٽنهن ڪري تڪليفن ۾ پئي آهين، جو تون عورت ذات ( ڪچي ارادي واري) آهين . پنهنجي سُهڻي ساجن کي، سُڄ ۽ بيابان ۾ ( دل جي گهراين کان ٻاهر) ڳولين ٿي، اي ڏاڍي ڏُکي! اهو وڏو ڏوهه جو ڪم ٿي ڪرين . ٽنهنجو هوت پنهونءَ هاڙهي جبل ۾ ڪونهي ڪو، ورائي پڇ انهن کان، جيڪي گهر وينيون آهن . (جن صبر سان سُتي ۽ گهر ۾ ويني، سُهڻو ساجن صحي سُڃاتو آهي).

وڃين چو وٽڪار، هت نه ڳولين هوت کي،
لڪو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار،
ٿيءُ ستي،ٻڌ سندرو، پرت پنهونءَ سين پار،
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.

(اي سُورن هاٽي سسئي!) تون وٽڪار واري واديءَ ڏانهن چو پئي وڃين؟ هتي (اِتيئي پنهنجي من اندر ۾) هوت کي چو نٿي ڳولين؟ سُهڻو شاهه لطيف چوي ٿو ته" ٽنهنجو



ٻاروچل ٻئي ڪنهن به پاسي، ڪٿي به لڪل ڪو نه آهي. ٿي پاڪباز، ڪر توڪل، (اتي ئي ويهي) پنهنجي پياري پنهل سان پريت نڀاءِ. اکيون جهڪائي، پنهنجي من اندر ۾ جهاتي پائي ڏس، ته تو ۾ ئي، ٽنهنجي دوست جو ڏيرو موجود آهي."

مون کي پانئي "پاڃ" ، ڏير ڏُوراٽا هليا،
اڳيان آٿي اُن جي ، خُوب نه پکم ڪاڄ،
ميڙي آپ سرتيون ! نه ڪِي ڳايم ڳاڄ،
سا مون هٿان نه ٿِئِي ، جيڪا رسم راڄ،
آيل! آئون اَڪاڄ ، ٻول ٻاروچي وترو.

ڏيرن پانئيو ته "هيءَ پاڃوڪڙ ۽ رولُو زال آهي، (ان ڪري، پنهونءَ سان پرڻي آهي)".ٽنهن ڪري پنهونءَ جا پائر، (منهنجا ڏير) مون کي ڏِکي ڏار ڪري هليا ويا. (جڏهن پنيور شهر ۾ آيا هئا ته) اُتي، اُنهن جي اڳيان ويهي، سُنا سُنا ۽ لذيذ طعام مون ڪو نه پڪايا هئا. هڪ جيڏيون سُهڻيون سرتيون سڏي، (گڏ ڪري) اُنهن هوت بلوچن جي اچڻ جي خُوشيءَ ۾، نڪي مون ڳيچ ڳايا هئا. اُها ريت ۽ رسم مون کان ادا ڪو نه ٿي، جيڪا راڄن ۽ خاندانن ۾، خُوشيءَ جي موقعن تي رائج ۽ هلندڙ هوندي آهي. اي منهنجي منڙي امڙ! آئون نڪاري، سست ۽ ڏِٻ ڍري آهيان، هوت بلوچ جو سُخن ۽ حساب ڪتاب، تمام مٿاهون آهي!(وڏيڪ وزن وارو آهي).

پڃي جان پنيور کان ، ڏونگر ڏوريو مون ،
ڪاهي رسيس ڪيچ کي، جتي پاڻ پنهون ،
سيت آهين تون، قضا ڪنديءَ ڪن سين؟

جڏهن پنيور جي شهر کان بيزار ٿي مون پاڃ ڪاڏي ۽ (جڏهن خُوديءَ، تڪبر ۽ ٻيائيءَ کي ٻن ڏيئي) مون وڃي محبت جو ڏونگر ڏوريو. ته آئون ڪاهي وڃي ڪيچ شهر کي پهتي، جتي پاڻ پنهونءَ(منهنجو معشوق) موجود هو. (اي منهنجا منڙا محبوب!) جڏهن سڀ ڪجهه ڪندڙ تون ئي پاڻ آهين، ته پوءِ فيصلو ۽ نبيرو ڪندين ڪنهن سان؟





www.sindhsalamat.com

سُر“آبري” جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ، شاهہ صاحب ، سسئي جي تمثيل سان، عشق الاهيءَ جي اعليٰ عنوان جي اُپٽار ڪئي آهي.“پنڌ مَ ڪر پهاڙ ڏي، وُجود ٿئي وٽڪار، وڃي ڏُور مَ ڏور، دران منجهہ دوست ٿيو ، سڀ ۾ پنهون پاڻ ، ٻيو ناهہ ٻروچ ري”. ڀٽائي صاحب هن سُر ۾، ظاهري طرح سسئي سان مخاطب ٿيندي، انسان ذات کي، توڪل پري تلقين بہ ڪري ٿو، پاڻ فرمائي ٿو :“اي سُورن هاڻي سسئي! تون پنهنجو پاڻ وساري، ٻي خُود ٿي، پوءِ ٻر ۽ ٻيابان ۾ هل. اي مُني! تون سُهڻي ساجن جي لاءِ “سڪڻ” ڪي متان پنهنجي من مان ڪيين!”

هن سُر مان ڏُونگر ڏورڻ جو ڏس بہ ملي ٿو ۽ پياري پنهل جي پنيان، رائو ريلڻ جو رهنما اُصول بہ هٿ اچي ٿو. “ٽڪيائي ٽي ٽيل، چڙهہ چُڪيائي چوٽيين، هلندي هوت پنهونءَ ڏي، ٻئو مڙيئي ٻيل، اُٿي رائو ريل، وينين تان واري وري”. اسين سيبيئي، سسئي پنهونءَ جي ڏُکي داستان مان، دردن جو درمان بہ ڳولي سگهون ٿا ۽ سُورن جو سامان بہ. اِنهيءَ ريت، سسئي وانگر ڪاف ڪشالا ڪڍي، پنهنجي منزل بہ ماڻي سگهون ٿا.



## 15. سُر “معذور” جو فلسفو

“معذور” عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي“ مجبور” ، “لاچار” ، “بيوس” ، “ٻي پهچ” ، “هيڻي” ، “نماڻي” ۽ “نڌر” وغيره. هي شاهہ جي رسالي جو حقيقت تي آڌاريل معنوي سُر آهي، جنهن ۾ سسئي پنهونءَ جي لوڪ داستان جا عاجزي ۽ انڪساريءَ وارا اشارا ۽ اُهڃاڻ سمايل آهن.شاهہ صاحب سسئي کي صلاح ڏيندي چوي ٿو، تہ “اي ڏُکي! ڏِک وسار، سيج ڦٽي ڪر سسئي! پهڻ ٽني پٽ ٿئي، جي لالڻ لاءِ لُونيون”. اي سسئي! تون پنهنجي پاڻ کي، جسماني موت اچڻ کان اڳ ۾، رُوحاني طرح ماري “فنا” ڪري ڇڏ. “اجلان اڳي سسئي! منڌا! جيريائي مر. مرُ تہ مڙين سسئي! جيئڻ آڏو جت”.

جيڪيون ڦوڙائيون،مارڳ ۾ ويندي مري وڃن ٿيون، سُپاٽي جي بجاءِ، اُهي هينئر ئي هلن ٿيون. هٿن،پيرن، ڳوڏن، نوننن ۽ ساهہ پساهہ سان اُڳتي سرن ٿيون. “لا”۽ “ڪين” کي قبولين ٿيون، تہ اوهي ئي پنهجيءَ منزل ماڻين ٿيون.

مارڳ جي مرن ، وڏا طالع تن جا.
تتي ٿڌي ڪاهہ ، ڪانهي ويل ويهڻ جي.
هٿين، پيرين، مونڙيين، سِرج ساهہ پساهہ.
“لا” سان اُٿي لڏ ، “ڪين” رساڻي ڪيچ کي.
اوڏو آ “آڻ هوند” کي ، هُونديان هوت پري.
هاري! ڪر همت ، تہ ڏيئي دم دوست لهين.
مُنڌا! مرڻان پوءِ ، پهچندينءَ پنهونءَ کي.
جان ڪين هُئين جئري ، منڌا!ينيوران پڄ!

“معذور” سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي ڀاڱي جو راڳ آهي، جنهن جي ڳائڻ سان معلوم ٿيندو تہ هي راڳ ڇڻ “ديوَگنڌار” سان ملندڙ جلندڙ آهي. هي شاهہ جي رسالي جو پندرهون ۽ سسئي پنهون جي داستان جو ٻيو نمبر سُر آهي.


www.sindhsalamat.com

جنهن ۾ 115 بيت، 8 وايون ۽ 7 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " هلندي هوت پنهونءَ ڏي ، کُهجڻ کي کوٽيون " ۽ آخري وائي " هِي گهايل هڏ گهوري! ڪيچي مون نہ سگهيٽا " آهي .

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

ڏُکي سنديون ڏونگرين، پسو ! پٿون پُونِ،
ڏاري جو ڏونگر کي، سو ڪين چيو چون،
آريءَ جي افسوس ۾، ماڙهو مِرو رون،
ان پر سيئي هون، هينئڙا جن هجي ويا.

ڏسو تہ سهي! (ماڻهو) ڏونگرن کي ڏکيءَ جي پاران، پيا پٿين ۽ بد دعائون ڏين . ڪو اهڙو آهہ وارو اکر ٿا ڪڍن، جو جڻ تہ ڏونگر هاڻ ڏري پوندو ! آريءَ جام جي وڇوڙي واري ڏک ۽ افسوس ۾ ، ماڙهو توڙي مرو، سيئي (جهنگل جا جانور) روئندا وتن . اهو انداز، نمونو، توڙي طور طريقو انهن جو هوندو آهي، جن جا هينئڙا، درد ۾ ڏُکي ۽ ڳري ويندا آهن.

فردا منڌ قتي ڪِي، نقد ڪنيو نار،
هُوءَ جا واڳ ولهيءَ جي، ويرم ڏي مَ وار،
جيڪِين مُئيءَ مار، جيڪِين ميڙ مُنيءَ کي.

سُورن هاڻي سسئي، سُپاڻي ملڻ وارو اُڌارو واعدو قتو ڪيو، اڄ جو اڄ، (هينئر جو هينئر) ملڻ وارو نقد سَودو قبول ڪيو . (تقدير کي چيائين) " هن ڏُکيءَ ۽ ڏُليل جي، جيڪا وقت واري واڳ آهي، اُها هڪ لحظي لاءِ بہ نہ ترساءِ. يا تہ هن مُنيءَ(سسئيءَ) کي ماري فنا ڪر، يا تہ مُنيءَ کي هلي سُهڻي سڄڻ سان ملاءِ."

ڪندا مون پيرن ۾ ، مرُ جان لڪ لڳن،
آڱر آڱوٺي نہ مڙي ، چيون پير چنن،
ويندي ڏانهن پرين ، جُتي جاتِ نہ پائيان.

منهنجن پيرن ۾ ،(رستن جا بابري) ڪندا بيشڪ! لڪين لڪ پيا لڳن . آڱر آڱوٺي سان نہ ڳڏجي، پهاڙن جون چيون پيرن کي چلي، پلي چيريو پيون وجن. (پوءِ بہ) پنهنجي محبوب پريَنِ ڏانهن ويندي، ڪنهن بہ قسم جي جُتي، آئون قطعي ڪو نہ پائيندي!

تتيءَ، تڪي نہ وِهي، تتيءَ ڪري تاڻ ،
وِڏي آ وٽڪار ۾، سسئي پاڻ سُڪاڻ ،
پُڇي پهہ پکين کي، پيئي مُنڌ پرياڻ ،
ڏِنس ڏيهہ وٽن جا، تن الله لڳ اُهجاڻ ،
مان! پرچي پاڻ ، اچي آرياڻي وري .

(هي سُورن هاڻي سسئي) سرديءَ ۾ تڪجي ويهي نہ ٿي رهي، گرميءَ ۾ بہ پئي اڳتي تاٿو تاڻ ڪري. سسئي پنهنجي سُڪاڻ (ڇگيءَ پر) وٽڪار جي وٽن ۾ وڏي ۽ انهن کي بہ سُهٽيءَ ريت ۽ پريت وارو ڪيائين . منڌ (سسئي) ڪنهن وڏي ويچار ۾ پئجي، پکين کان صلاح ۽ ارادو پئي پُڇندي وتي. سسئي کي، ڏيهہ جي وٽن بہ ، خدا ڪارڻ اُهجاڻ ، ڏس ۽ پياري پنهل جا پار پتا ڏنا. شال! سندس پيارو پنهل پاڻ پرچي، آرياڻي وري واپس اورتي (ماڳ تي) موٽي اچي .

آئون نہ ڳڏي پرينءَ کي، جوين وئڙم جاڙ ،
آڏو آرياڻيءَ کي ، چاڙهيڪا ۽ چاڙ ،
مون مُنيءَ کان نہ ٿئي، وڏيڻ منجهہ ولاڙ،
عُمر سڀ اَواڙ ، ويئيمِ تِي واڪا ڪريان.

آئون نہ ڳڏي پنهنجي محبوب پرينءَ سان، (هئي! هئي!) جوين تہ مون سان جاڙ ڪري ويو. آرياڻي پنهونءَ تائين پهچڻ کان اڳ ۾، سامهان جبلن جا وڏا چُهنبدار چاڙهيڪا ۽ چاڙهہ موجود آهن. مون مُنيءَ کان، هاڻِ هن پيريءَ ۾، پياري پنهل جي پيرن لاءِ، ولاڙ ۽ اوهاڙ نہ ٿي ڏني ٿئي. منهنجيءَ عُمر سڀ اجائي مقصدن ۾ گُذري ويئي، هاڻِ آئون صرف واڪا ۽ سڏ ڪندي ٿي وتان.

وِلاڙيو وٽين چڙهي ، ڳجهن تيندي ڳاهه ،
سسئي سُوريءَ چاڙهيو، پنهونءَ لئي پساهه ،
هُوءِ مِرو، هِيءُ ماهه ، ڪين ڪميٽيءَ رکيو.

(پنهل جي پيرن ڪي) اوهاڙون ڏيو، وري وڏن وٽن تي چڙهِي، آڏو ڏسي ٿِي، شايد سسئي اڄ ڳجهن جو قوت ٿيندي! سُورن هاٽي سسئي، سُوريءَ جي اُڀن نيزن تي، پياري پنهونءَ لئي، پنهنجو پساهه چاڙهي ڇڏيو آهي. هُوءِ (سسئي) هڪ هڪ مرون ڪي، جسم جي ماس جو هڪ هڪ ٽُڪرو وڍيندي ڏيندي پئي وڃي، سُڄيءَ ۽ ستايل پنهنجي لاءِ (هڏڙن ڪان سواءِ) ڪجهه بہ ڪو نہ رکيو آهي.

رُجن ۾ رڙ ٿي ، ڪر ڪويل جي ڪُوڪ ،
وَلوَلو ۽ وُوڪ ، ايءَ تان آهه عشق جي .

رُجن، سُڃن ۽ بيابانن ۾، سسئيءَ جي دانهن ايئن ٿي آهي، جو جڻ ڪا ڪويل جي ڪوڪ هجي. سسئيءَ جو اهو ولولو ۽ ووڪ، (جوش ۽ جذبو) حقيقت ۾ تہ عشق جي آهه آهي.

شاهه جي رسالي جو سُر”معذور“ ،سڪايل سسئيءَ جون عاجزيون، انڪساريون ۽ آيرايون ڪٽي، جاڏا جبل جهاڳي تو، پب وٽن ۾ وڙال وجهي توءِ سسئيءَ کي ”ڪِينَ“ سان ڪيچ رسائڻ جي صلاح ڏي ٿو. ”لا“ سان لَڏڻ جي نصيحت ۽ هدايت نہ رکو سسئيءَ جي لاءِ آهي، پر هن سُر ۾ سمايل اِها نصيحت اسان سيني جي لاءِ آهي. جنهن کي پنهنجو اُصول ۽ ضابطو بنائي، اسين بہ پنهنجي منزل ماڻي، ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ڪري سگهون ٿا.



## 16. سُر ”ديسي“ جو فلسفو

” ديسي ” سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ”ڏيهي“ ، ” مُلڪي “ ، ”وطني“ ، ” ساٽيهي“ يا ”ڳوناٽي“ وغيره. هي شاهه جي رسالي جو حقيقي ۽ معنوي سُر آهي، جنهن ۾ سسئي جو ڏاڳهن ۽ ڏيرن جي ڀُنيان ڏونگر ڏورڻ ۽ روهن ۾ رُلڻ يا ڪوهن ۾ ڪشالا ڪڍڻ جهڙا موضوع محفوظ ڪيل آهن.

سسئي چوي ٿي،” ڏاڳهن،ڏيرن، توڙي ڏونگرن، مون کي تہ تنهيءَ ڪُڏجي ڏک ڏنا . پر مون تہ اُهي سمورا سُور ۽ درد سُک ڪري سمجهيا. منهنجي مقدر ۾ ڪشالا ڪڍڻ ۽ قربانيون ڏيڻ ئي لکيل هيو. نہ تہ انهن رڻ پٽن ۽ بيابانن ۾ ڪير پيادل پنڌ ڪري ؟ شال! ڏڳ تي ددڙ نہ ٿئي ۽ منهنجي پياري پنهل تي پٽيءَ نہ پوي. اي الله پاڪ ! جن اُنن تي منهنجو سُهٽو ساجن سُوار آهي، اُنهن اُنن کي اُس بہ نہ لڳي . پنيور مان هلندي، جتن تہ مون سان وڏو بيڪ ڪيو، نڱيءَ جو ناهه ناهيائون، هاٽي تہ وندر جي وڻ وڻ منجهان، مون کي پنهنجي پياري پُنهل جي پريت جو واس تو اچي.“

لطيف ڳهوٽ، هن سُر ۾ هڪ جاءِ تي ، سسئيءَ کي حرفي قرار ڏيندي چوي تو تہ ” اي سسئي! جڏهن پنهنجي اڱڻ تي، ڏينهن ڏني جو ڏاڳها آيل ڏٺئي، تڏهن انهن اُنن جي مهار جهلي، رات جي وهامي وڃڻ تائين ويني رهين ها ۽ ڏاڳهن کي ڏانوڻ وجهي، سنگهرون هٽي، ڪُرفن سان قابو ڪري، ڪُنجيون بہ ڪنهن هوشياريءَ سان لڪائين ها. پنهل جي ڪپڙي جو پاند جهلي، ويهي رات وهائين ها تہ جتن جي وڃڻ مهل، تو کي ڪا سار تہ ٿئي ها. ” پر سسئي ويچاري چيو ” چا جا ڏنگا ڏير ؟ منهنجو مقدر ڏنگو نہ ٿئي ها، اي جيڏيون ! مون کي تہ جتن جا سوين سَو سُک ڏنل هئا. اي جتا! شال اوهين سدا پيا جيئو! پلي پيا مون سان جاڙون

كريو، پر مون ٻانيڻ جو، هوت بلوچ کان سواءِ، ٻيو ڪير بہ ڏٺي سائين ڪونهي. هي آڏا، ترڇا، اَهوڙيل ۽ ڪرڙا ڏونگر منهنجي لاءِ تہ هاٿي ڪجهہ بہ ڪو نہ آهن. اِهي مون کي، پٽ، صحرا ۽ بيابان وانگر پونو ۽ ميدان لڳن ٿا.”

معلوم ٿئي ٿو تہ سُر “ديسي” جڻ “جلذارڪدارا” آهي، مگر هن راڳ جي سِٽاءُ اهڙي آهي، جڻ راڳ “دُرگا” ۾ “ڪُومل نکاد” لڳايل آهي، يا وري “نٽ نارائڻ” آهي. هي شاهہ جي رسالي جو سورهون ۽ سسئي پنهونءَ جي داستان جو ٽيون نمبر سُر آهي. جنهن ۾ 118 بيت، 9 وايون ۽ 7 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت “ مُنيسِ ! جهل مهار، ڪُنيسِ ! ڪاهِ مَ ڪرهو ” ۽ آخري وائي “ هوتن بنا ني ميان! پنهونءَ بنا ني ميان! درد فراق!” آهي.

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

اڳي اٿ رڙن، مون پيري ماٿ ٿي،
پلاٽيندي پاڻ ۾، ڪُڇيو ڪين ڪُنن،
ڪا جا مام مُنن، هِن پُڻ هئي هُن سين.

اڳي تہ(هميشہ) اُٺ رڙندا رهندا هئا، پر جڏهن مون وٽ (منهنجو پيارو پنهل ڪٺڻ) آيا تہ ڪٺي ماٺ ڪيائون. جڏهن جتن ، وڃڻ جي لئي پئي اٺ پلاٽيا، تہ اُهي ڪُنل ڪڪا اٺ ڪُچيائي ڪو نہ. ڪا راز واريءَ ڳالهہ هنن مُنن( اُٺن ) ۽ جتن جي، شايد پاڻ ۾ رٿيل هئي!

جتن جارانو، ڪيچين مون سين ڪو نہ ڪيو،
نالي سُيسِ نينهن جي، مٿمِ بارانو،
تيلاهين طعنو، ڏيئي مون ڏير ويا.

جتن يارانو، (دوستيءَ وارو ناتو) ڪيچين پاڻ اچي مون سان ڪو نہ ڳنڍيو هو . آئون (پنهونءَ سان) عشق واري نالي ۾ مشهور ٿي، ان ڪري منهنجي مٿان بار ۽ ميار آهي. تنهن ڪري جُدائيءَ وارو طعنو، (جو آئون انهن جي ڪاٽياري آهيان) مون کي ڏير ڏيئي هليا ويا آهن.



جڏهن “ڪُن فيڪون”، تڏهن نيو آرياڻي ارواح ،
انگ اڳهين لکيو ، منهنجو ميثاقاهہ ،
“من طلب شيئا جد وجد”، اُتو علي شاهہ ،
اجان ان حديث جو ، آسرو مون آهہ ،
پنهونءَ جي پيزار تان ، منهنجو موت مُباح ،
سرتيون ! دُعا ڪجاهہ ، ماڻ ميڙائو مون ٿئي !

جڏهن “ڪن فيڪون” سان، مخلوق جي پيدائش ٿي، تڏهن کان وٺي آرياڻي(پنهونءَ) منهنجي روح کي پاڻ ڏي مائل ڪيو. آرياڻيءَ سان منهنجو رشتواڳيئي لکيل هيو، اُنهيءَ “ميثاق” واري ڏينهن کان وٺي.“جڏهن ڪو ڪنهن شئي جي طلب رکي ٿوءِ اُن لاءِ ڪوشش ڪري ٿو، تہ ان کي ڳولي لهي ٿو” ، ايئن حضرت علي ڪرم الله وجہ جن فرمايو آهي. اجان ان قول جو، مون سسئيءَ کي، وڏو آسرو ۽ اميد آهي. پياري پنهونءَ جي جُتيءَ جي نشان تان(جنهن واٽ سان پنهل ويو) منهنجو مرڻ مباح،جائز ۽ روا آهي. اي سُهڻيون سرتيون ! مون کي دُعا ڪجوتہ “ من پنهنجي پياري پنهل جام سان منهنجو ميڙائو ٿئي”.

اڄ پہ وسائي اونيين ، مٿي مارڳ ماڪ ،
پنهون نيائون پاڻ سين ، تاڙيون پيچي تاڪ ،
“هيهات! و هيهات!” ، سُڃي ٿي اوطاق ،
چُڪِيءَ چوري چاڪ ، هاڙهي هوت هلي ويا .

اڄ بہ ( پياري پنهونءَ کي وٺي ويندڙ ) اوٺي، ساٿ واري رستي سان ويندي، پنهنجي مٿان ماڪ وسائيندا ويا. منهنجو پيارو پنهون(مون کان ڇني) پاڻ سان وٺي، دربدريون ۽ طاق ٺوڙي، ڏاڍائيءَ ڪري ويا. “ڪيترو نہ پري(يعني بنهہ پري)” هليا ويا، منهنجي عاليشان اوطاق، (پياري پنهل بنا) سُڃي ۽ سکڻي ٿي ويئي آهي. مون ساٿي، ٿڪي ۽ چُور چُور ٿيل جا زخم چوري، (چُٽڪائي ۽ آزاري) هوت بلوچ هاڙهي جبل ڏانهن هليا ويا آهن.


www.sindhsalamat.com

چوري، ندوري، نہ ڪو مائٽ منڌ جو،
سوين هلن ساٿ ۾، ڪمي ۽ ڪوري،
آئون پڻ آهيان اُن ۾، لنگهي ۽ لوري،
لنگهائين لطيف چئي، ٿرن جي ٿوري،
آهيان اَجوري ، تنهنجي جورين جبل لنگهيان.

هت پنيور شهر ۾، آئون چوري ندوري آهيان، مون منڌ جو بيو ڪو بہ مٽ يا مائٽ ڪونهي ڪو.(هتان آئون بہ ايئن هلان) جيئن سُهٽي سڄڻ جي ساٿ ۾، بيا بہ سوين ڪمي، ڪوري ۽ ڪاسبي هلن ٿا. آئون بہ انهن انسانن جي درميان ۾، لنگهيءَ ۽ لوريءَ مثل(خدمتگار) آهيان. سُهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ ("اي الله سائين! ) مون ٿرن جي ٿوريءَ (اڪلٽيءَ، گندڙيءَ ۽ رولاڪ) ڪي، جبلن جا لڪ سوَلا ۽ آسان ڪري لنگهائجان". آهيان، آئون گهٽي ڪمزور ۽ هيٺيءَ، (اي جام پنهون!) شال تنهنجي زورن جي آڌار( تنهنجيءَ مدد سان) جاڏا جبل لنگهي وڃان!

اهڙيءَ ريت، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي سُر"ديسي" ۾، اُنن، اوٺارن، ڏيرن، ڏاڳهن ۽ ڏونگرن جي ڏنل ڏکن بابت، ڪيترائي انوکا ۽ ايذائيندڙ احوال پڻ اوريل آهن. سسئي چوي ٿي،"ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟" ، لطيف سائين فرمائن ٿا، " جتي ٻن سالن جي عُمر وارا جوان اُٺ بہ آڳاٽجي ٿا وڃن ۽ گورا بہ گس ۾ نٽا هلي سگهن، چئن سالن وارا بہ ڇُور ڇُور ٿيو ٿا پون، پنجن سالن وارا پڻ پريشان ٿا ٿين ۽ نيشي اُٺ بہ نرت ساڻ نماڻا ٿيو ٿا هلن، اُتي هي سُورائتي سسئي، آڏن،ترڇن ۽ آهوڙيل جبلن۾، پنهنجي پياري پنهل جي لاءِ، جهوتونءِ ستون ڏيندي وتي".سسئي جي سُر "ديسي" مان اسان ڪي همت،ولولي ۽ جذبي جو درس ملي ٿو، جنهن مان ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جا ڪيترائي سرچشما ڦُٽي نڪرن ٿا.



## 17. سُر"ڪوهياري" جو فلسفو

"ڪوهياري" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "پربتي" ، "ٽاڪري" ، "پهاڙي" ، "ڏونگري" ، "ڪوهستاني" يا " جبلي" وغيره. هي شاهہ جي رسالي جو حقيقي ۽ معنوي سُر آهي، جنهن ۾ سسئي جي پڇتاءُ ۽ پنهنجي پاڻ ڪي پنهل سان حقيقي ناتو نہ نڀائڻ ۽ ساريءَ رات غفلت ۾ ننڊ ڪرڻ جهڙا اُونهان عنوان سمايل آهن. سسئي ڪي شاهہ سائين فرمائي ٿو:

لَيل نہ جاڳينءَ لِڪ سين، سُتينءَ راتِ سڄي،
هتان هوتاڻين جون ، وِيون خُرزينون ڪڄي،
غافل ! غفلت ڇوڙ، تون ڪيئن اَٽاسي! اوجهرين؟
هُوءِ ڇُپاتا چڙهي ويا ، وجي پهتا توڙ ،
وڏي جاڙ ڪِياءِ ، جيئن سُتينءَ پير ڊرڳها ڪري ،
در پر اُپيين دوست جي، تہ سُر پُر هُوند سُياءِ !
سُتينءَ سَواري ، منهن ويڙهي مُئن جيئن ،
ڏنئي نہ ڏيرن جا ، ڇَوڏاري چاري .

۽ پوءِ سسئي پڇتاءُ ۾ روئي ٿي، هُو سمجهي ٿي تہ بيشڪ ! ننڊ انسان جي وڏي ويري آهي ۽ پوءِ پنهنجين سرتين ۽ هڪ جيڏين ڪي خبردار ڪندي چوي ٿي:

ننڊ ويرياٽي هوءِ ، جيڏيون ! جِم سُمهو !
مڇڻ مون جيئن روءِ ، ڪا واڪا ڪيو ويڙهہ.

سنڌ ۾ ڪوهيار نالو "خضدار" جو آهي ۽ نالي جي لحاظ سان، ڪوهياري مان مُراد ٿيندي، خُزدار واري ياڳي جو راڳ، پر ڪافين ڳائڻ ۾، ڪوهياري جڻ "بلاول ناٺ" جو راڳ آهي، جيڪو گهڻو ڪري، سسئي جي سُرن ۾، آخر ۾ ڳايو ويندو آهي.

هي شاهہ جي رسالي جو سترهون ۽ سسئي پنهون جي داستان جو چوٿون نمبر سُر آهي. جنهن ۾ 76 بيت، 9 وايون


www.sindhsalamat.com

۽ 6 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون نمبر بيت " لَيلَ نہ جاڳينءَ لِک سين ، ڪُلِي نُومِ ڪِياءِ " ۽ آخري وائي " جنهن لئي آهيان ڏونگر ڏوري، ماڙهو چونم پوري، تنهن ٻاروچي کي ٻاجهہ پئي " آهي.

## بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون

ايءُ ڪم ڪميڻين، جيئن سُتينءَ پير ڊگها ڪري،
ننڍران نماڻين ڪي ، اوپالا اچن ،
ليٽيين ڪيئن؟ لطيف چئي، هاري ! ري هوتن ،
سي ڪيئن پنهونءَ پسن ؟ جن کي نيئر ننڊ جو .

(اي سُورن هاڻي سسئي!) اهو ڪم ڪميڻين جو آهي، جيئن جو تون(پشم جي پتراڻيءَ تي) پنهنجا پير ڊگها ڪري سُمهي پئينءَ. ننڊ ڪرڻ جي ڪري ئي نماڻين کي، هميشہ طعنا،مهڻا ۽ ملامتون ملن ٿيون. سُهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ " اي هارايل! تون هوتن ڪان سواءِ، ڪيئن(پتراڻيءَ تي) پاسي پر ليٽي پئين؟". اُهي آسائتيون پنهنجو محبوب پنهل ڪيئن پسي سگهنديون؟ جن کي ننڊ جو لوهو زنجير لڳل هوندو آهي!

جيڏيون! جي مان وِسهو ، تہ ننڊ مَ هيريو نيڻ ،
اصل اسارن جا ، سُتي وهيا سيڻ ،
وهاڻيءَ جا ويڻ ، ٿيون لُونيون سهن لوڪ ۾ .

اي جيڏيون ڙي! (اي سُهڻيون سرتيون ڙي!) جي اعتبار ڪريو، تہ "پنهنجا نيڻ نہ هيرايو ننڊ ڪرڻ تي . هميشہ ويسرين وتان ئي، ننڊ ۽ غفلت واريءَ حالت ۾، سُهڻا سڄڻ هليا ويندا آهن. پوءِ صُبح جا مهڻا ۽ طعنا، بي لجيون ۽ لُونيون، سدائين لوڪ جا سهنديون رهنديون آهن.

ڏونگر! ڏوراپو ، پهرينءَ چُونديس پرينءَ کي ،
"پهڻن پير پٽون ڪيا، ترِيون چنيون تو ،
رحم نہ پيوئي روح ۾ ، قدر منهنجو ڪو،
واڪو ڪنديس وو! مون سين جبل تو جاڙون ڪري."



اي ڏاڍا ڏنگا ۽ ڏکيا ڏونگر! آئون هي مياريءَ ڏوراپو (تہ تو جبل مون سان چڱي ڪا نہ ڪئي) پهرينءَ پنهنجي پرينءَ کي وجي ٻُڌائيندي."پهڻن منهنجا پير پرزا پرزا ڪري ڇڏيا ۽ پيرن جون ترِيون تنهنجين اُڀين چوٽين چيري ورتيون آهن. تنهنجي روح ۾ رحم و ڪرم جو ذرو ئي ڪو نہ پيو ۽ نکو تو منهنجو قدر ۽ عزت سان آڌرڀاءُ ڪيو. آئون وڏا سڏ ۽ واڪا ڪندي، تہ هاءِ افسوس! مون سان ڏونگر تو ڏاڍايون ڪري".

جيهي، جي تيهي، ٻانهي ٻاروچن جي ،
حُجت هوت پنهونءَ سين، مون ڪميٽيءَ ڪيهي؟
اصل آريءَ جام جي، پلئه آئون پيئي ،
هُوءَ جا پائن پير ۾ ، تنهن جتيءَ نہ جيهي ،
وساري ويهي ، تن ڪيچين کي ڪيئن رهان؟

آئون اُپري توڙي سَيري، (ڪِني توڙي ڪوجهي) پر ٻانهيءَ هوت بلوچ جي آهيان. دعويٰ دوست پنهل سان، مون ڪميٽيءَ جي ڪهڙي آهي؟ (تہ هينئن ٿئي ها يا هينئن نہ ٿئي ها). آئون ازل ڪان وني، آريءَ جام جي پناري ۾ پيل ۽ حصي پتيءَ ۾ آيل ٻانهيءَ آهيان. آئون اُن جُتيءَ جي برابر بہ نہ آهيان، جيڪا هُو جت (هوت بلوچ) پنهنجن پاڪ پيرن ۾ پائين ٿا. اهڙن سُهڻن ۽ سچن ڪيچ جي سردارن کي، آئون وساري ڪيئن ويهي رهان؟

جي حَبَ نہ هلڻ سڪيون، سي جڏيون ميڙ جليل!
لنگهائي لطيف چئي ، نجن ڪيچ قليل ،
ثمر تئڙم سُج ۾ ، دوساڻا دليل ،
وساري وسيل ! متان مارڳ ڇڏيين !

اي رب جليل! جيڪي حب ندي (جيتري ويجهي پنڌ ) تائين بہ نہ هلڻ سکيون آهن، اُهي عاجز ۽ اگهيون پنهنجي پياري پنهل ساڻ ملاءِ. سُهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ " جيڪي قرب ۾ قليل يا ناقص آهن، انهن کي ڏکيا لڪ لنگهائي،





www.sindhsalamat.com

وجي ڪيچ پهچائجي.” منهنجو سڄ ۾ ثمر(هڙ موڙيءَ، ڪاڏي پيتي جو سامان،ڏڍ ۽ قوت ) فقط دوستن وارا دليل ۽ خيال آهن. اي وڏا وسيلا هوت! متان مون کي منزل تي پهچڻ کان اڳ، واٽ ۾ وساري ڇڏين!

پاڙي ناھ پرور، تہ “ ڪا رات رنجائي گُذري” ،
ٻانيڻ ٻاروچل جي ، گهائي وڏي گهُور ،
پلٿيس پنهونءَ ڄام جا، پورن مٿي پور ،
هڪ سسئي ، ٻيا سُور ، ويا وڳندا پاڻ ۾.

پاڙي وارن کي پروڙ (خبر) ئي ڪانهي، تہ “ڪا (عورت ذات) اڄ رات جو، ڀنڀور شهر مان، رنج ۽ غم واريءَ حالت ۾، هلي ويئي آهي. ٻانيڻ کي، هوت ٻاروچل جي تيز تکين نظرن، گهائي، گهُمائي، چِيري ،سِيري، زخميءَ ڪري وڌو آهي . هُن جي مٿان، پنهونءَ ڄام جا پُور، (خيال ۽ اُڏما) پاڻيءَ جي پالوٺ وانگر، “وارو وار” ڪري، پلٿجي پيا آهن. هڪ تہ ويچاري سسئي، اڪيلي ۽ البيلي هئي ۽ ٻيا سندس ساٿي سُور هيا، جيڪي ويا “هاءِ! هاءِ!”ڪندا هڪٻئي سان.

منزل ڏُور مَ مڃ، ڇڏ مَ سَير سِڪڻ جو ،
لئون جي واٽ مَ لڃ ، لئون رِءَ حيف!هُئڻ کي.

(اي سُورن هاڻي سسئي!) پري واريءَ منزل ڏسي دل نہ لاھ، سڪڻ وارو دستور ۽ رستو ڪڏهن نہ بدلاءِ. نينهن ۽ عشق واريءَ واٽ نہ پور، (بند نہ ڪر) برھ کان بغير، جيئڻ کي حيف هجي!

شاھ جي رسالي جو سُر“ڪوهياري”، هڪ اهڙي قسم جو سُر آهي، جنهن مان سُورائتي سسئيءَ جون ڪُوڪُون ۽ ڪورنشون، پڙهندڙن جي ڪنن تائي پهچن ٿيون. هن سُر ۾ سسئي چوي ٿي،“ اي ڏاڍا ڏکيا ڏونگر! تون بہ مون سان گڏجي رو،ڇوجو منهنجو سُهڻو سڄڻ فقط هڪڙو ئي هيو، سو مون کي ڦوڙائي ۽ فراق ۾ وجهي هليو ويو آهي.” هن سُر ۾ ، ڀٽائي گهوٽ سسئي سان مخاطب ٿيندي فرمائي ٿو



تہ “ اي سُورن هاڻي سسئي! تون ڦُم(اُٿي کڙي) ٿي وڃي پهچ پنهنجي قريب کي، ايئن سُستيءَ ۽ غفلت ڪرڻ، توکي هاڻِ نہ جڳائي. جيئن جو تو ننڊ پياري ڪئي، تنهن ڪري ئي روز رهين ٿي راھ ۾.” حضرت سيد شاھ عبداللطيف رحہ جي هن سُر مان، اسان کي اهو سبق ملي ٿو تہ “جيڪيون بہ پٺراڻيءَ تي پير ڏکها ڪري سُمهي ٿيون پون، تہ هميشہ انهن وٺان ئي پنهنجا هوت پرينءَ هليا ٿا وڃن”. اسان کي گهرجي تہ شاھ جي هن سُر مان، پنهنجي لاءِ ڪا پياري ۽ نرت واريءَ نصيحت پرايون.



www.sindhsalamat.com

## 18. سُر "حسيني" جو فلسفو

"حسيني". عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "حضرت امام حسين جو".، "حسين وارو" ، "حسين جو پيروڪار" يا "حسين جو غم". وغيره. هي شاهه جي رسالي جو وڏو معنوي ۽ حقيقي رازن ۽ رمزن وارو سُر آهي. بظاهر سسئي پنهونءَ جي لوڪ داستان واري هن سُر تي "حسيني". نالو ڪيئن پيو؟ سو اُن بابت ڪا بہ مُستند روايت موجود ناهي. شاهه جي رسالن ۾ هيٺيان بہ بيت ملن ٿا:

حُسيني جي هاڪ ، مادر! ماري آهيان ،
ڏينهان ڏورڻ ڏک ۾، راتيان ڇڪن ڇاڪ،
ڏجان پر فراق ، متان پوئم پرينءَ سين.
حُسيني حُسين لئي، بيبيءَ پاڻ ڇئي ،
تهان پوءِ تي، خبر ٻي خلق کي .

روايت آهي تہ "حُضورڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن، حضرت بيبي فاطمہ الزهره رضي الله عنہ کي، حضرت امام حسين رضہ جن جي مستقبل بابت، اڳواٽ ئي ٻڌايو هو، تہ اهڙو غم وارو واقعو رونما ٿيندو. تڏهن بيبيءَ سڳوري مغموم ٿي ويئي هُئي. پر ٻي عام خلق کي، خبر تڏهن پيئي،جڏهن اُهو (ڪربلا وارو) واقعوتي چڪو". اهڙيءَ صورت ۾، اِنهن مٿين ٻنهيءَ بيتن کي، سُرڪيڏاري ۾ بيهارڻ ڪپندو هيو، پر جيئن تہ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جا ڪي شارح ، محقق ۽ عالم،شاهه جي سُر ڪيڏاري بابت الڳ الڳ راءِ قائم ڪن ٿا، تنهن ڪري، اِهي ٻيئي بيت سسئي پنهونءَ جي وڇوڙي واري، انتهائي غمگسار پاڳي ۾ بيهاري، سُر جو نالو "حُسيني" قائم ڪيوآهي. (والله اعلم) هن سُر ۾ شامل بيت اهڙائي غمگساريءَ افسوس جي بيان وارا آهن، جن جي پڙهڻ ۽ اُچارڻ سان، انسان مغموم ٿي



وڃي ٿو.مثلاً:

آتڻ اورانگهي ويا ، اڳڻ مون افسوس !
ڪو پريان ڪي چوءِ، مُنيءَ ماتم آئيو !

سُر "حُسيني" ڪي ڳائڻ مهل،معلوم ٿئي ٿو تہ هي راڳ "ڪنياوتي" سان مشابہ آهي. هي شاهه جي رسالي جو ارڙهون ۽ سسئي پنهونءَ جي داستان جو پنجون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 213 بيت، 16 وايون ۽ 12 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت" تان ڪِين ڳوري! ڇُلُ، جان لاڙائُو سِڄ تيو" ۽ آخري وائي" پرين جي ادا پانڌي! ڪر ڪا ڳالهڙي" آهي.

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

لَڙ مَ، لاڙائُو تيو، لاهِ مَ لڏو، لڏ ،
تہ سات پريان جي سڏ، مُندا! ميڙائو تو ٿئي.

پنڌ ۾ تڪجي موت نہ ڪاءِ (ڊِري ۽ سست نہ ٿيءُ) سج لڙي ويو آهي، لڏو لاهي ويهي رهڻ جي ڪوشش نہ ڪر، ٻڌل سامان ڪڻ (۽هلندي هل). تہ اي اوڳي منڌا! سُهڻي سڄڻ جي سات ۽ سڏ سان، تنهنجو پنڌ ۾ وڃي ميڙو ٿئي.

ڏُکوين اُهڃاڻ ، "ڪُلهي قاتو ڪنجرو ،
وڃن ڳُوندر ڳَڏيون ، لوڪ نہ آڃن پاڻ ،
سُورن اسان ساڻ ، نندي لاڪُون نينهن ڪيو".

(اي اديون پينر ڙي!) ڏکوين جا پار پتا اهي هوندا آهن، تہ "اُنهن جي ڪُلهن وٽان چولو قاتل هوندو آهي. هجر ۽ فراق سان هڪ ٿيون پيون هلنديون آهن،پنهنجي درد جو داستان ڪنهن کي بہ ڪو نہ ٻُڌائينديون آهن". (اي اديون ڙي! اهڙيءَ ريت) سُورن ۽ سختين جي، اسان سان نندي لاءِ ڪان وني، دوستيءَ ٿي ويئي آهي.

"ووءِ! ووءِ!"ڪندي وت، متان"ووءِ!" وساريين ،
پاٽي هار مَ پٽرو، رووءِ منجهان ئي رت ،
صبر وڏو ست، سگها ميڙي سُپرين.


www.sindhsalamat.com

(اي سُورن هاٽي سسئي!) هاٽي"وو هاءِ! ووهاءِ!"
كندي وت، متان "ووهاءِ! ووهاءِ!" واري وائي وساري ڇڏين. پنهنجين اکڙين مان، پڌرو پاٽيءَ نہ هار، دل ئي دل ۾ پئي رت جا ڳوڙها ڳاڙ. صبر وڏو ست، ڏي ۾ طاقت آهي، جيڪو منڙي محبوب سان ملائڻ ۾ دير ئي نہ تو ڪري.

جفا وارين جس! جس جفا رءِ نہ ٿئي ،
سُڪن ساٿ وڃائيو، گولي! ڇڏ مَ ڳس ،
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر آهي ڏس ،
پنهون هلي پس، سر پر سِري سسئي !

جيڪي محنت ۽ مشقت ڪن ٿيون، انهن کي آفرين هجي! ڪاميابيءَ جي مسرت ۽ مبارڪ باد، محنت کان سواءِ نہ ٿي ملي. اي گولن جي گولي! اي ٻانهن جي ٻانهي! تو سُکن جي ڪري پنهنجو ساٿ وڃائيو آهي،هاٽي هجر، فراق ۾ گُوندر وارو ڳس هرگز نہ ڇڏ! سُهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ، "هيءُ جيڪو ڏاڍو ڏکيو ڏونگر آهي، اهو ئي ڏاگهن جو ڏس ۾ پکو پار پتو آهي". اي سُورن هاٽي سسئي! تون سِر پر اڳتي سِرڪي، پنهنجي پياري پنهونءَ کي، هلي حاصل ڪر.

جيئن جيئن جهلي جڳ ، تيئن تيئن مون تاڪيد ٿئي،
ڳهريو تو ڳالهيون ڪري ، ورسيو پُٽي وڳ،
لوڪ لتاڙي نند ۾ ، پُنيءَ لالڻ لڳ،
آرياڻي اورڳ ، پنيوران ٻهر تي.

جيئن جيئن تو لوڪ جهلي، مون کي تيئن تيئن تي اجان زور سان اڳتي وڌڻ جي تقاضا ۽ تنبيهہ ٿئي. لوڪ نشي (ڳهر) ۾ تو ڳالهائي ۽ اونئي ڌڻ جيان پُليو، پٽڪيو تو ڳهُمندو وتي. (اي سُورن هاٽي سسئي!) تون سارو لوڪ نند ۾ سُتل ڇڏي، پنهنجي پياري پنهل جي پويان پئي وڃ. (اي سُورسُبيلي سسئي!) تون پنيور شهر مان ٻاهر نڪري، وڃي آريءَ جام جو اولاد اوڙڪ.(سُڃاڻ).



لڳم ٻاڻ ٻروچ جو، امڙ! جهل مَ مون،
سڀ رڱينديس رت سين، ڪيچان اوري يُون،
مادر! متان مون ، ڪانگ لمندا ڪڍهين.

اي منهنجي منڙي امڙ! مون کي رنڊ روڪ نہ ڪر، چو جو مون کي ٻاجهہ پريي ٻاروچل جي جدائيءَ جو، دل ۾ ٻاڻ(تير) لڳل آهي. آئون تہ ڪيچ کان اورتي واري سموري ڌرتي، پنهنجي رت سان، سڀ رڱي ڇڏيندي. اي منهنجي پياري جيجل! (تون ڏسجانءِ) جي پنهل جي پيار ۾، آئون رستن تي مري ويئي، تہ منهنجي مڙهہ کي ڪائڻ لاءِ، ڪڏهن ڪارا ڪانگ پيا ايندا ويندا.

جاٽي سُڃاٽي ، مون کي ڇڏي هليا،
آئون ڪيئن ڇڏيان پانهنجو،اديون! آرياٽي،
پريم جو پاٽي ، سو ڪيچين ڪم نہ آئيو.

پُوريءَ طرح سُڃاٽي، جاٽي واٽي(هاسيڪار) مون مُنيءَ کي، پنيور ۾ ڇڏي هوت هليا ويا. اي اديون پينر! آئون آخر ڪيئن ڇڏي ڏيان؟ پنهنجو محبوب آرياٽي. (آئون آرياٽيءَ تان هٿ ڪيئن ڪڻان؟). (افسوس!) مون جيڪو پيار جو پاٽيءَ پريو، سو ڪيچين لئي(مون کي) ڪم ئي ڪو نہ آئيو. (ڪيچين قبول ئي ڪو نہ ڪيو).

سُورن سانديا س ، پُورن پالي آهيان ،
سُکن جي، سيد چئي ، پُکي نہ پيياس ،
جيڪس!آئون هياس ، ڳُري گُوندر ول جي.

مون کي سُورن سانديو آهي، (منهنجيءَ دردن حفاظت ڪئي آهي) ۽ مون کي ڳُٽين پالي، نپائي وڏو ڪيو آهي. سُهڻو سيد چوي ٿو تہ" منهنجي ڀاڳ ۾، سُکن جو ڪُٽو ڪڏهن نڪتو ئي ڪو نہ هيو". (جڏهن سُکن ڪُٽا ڪڍيا، تہ آئون انهن جي ڀاڳ ۾ آيس ئي ڪو نہ).لاشڪ! تہ آئون جائي جم ڪان، درد،غم،ڏک ۾ گُوندر ول جي ڳُنلِي(ڳُري) هئي.
معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ جو سُر"حسيني" سسئيءَ جي





www.sindhsalamat.com

سُورن جو مرڪز آهي، جنهن مان وڇوڙي جا وڍ ۽ ورلاپ، سسئي جي ٻين سُرن ڏانهن منتقل ٿين ٿا. هي هڪ اهڙو المناڪ سُر آهي، جنهن جي مطالعي مان، سسئي جي سُورن، دردن، غمن، وڇوڙن ۽ عاجزين جا آلاپ پڻ پڌرا پسجن ٿا. “پينر!پنيوران ، پڇو تان اُبهو !” ، “ ساٿي توءِ هلن ، پٺر جي وار ڪريان ” ، “مُٺ مُٺ سُور سيڪنهين، مون وٺ وٺاڻان ” . انهن مڙني مثالن مان، سُورائتي سسئيءَ جون رمزون ۽ روح پرور رضائون پڻ پسڻ ۾ اچن ٿيون. انسانيت جي بقا به دردن ۽ سُورن جي سهڻ ۾ پوشيده ۽ پنهان آهي. جيڪو انسان ڪاميابيءَ ماڻڻ جو مُتلاشي آهي، ته اُن کي عملي طرح اهڙا سُور سَهڻا پوندا. تڪليف بنا تفريح نه ٿي ملي. خود سسئيءَ به انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪري ٿي “ جيڪي فراقان ، سو وصالان نه ٿئي” يا “ سُونهائي سُورن، ڪِي هيڪاندي هوت سين ”. اسان کي گهرجي ته اسين شاهه جو سُر“حسيني” پڙهون، اُن کي پنهنجو آئيڊيل ۽ آئينو بڻايون ۽ پنهنجو مستقبل سنوارڻ جي سجائي ڪوشش ڪريون.



## 19. سُر“راڻي” جو فلسفو

“راڻو” پراڪرتي ۽ هندي ٻولين جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي “ننڍوراجا” يا “ننڍڙي علائقي جو والي”. هي شاهه جي رسالي جو حقيقي ۽ معنوي سان گڏوگڏ مجازي محبت تي آڌاريل سُر آهي.

ڳالهه ٿا ڪن ته ماتيلي جي حاڪم راجانند جون نياڻيون ڪانئس ناراض ٿي، هندوستان جي جيسلمير واري علائقي “لُڊاڻي” تي اچي، ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي، طلسماتي محلات جوڙائي، ان جي اندر بند ٿي ويهي رهيون. پڙهو گهُمايائون ته جيڪو به ماڻهو، محلات جون رنڊڪون پار ڪري،سلامتيءَ سان اندر پهچي ويندو ته مُومل اُن سان شادي ڪندي.

عُمرڪوٽ جي حاڪم حميرسومري( آخري ) جي هڪ ڏاهي وزير راڻي مينڌري عقل جي آڌار تي، اُهي سمورا جادُوءَ جا تڪسات پار ڪري، محلات ۾ داخل ٿي، وڃي مومل ماڻي. اڳتي هلي، جڏهن مومل ۽ راڻي جي وچ ۾، ڪنهن شڪ جي بُنياد تي، ناراضگي پيدا ٿي ۽ راڻو رُسي وڃي پنهنجي وطن ويهي رهيو، تڏهن مومل ڪيس پرچائڻ لاءِ، جوڳين ۽ سامين وارو ويس ڪري، وڃي امرڪوٽ ۾، حيلا، ايلاز،منٿون،عاجزيون ۽ ڪورنشون ڪيون. پر راڻو راضي ڪو نه ٿيو ته مومل باهه جو آڙاهه تيار ڪرائي، اُن ۾ پاڻ اُڇلايو. نيٺ راڻو به پويان “مومل مومل ” ڪندو وڃي پتنگ وانگر ان آڙاهه ۾ ڪريو.ايئن ٻيئي ڄڻا (مومل ۽ راڻو) ان آڙاهه ۾ جلي، سڙي، ڀسم ٿي، هميشه جي لاءِ اَمر ٿي ويا.

هن سُر ۾ مومل پاران، راڻي کي راضي ڪرڻ لاءِ، عاجزين، انتظارين ۽ اشڪبارين جو انتهائي انوکو ۽ دلچسپ احوال اظهاريل آهي .

سُر “راڻي” جي معنوي نُقطي تي اچبو ته لطيف



www.sindhsalamat.com

سرڪار، راڳي جي تمثيل سان، "وحدت الوجود" جي فلسفي جي پالوت ڪئي آهي. مثلاً:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو ؟ ڇتاڪو چوڏار ،
منجهه هين ڪاڪ ڪڪورئي،منجهه هين باغ بهار،
ڪانهي ٻي توار، ٿيو مڙوئي مَينترو .

سُر "راڻو" يا "راڳ راڻو" سنڌ جو بيحد مقبول راڳ آهي. مومل راڻي جي موضوع واريون ڪافيون، سچي سنڌ ۾ "سُر راڻي" ۾ ڳايون وڃن ٿيون. عام رسم روايت مطابق "راڻو" آڌيءَ رات بعد، "وهاڳ" کان پوءِ ، يعني لڙي آڌيءَ کان پوءِ، اَسُر تائين ڳايو ويندو آهي.

هي شاهه جي رسالي جو اوڻيهون نمبر سُر آهي. جنهن ۾ 157 بيت، 10 وايون ۽ 10 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " ڪالهه ڳڏيوسون ڪاپڙي ، بابُو بيڪاري " ۽ آخري وائي " ويهي ويهي سو هرگز هلبو، پانڌيئڙا پرڏيهي !" آهي .

### بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون

ڪالهه ڳڏيوسون ڪاپڙي ، بابُو رنگ ٻيوت ،
سريوسون سُڪوت ، جوڳيءَ سندي ذاتِ ڪان.

ڪالهه اسان کي اوچتوڳڏجي ويو، وڏي حوصلي ، همت ۽ چاڻ وارو معزز ماڻهو، پر ميٺائين ۽ ڪڪڙي ويس ۾ هو. اُنهيءَ جوڳيءَ واري ذات کي ڏسندي ئي، اسان کي صبر ۽ آرام نصيب ٿي ويو .

جوڳي ايئن جرڪيو ، جيئن اُونداهيءَ ۾ آڳ ،
آديسي عشق جي ، لائي آيو لاڳ ،
آيو تنهن سياڳ ، جيئن ڪوس ڏيهاڻي ڪاڪ تي.

جوڳي اوچتو ايئن جهرڪي ظاهر ٿيو، جيئن ڳُگهه اُونداهيءَ رات ۾، باهه جو ڪو اُوچو شعلو هجي . اُهو آديسي ، الاءِ ڪٿان ڪان عشق ۽ لنوَ جي لالڙي لاڳ ۽ لاٽ لڳائي آيو ؟ سندس ياڳ قِتو ، جو اُن ڪاڪ تي ڪاهي ويو، جتي



روزانو (عاشقن جي ) "ڪوهان ڪوهه " لڳي پيئي آهي .

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي،تن لهي نه لالي،
ڪري ڪيپ خماريا ، مئي پي موالي ،
ڪري حاصل هليا ، ڪيف ته ڪمالي ،
وتن وصالي ، لُڏوڻيا لطيف چئي .

جن قرب جي ڪاپڙين کي، ڪاڪ نديءَ جي نينهن ۽ قرب ڪڪوري چڙيو آهي، تن جي لُونءِ لُونءِ مان لالائيءَ نٿي لهي . جي محبت واريءَ مئي پي موالي ٿيا، اُنهن کي سچي نينهن واري نشي خُمار ۾ آندو . اُهي پُورو پڪو چوٽ وارو نشو، ڪاڪ ڪنڌيءَ تان حاصل ڪري هليا ويا . اُهي سدائين وصال لاءِ آتا ٿيا وتن، جي لُڏوڻي مان لوڏجي نڪتا آهن .

ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نه مال،
سوڏيون سِجهائي هليا، هيڙا جني حال،
جي چورين ڏنا چال، ته پيه لاهوتي لنگهي ويا.

وڏيءَ منزل وارا سچا عاشق، ڪاڪ نديءَ ( هِن جهانَ ) کو نه روڪيا ۽ نڪو مال، ملڪيت ۽ مايا تي موهجي (هرڪجي ) ويهي رهيا . سُهٽين سوڍين کي به چُرڻ کان چُور چُور ڪري ويا، جن جا حال توڙي جو ظاهر ۾ اَيرا سَيرا ۽ هيٺا هئا . توڙي جو اَلهڙ البيلين پنهنجا ناز نخرا ڏيکاريا، (ٺينگ ٿيا ڏنا) ته به لاهوتي فقير(وڏا سچا عاشق) اُنهن کي ڇڏي، ڪاميابيءَ سان اڳتي روانا ٿي ويا .

سونَ ورنيون سوڍيون، رُپي رانديون ڪن،
اگر اوطاقن ۾، ڪٿوري ڪٽن،
اُپتيائون عبير جا ، مٿي طاق ٽڙن،
ٻاتن ٻيلُون ٻڌيون ، پسيو سُونهن سڙن،
ٿيا لاهوتي لطيف چئي ، پسڻ لئي پرين،
اِجهي تا اچن ، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.

سونَ جي رنگ جهڙيون سُهٽيون سوڍيون ( سارو





www.sindhsalamat.com

ڏينهن ) چِلڪندڙ چانديءَ جي سِڪن سان ، رانديون رونديون
ڪن ٿيون . اُنهن جي اوطاقن ڪي اگر جي سُرهاڻ مليل آهي،
ڪتن، هنڌن ۾ بسترن ڪي مُشڪ ۾ ڪٿوريءَ جي هُبڪار لڳل
آهي . ڪاڪ نديءَ جي وهنجڻ وارن مخصوص تڙن ( غسل
خانن ) تي اچيو، عنبير جا پُڙا ۾ صندوقون ڪولين ٿيون .
( اُن خُوشبوءِ، سُرهاڻ ۾ سُونهن تي ) اَلهڙ ۽ اَلبيلي نوجوانن
اچي بيلون ٻڌيون ( ورِي ورِي پيا اچن ) اُها سُهڻي سُونهن
ڏسندي ئي، اُنهن جي دل ۾ پيا ڏُود ڏُکن . سُهڻو شاهه لطيف
چوي ٿو تہ " پِريَن ڪي پسڻ جي لاءِ ، عاشق وجيو لاهوت
واري درجي ۾ منزل ڪي پهچن" . اُهي وجي ، وري وري پيا
موٽيو اچن ، ڪاڪ جي رمز جا رڱيل ۾ مومل جي مجاز جا
موهيل ، ڪڪوريل اڪڙين وارا ڪاپڙي .

پيرو پج مَ ڪاپڙي! لاهي ويهه مَ لاڳ،
تان مون هينئڙو ماڳ، جان تون جوڳي ! جُوءِ ۾ .

اي ڪاڪ ڪنڌيءَ جا ڪاپڙي ! تون ڦيرو ختم ڪري
نہ وڃ ، پيار وارا وڙ ، واسطا ۽ لهُ لاڳاپا توڙي ، پري وڃي
ويهي نہ رهہ . اي منهنجا جانب جوڳي ! تون جيستائين جو
لُڏاڻي واريءَ جُوءِ ۾ هوندو آهين ، تيستائين منهنجو منڙو
قرار ۾ هجي ٿو .

ڪرها ! ڪارڻ ڪاهہ ، توکي ڏٽين ڏاريو،
ساري ڏيج سيد چئي ، لُڏاڻي تان لاهہ،
مُقابلو مومل سين ، ڦينڊءِ سنجهہ صُباح،
سوڍي جي صلاح ، ڪونہ چرندين ڪاڪ جا.

اي چڱا چانگا ! وڏي پنڌ واري مُسافري ۾ سواريءَ
خاطر، مالڪن توکي تاتي، پالي، وڏو ڪيو آهي . سُهڻو سيد
چوي ٿو تہ " تون ساري سنياري ، لُڏاڻي تان ڪُهمرا ۾ ڦيرا
پيو ڪندو ڪر . اِجهو اچ يا سُياڻي ! نيٺ موچاريءَ مومل
جي آمهون سامهون اچڻو پوندئي ! سوڍي جي سُهڻي صلاح
۾ رضا سان ئي ، ڪاڪ جا ڪچڙا ڳل، ڳونچ ۾ ٻُور تون چري



سگهندين .

اهڙيءَ ريت، شاهہ جي رسالي جو سُر " راڻو " ،
محبت ۾ مُستغرق ۽ وڇوڙي ۾ وڪوڙيل اُداس عاشقن ۽
عاجزن جي لاءِ ، التجائون ۽ عاجزيون ڪٽي، اختتام پذير ٿئي
ٿو.

فقيرغلام حسين شيخ (ولد ڪرم علي شيخ،وينل
ڊِير مِنوفقيرلُند،لڳ قُلهڏيون) چوي ٿو تہ "شاهہ جورسالو
ڪُل ٽوٽل "ڪيڏارو" آهي. شاهہ جو اُهو ڪلام ، جنهن ۾
وڇوڙي، ورلاپ، درد ۽ قهر جي ڪيفيت سمايل هجي،
سمجهو تہ اُهو ڪلام سُر "ڪيڏارو" آهي". اهڙيءَ ريت سُر
راڻي ۾ "سي ڪيئن مينڌرا ! مچن ؟ جي تو سوڍا ! سُوريءَ
چاڙهيون "، " مون ڪي ڦٽ فراق جو ، تو مينڌرا ! ماري " ۽
" پايو پٽين وينيون ، ڪاڪ ڏجاٽيون ڪک " جهڙيون
سُورائتيون سِٽون اهو ثابت ڪن ٿيون تہ سُر "راڻو" هر هڪ
پيار ڪندڙ ۽ جُدائيءَ ۾ جلندڙ جندڙين جي لاءِ ، جيءُ جو
جياپو، ڏُک جو ڏوراپو ۽ نينهن جو نياپو آهي .





www.sindhsalamat.com

## 20. سُر "لِيلا" جو فلسفو

" ليلا " سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي ، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "راند روند" ، "کيل تماشو" ، "انگل آرو" ، "ناز نخرو" ، "نِينگ ٽپو" ، "عيش و نشاط" ۽ "چلولائي" وغيره .

هي شاهه جي رسالي جو حقيقي ۽ مجازي محبت تي آڌاريل ، معنوي، سُلوڪ ۽ پڇتاءُ وارو سُر آهي. جنهن ۾ ليلا پنهنجي خطا تي پشيمان ٿي، چنيسر پتار کي، معافي لاءِ ليلائي ٿي.

ليلا،ديول ڪوٽ جي حاڪم، چنيسر سُومري جِي پٽ راڻي هئي. چنيسر سومرو ، جنهن جو پاڙو "داسڙو" هو، سو اندازن 1288ع کان، 1306ع ڌاري، ديول ڪوٽ پرڳڻي تي حڪومت ڪندو هو. هي شهر مڪليءَ جي ويجهو، پيرپٺي جي آس پاس ، ٻگهاڙ شاخ جي ڪنڌيءَ تي آباد هو . ليلا، چنيسر جي حسين و جميل راڻي هئي. جيڪا هميشه سُونهن ۽ سُهڻين شين تي هِرڪندي رهندي هئي. چون ٿا تہ ليلا جو چنيسر کي چيل هو تہ "مون کي ٽي خطائون معاف ڪجانءِ" . چنيسر، ليلا کي سندس پرپٺ ۽ بنا چئو چوان جي، ٽي خطائون معاف ڪري چڪو هو.

أنهيءَ ساڳي دور ۾، راءُ ڪنگهار نالي ڏٺ جو حاڪم هوندو هو، جنهن کي "ڪونئرو " نالي هڪ خوبصورت نياڻي هوندي هئي. ڪونئرو جوان ٿي تہ ، چنيسر جي حسن جي هاڪ ٻڌي، اُن تي پرپُٺ عاشق ٿي. هڪ لڳا ڪونئرو ۽ سندس ماءُ وڻجارڪو ويس ڪري، چنيسر کي راضي ڪرڻ واسطي، اچي ديول ڪوٽ ۾ رهيون ۽ ليلا سان ملاقات ڪيائون. ليلا، ڪونئرو کي نوَ لکو هار پاتل ڏسي، دل هرڪائي ويني ۽ کنهن بہ قيمت تي، أهو هار حاصل ڪرڻ لاءِ حيلا هلايائين. ڪونئروهڪ شرط تي هار ڏيڻ جي "ها" ڪئي



تہ تنهنجو ور چنيسرداسڙو هڪ رات جي لاءِ منهنجو ٿيندو تہ هي هار آئون توکي ڏيندس. ليلا اهو شرط مڃي ورتو ۽ چنيسر کي نشو پياري، ڪونئرو جي حوالي ڪري ڇڏيو. صبح جو جيئن ئي چنيسر جي اک کُلي، تہ ٻيو مامرو ڏٺائين. ڪونئرو، چنيسر کي چيوتہ " توکي ليلا هڪ هار جي عيوض منهنجي حوالي ڪيو آهي ۽ اڄ کان اڳتي تون منهنجو آهين ". چنيسر کي غيرت آئي، پنهنجو ملهه هڪ مٽيي برابر ڏسي، ليلا کي محلات مان تڙي ڪڍيائين. ليلا پهرين غلطي سمجهي ، معافي جي تقاضا ڪئي، پر چنيسر پار پتا ڏيئي، اهو ثابت ڪيو تہ اها تنهنجي چوٿين ۽ آخري غلطي هئي. اِن ڪري هاڻي هتان هلي وڃ. ليلا ليلايو، ٻاڏايو، اڳيان عاجزيون ۽ ڪورنشون ڪيائين، پر چنيسر سُهاڳڻ کي سِگهو ئي ڏهاڳ ڏنو .

ڙِڪي پسي ٽوڪ ، تِرڪي تڪبر ۾ پيئي،
اچيو اچيو "اڳلي" چئي، ليلا کي لوڪ،
اندر اوپالن سين ، ساڙي ڪيائونس سوڪ،
ٻالاپڻ جو ٻوڪ، وئو ويچاريءَ وسري!

سنڌي موسيقيءَ جي روايت ۾ ، گهڻي وقت کان وٺي، ويندي اڄ تائين، ليلاچنيسر جي موضوع واريون ڪافيون " سنڌي جوڳ " واري راڳڻي ۾ ڳايون وڃن ٿيون .

هي شاهه جي رسالي جو ويهون نمبر سُر آهي. جنهن ۾ 64 بيت، 4 وايون ۽ 4 داستان شامل آهن هن سُر جو پهريون بيت " داغ تنهنجو دائما ! ماري معذوري " ۽ آخري وائي " آءُ پرين ! گهر پيهي ، ميان چنيسر ! هارُ هتان مون ڇڏيو " آهي .

### بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون

مٽيون وجهان مڇ ۾، هائيءَ هٿان هار،
پري جي پتار، تہ ميريائي مانُ لهان.

هيءُ هار باهه جي برنڌ ٻيڙ ۾ اُجلي ڇڏيان ۽ دهڪنڌڙ

تاندن ۾ وجي هٽان . جي منهنجو محبوب ورُ ، راضي ٿي وري واپس موٽي اچي، تہ آئون ميري ۽ مندي هوندي بہ ، مان ۽ شان واريءَ ٿي پوان .

مٽيي اُتي موهجي ، هاري ! ڳيڙءِ هار،
ڪوڙيين ڪئا ڪيترا ، اِنهيءَ خر خُوار،
پِري وئو پتار ، آئُئي ڏنءُ ڏهاڳ جو.
اي هارايل موڳي ! انهيءَ ڪُوڙي مٽيي تي موهجي،

تو وڃي هار ۾ هٽ وڌو . انهيءَ خراب ( ڳنڌ جهڙي ڪوجهي ۽ ڪُوڙي ) مٽيي، ڪروڙين ڪروڙ (انسان) خُوار، بدنام۽ ذليل ڪري ڇڏيا . تو ڪان تنهنجو ور متجي ( ڦري پئي جو ٿي ) ويو، تنهن ڪري ئي تہ توکي، ڏهاڳ جي آڳ واري وڏي مچ ۾ جلڻو پيو.

هُيسِ گهڻو هُشيار ، پر ڪل نہ پييم ڪانڌ جي،
مون پانيو موچاري ٿيان، هنيين وجهي هار،
ڪانڌ ڪُوڙيءَ جو نہ وٽيو، سَئين پَتين سينگار،
وهم لهي وينجهار، تو دليون پرڪي داسڙو.

آئون تہ بيشڪ ! وڏي هُشيار هُئي ، پر مون کي منهنجي ڪانڌ ( چنيسر ڄام ) جي ڪل ئي ڪا نہ پيئي . مون سوچيو تہ " هنيين جي مٿان هار پائي، خُوبصورت ۽ سُهڻي ٿي ٿيان ". مون ڪُوڙيءَ جو ڪيل، طرحين طرحين وارو ناهہ جوڙ، منهنجي ڪانڌ کي قطعي ڪو نہ وٽيو ! وڏو پارکو پرين ، تہ اندر جا ارادا بہ پروڙي تو وٺي ۽ چنيسر داسڙو تہ دليون بہ پرکي تو وٺي .

ٽِڙڪِي پسي ٿوڪ ، ترڪي تڪبر ۾ پئي،
اچيو اچيو " اڳلي!"، چئي ليلا کي لوڪ،
اندر اوپالن سين، ساڙي ڪيائونس سوڪ،
پالاپڻ جو پوڪ ، ويو ويچاريءَ وسري.

ليلا، ڪا قيمتيءَ شئي ڏسي ٽڙي پيئي، تڪبر ۾ پئجي، ترڪي وڃي نظرن کان هيٺ ڪري هاڻِ تہ سارو لوڪ



اچي تو ليلا کي چوي، " اڙي ! تون تہ گدلي ۽ صفا گنهگار آهين". هن جو اندر، مهڻن ۽ طعنن سان تپائي، جلائي، ساڙي، سوڪ ( ڪرڙئون ) ڪري ڇڏيو اٿن . هاڻِ تہ قوهہ جوانيءَ وارو جذبو ۽ شوق، ويچاريءَ کان صفا وسري ويو آهي .

وڏيري هُياسِ ، ميڙو مون ڳرِ سرتيين ،
هٿ ڇُهڻ سين هار جي ، ڪڙي ڪانڌ تياس،
ڊولي ڊيليياس ، آيُمِ ڏنءُ ڏهاڳ جو .

آئون وڏي وڏيري هئي، مون وٽ منهنجي گهر ۾، سُهڻين سرتين جو، سدائين ميڙو متل هوندو هو . هار کي رڳو هٿ لائڻ سان ئي، پنهنجي پياري ڪانڌ لئي آئون قهر جهڙي ڪڙي ٿي پيئي آهيان . مون کي چنيسر ڊول ڊيلي ڪٽي پري ڪيو، تڏهن مون تي ڏهاڳ جي آڳ جو، آڙاهہ ٻري پيو آهي .

لکين ليلائون ، چنيسر جي راڄ ۾ .
ٻيون سڀ سگليون ، اڳلي آئون ،
صدق صدائون ، ڪهڙيون ڪريان تن سين ؟.

چنيسر ڄام جي بادشاهي ۽ راڄ ڀاڳ ۾، ٻيون بہ لکين ليلائون رهن ٿيون پيون . اُهي سڀيئي سُهڻي اخلاق ۽ خلوص واريون آهن، فقط هڪ آئون ئي ميري ۽ مندي آهيان . صدق ۽ سچائيءَ واريون دعوائون ، آئون ڪهڙيون ويهي اُنهن سرتين جي اڳيان ڪريان ؟.

اوڳڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا!
جيئن تو رُسڻ سنديون روح ۾، تہ مون پيٽي ناهہ پتار!
سائينءَ لڳ ستار، ميٺ مدايون منهنجيون.

اي چڱا چنيسر داسڙا ! مون تمام گهڻا اوڳڻ ۽ ڪوجها ڪم ڪيا، پر پوءِ بہ تنهنجي در تي هلي آئي آهيان . اي منهنجا گهوٽ ! جي تنهنجي روح ۾، رُسڻ واريون رمزون موجود آهن، تہ منهنجي پُڄڻ پيٽيءَ ناهي .اي عيب





www.sindhsalamat.com

ڏکيندڙ ! الله پاڪ جي واسطي ! منهنجي مداين ۽ ڪچاين تي ڪٿي پردو رک .

ڀٽائي رحه پنهنجي ڪلام ۾، ليلا جي تمثيل سان، انساني خطائون ڏيکاري ٿو ۽ وري اُنهن جي بخشش ۽ معافي جي لاءِ مالڪ مهربان وٽان، ٻاجهه ۽ مهر جو متقاضي پڻ آهي. "اڳلي آئون، ڏولا!مون نه پروڙيو." "مون ڪان تان پيئي، تون ڪر ڪانڌيلا سُپرين!" " ايءَ پرين! تنهنجي پت، جيئن ولهيون ڏکين ولها !" رسالي جي ڪلام ۾ ، هڪ هنڌ لکيل آهي، " توکي تڙي ڪير؟ تون ڪا تڙڻ جهڙي! وڏم توسان وير، من! سِکن ٻيون سُهاڳڻيون." ليڪن حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه پنهنجي ڪلام ۾ فرمائي ٿو ته " توٽي ڏي نه ڏي ، توءِ منهنجو ولهو، آئون تنهن ٻلي ڪي، ٻاڻ پرنيان ڪيترو؟".



## 21. سُر"ڪاموڏ" جو فلسفو

"ڪاموڏ" سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ "ڪامودا" جي بگڙيل بناوت آهي،جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "ڪام وهيٽي" . هي شاهه جي رسالي جو حقيقي ۽ مجازي محبت سان مالا مال سُر آهي، جنهن ۾ شاهه صاحب نوريءَ جي نوڙت ۽ نياز کي آڌار بنائي، سنڌ جي سمي حاڪم ڄام تماچيءَ جي محبت جو انوکو احوال اوريو آهي."عشق ايئن ڪري، جيئن ڄارو ڄام ڪُلهي ڪيو".

چون ٿا ته نُوريءَ اصل ۾ سنڌ جي حاڪم"جسوڏڻ راءُ سمي" جي نياڻي هئي، جنهن جي والده جو نالو "مَرُوبت راڻي" هو. نُوريءَ ڄمڻ مهل ڪوڙهه جي مرض ۾ مبتلا هئي، جنهن کي بادشاهه اُڇلي اڇڻ جو حڪم ڏنو.نوريءَ کي اُڇلي اڇڻ لاءِ، دائي ڪٽي جهر جهنگ ڏانهن رواني ٿي، ته اڳيان "ڪينجهر" نالي گندرو مهاڻو گڏيس، جنهن اها ڏيءَ اُڇلڻ بجاءِ، پاڻ وٽي وڃي پالي. نوريءَ کي هڪ اولياءَ "شاهه هونڊڙي" جي دُعا سان شفا ملي. جيئن ئي نوريءَ تان مرض لٿو، ته منجهس ايڏو حُسن پيدا ٿي پيو، جو منهن مان نُور نروار ٿي تجلا ڪري ڀهڪڻ لڳو.

ڄام تماچي جيڪو ننڍي جو حاڪم هو، سو سير شڪار لاءِ، ڪينجهر ڍنڍ تي ايندو رهندو هو ۽ ننڍا وڏا ملاح وڃي سندس سلامي ٿيندا هئا. نوريءَ کي اهل ڄاماڻي هئي، سا ملاحن واري ڪرت ڪا نه ڪندي هئي." نه وڃي، نه وڪٽي، نڪين ڪکيءَ ڪاءِ"، سمو ڄام متس مفتون ٿيو ۽ ملاحن کان سندس سڱ گهريائين. نوريءَ جو بخت بلند ٿيو ۽ ڄام تماچيءَ جي ساڻس شادي ٿي. ڄام تماچي انهي خوشيءَ ۾، ملاحن کي ڪينجهر ڍنڍ انعام ڏيئي، متانئن مڙيئي محصول معاف ڪري ڇڏيا. تصوف جي لحاظ سان، هن سُر جي داستان چوٽين جا بيت، الله پاڪ جي وحدانيت ۽



www.sindhsalamat.com

هيڪڙائيءَ جي ڄڻ تشريح ۽ تفسير وانگر لڳن ٿا. مثلاً:

نہ ڪنهن ڄائو ڄام ڪي، نڪو ڄام وياءُ ،
نندي وڏي گندري ، سپن آھ سياءُ ،
”لم يلد و لم يولد“ ، ايءَ نجابت نياءُ،
ڪِبر ڪِبرياءُ ، تخت تماچيءَ ڄام جو.

سُر ”ڪاموڏ“ جي راڳڻي، ٻپهريءَ يا شام جو ڳائبي آهي. هن کي ”سمپورڻ راڳڻي“ ڪري چوندا آهن، ڇو تہ سيپيئي سُر ساڻس لاڳو آهن. هي ”گوند“ ۽ ”بلاول“ راڳڻين جي ملاوٽ آهي ۽ ٽي جنسون اٿس. 1 شُڌ ڪاموڏ 2 ساونت ڪاموڏ ۽ 3 تلڪ ڪاموڏ . هي شاھ جي رسالي جو ايڪيهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 53 بيت، 3 وايون ۽ 4 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت ” تون سمو، آئون گندري، مون ۾ عيب اپار“ ۽ آخري وائي ” تو در آيس سام، سما ڄام! سام تنهنجي“ آهي .

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

تون تماچي! تڙ ڌڻي، آئون مهاڻي مي ،
ککيءَ هاڻيون ڪاريون، حال منهنجو هي،
مون ڏُهاڳ مَ ڏي، آئون جا نالي سُيس تنهنجي.

اي تماچي ڄام!تون سموري تڙ جو خود مختيارۡ مالڪ آهين، آءٌ مسڪين مي مهاڻي آهيان. مون وٽ، مڇيءَ جي بدبوءِ واريون ٽوڪريون آهن ۽ حال بہ منهنجو ههڙو جهڙو(ايرو سيرو) آهي. مون کي وڇوڙي وارو ڏهاڳ هرگز نہ ڏجانءِ، ڇو جو آءٌ تہ هاڻي تنهنجي نالي سان مشهور ٿي ويئي آهيان.

ڳُوءِ!سميون، ٻن! سومريون، جي اڇن اوچي ڳاٽ،
ور! سي ڪينجهر ڄائيون، جن تماچيءَ تات،
راڻين ملا رات ، ماڻڪ ميءَ پرائيو.

ڪوھ ۾ پون سميون! ٻن پون سومريون! جي ڪنڌ مٿي ڪري، آڪڙ ۽ وڏائيءَ سان ٿيون سامهون هلن.بيشڪ! پليون آهن، اهي ڪينجهر ۾ ڄاول مسڪين مهاڻيون، جن جي من ۾، سمي ڄام سلطان جي سچي سِڪ ۽ محبت سمايل آهي. رات راڻين جي سٿ وچان، ماڻڪ جهڙي سهڻي نوري، ڄام تماچيءَ کي، کٽي کڻي پنهنجو ڪيو.

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪُوَڙيون، منهن نہ موچاريون ،
وٺي وينيون واٽ تي، ککيءَ جيون ڪاريون ،
اُني جيون آريون، سمي ري ڪير سهي !؟

سانورڙيون،بنا سونهن واريون، وڙ وجھ ۾ ڍليون ۽ منهن مهانڊري ۾ صفا سادڙيون آهن. بدبوءِدار مڇيءَ جون ٽوڪريون کڻي، (وڪڻڻ لاءِ) واٽ تي اچي، ويهيو ٿيون رهن. انهن جون فرمائشون، (انگل ۽ آريون) سمي ڄام سلطان کان سواءِ، ٻيلا ٻيو ڪير سهي!؟

هيڏي وير ڪياءُ؟ ڪينجهر ۾ باھ ٻري !
نڪو ورن وڃ جو، نڪو چنڊ اُهاءُ ،
لٿو پاند مهاءُ ، ميءَ چڙهندي مڪڙي.

هيڏي اونداهيءَ واري وقت ۾، هيءُ ڪينجهر ۾، ڪهڙي باھ ٻري آهي!؟

نڪو ڪنوڻ جو ڪو چلڪو چمڪو ٿيو ۽ نڪو چنڊ جو سوجهرو آهي.

”اهو نوريءَ جو ٻيڙيءَ تي چڙهندي مهل، منهن تان ٿورڙو پاند لٿو آهي.

هٿين، پيرين، آرڪٽين، منهن نہ مهاڻي ،
جيئن سڀڳو وچ سُرندڙي، تيئن راڻين ۾ راڻي،
اصل هئي ان کي، اهل ڄاماڻي ،
سمي سُڃاڻي ، ٻيڙو ٻڌس ٻانهن ۾ .

هٿين، پيرين، توڙي منهن مهانڊري جي نشانين ۾، ”مسڪين مهاڻي“ تہ لڳي ئي ڪو نہ ٿي. جيئن سُرندي ۾ سونو سڳو هوندو آهي، تيئن هيءَ راڻين ۾، سپنيءَ کان سُهڻي راڻي آهي. ڇو جو اصل کان وٺي، (ڄائي ڄم کان) هن




www.sindhsalamat.com

نوريءَ جي أٽڪي ويهڻي ۽ هلت چلت جامن(وڏن چڱن) واري هئي. سمي جام سلطان کيس سڃاڻي، پنهنجي هٿن سان اچي، هن جي ٻانهن ۾ سونو ٻيڙو ٻڌو.

جام تماچي آئيو ، سُيتِ تي صلاح ،
مور مرکي هليو، سندو راڻين راءُ،
لٽي لِکَ لطيف چئي، کئو شمس شعاع،
پيڙهيءَ وينو پاتشاهه، مٿس ڇٽ ڇُڳاءُ،
کوڙين قناتون لڳيون، مياڻين مٿاءُ ،
لٿو ڏن ڏيهاءُ، مر! ٿيون مرکن مڇيءَ واريون.

جام تماچي (کينجهر تي) آئيو، چڱي ۽ بهتر طريقي واري رتا وجود ۾ آئي. راڻين جو ڏٽي ۽ حاکم جام تماچي، سهڻو مور ۽ سُرخرو ٿي هليو. سهڻو شاهه لطيف چوي ٿو تہ " راز واري ڳالهه پڌري ٿي، سج پنهنجو چٽو پٽو سوجهرو کيو". خاندانيءَ تخت تي بادشاهه وينو، ان جي مٿان ٿونئرن ۽ گلن وارو سهڻو سينگار ٿيو. کروڙين کروڙ طنبو ۽ طولان لڳا، سيني مياڻين ۾، (جتي کٽي) جشن ٿيا . ڏيهه تان سمورو ڏن ۽ محصول ختم تي ويو، هاڻي ڀلي پيون مڇيءَ واريون(مهاڻيون) خوشيءَ ۾ مرکن ۽ خوش ٿين.

مَئهن ملاحن جي ، آيو جام جُلي ،
ماڳين پيون مسندون، جهُڳين پاس جهُلي،
عطر ۽ عبير جي ، اچي جول جُلي ،
کينجهر سڀ کُلي ، اُني کي انعام ٿيو.

مسکين ملاحن جي، ککائين جهُوپڙين ۽ ماڳ مکانن تي، اڄ جام تماچي، محبت ۽ مروت منجهان، هليو آيو آهي. جدا جدا ماڳن ۽ ککائين جهوپڙين وٽ، تخت ۽ بخت واريون کٽون، شان ۽ شوکت سان رکيون ويون آهن. عطر ۽ عنبير جي عرق جِي، اُتي جولين اچي ڇڇکار لڳائي آهي. کينجهر وارو کُل علائقو، اُنهن (مسکين ملاحن کي، اڄ انعام ۽ اکرام ۾، عطا ٿي ويو آهي.



حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي سُر "کاموڏ" کي، "مجاز" ۽ "حقيقت" ٻنهيءَ رخن کان ڏسڻو پوندو، تڏهن اسان کي هيءُ سُر پُوريءَ طرح سمجهه ۾ ايندو. مجاز بابت، شاهه صاحب هيءُ سمورو قصو فقط هڪڙي سٽ ۾ سمائي ڇڏيو آهي. پاڻ فرمائي ٿو، "عشق ايئن ڪري، جيئن چارو جام ڪلهي ڪيو". وري هن سُر جي حقيقت واري رخ تي روشنيءَ وجهنداسين تہ لطيف سرڪار فرمائي ٿو " لم يلد و لم يولد" ، ايءَ نجابت نياءُ ڪِبر ڪِبرياءُ، تخت تماچيءَ جام جو". شاهه صاحب انهن ٻن سٽن ۾، "وحدانيت" ۽ "هيڪڙائي" جو مسئلو ئي حل ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري اسين جڏهن بہ سُر "ڪاموڏ" جو مطالعو ڪريون ٿا تہ اُن کي ٻنهيءَ رخن کان پڙهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. اهڙيءَ ريت، فيصلو از خود اسان جي سامهون اچي وڃي ٿو. "مجاز" "حقيقت" جي ڇاڙهي آهي، اگر حقيقت تائين پهچڻ ۾، ڪا بہ رنڊڪ محسوس ٿئي ٿي، تہ "مجاز" جي ڏاڪڻ تي قدم رکو، منزل آسان ۽ ويجهي ٿي ويندي. پر اُن لاءِ شرط اهو بہ آهي، تہ "مجاز" جي ڏاڪڻ تي پير رکڻ کان پوءِ، متزلزل ٿيڻو ناهي. اهڙن عملن ۾، شاهه جو ڪلام، اسان جي وڏي رهنمائي ڪري ٿو، جنهن کي صرف سمجهڻ، سمجهائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي.


www.sindhsalamat.com

## 22. سُر"سورٺ" جو فلسفو

"سورٺ" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "صورت"، "سُهڻي"، "حَسين" ۽ "خوبصورت" وغيره. هي شاهه جي رسالي جو معنوي ۽ حقيقي سُر آهي، جنهن ۾ شاهه صاحب، راءِ ڏياچ جي مثالي ڪردار کي، يعني الله تعاليٰ جي نالي تي، سِر ويڇي ڏيڻ جي حوالي سان، سَربُلند مجيو آهي.

هڪ زماني ۾، جهوناڳڙهه پرڳڻي تي"راءِ ڏياچ" نالي، وڏو سخي سردار راڄ ڪندو هو.

جنهن جي سخا جي هاڪ ٻُڌي، ٻيا سردار پيا دل ۾ سڙندا هئا. سورٺ اُن سخي سردار راجا راءِ ڏياچ جي پَٽ راڻي هئي. پاڙيسري ملڪ جي راجا اَنيراءِ، هڪ چارڻ (منگتي) کي چيو ته جيڪڏهن تون راءِ ڏياچ جي سسيءَ ڌڙ ڪان ڌار ڪري، مون ڏانهن ڪٽي ايندين، ته تنهنجي منشا پوري ڪندس. اها ڳالهه ٻڌي، ٻيجل پنهنجو سُرندو سينگاري، جهوناڳڙهه ڏي راهي ٿيو.

چارڻ ٻنڌا چنگ کي، جھُوڙا ۽ جهانئين،
ڏُئلي راوَڏياچ جي، ڏُوران ڏنائين،

راجا راءِ ڏياچ جي رنگ محل ٻاهران، اهڙيءَ چنگ چوريائين ۽ تند تنواريائين، جو بادشاهه بيخود ٿي ويو ۽ ٻيجل کي پُڪاري چيائين " اي فقير! جيڪِين گهُرڻو هجئي سو گهُر، پر تند کي بند نه ڪجانءِ"! ٻيجل وراڻيو " تنهنجي در تي ان ڪري آيو آهيان، جو تون"نانهن" نه سکيو آهين. اي سخي سردار! آئون تنهنجي سِر جو سُوالي آهيان".

چون ٿا ته سورٺ ان مڱڻهار کي، سِر نه ڏيڻ جي لاءِ، سَو سُوال ڪيا، انعام اڪرام آڇيا، قيمتي خزاني جون خُرزينون پرائي، سونن سنجن سان، تازا گهوڙا اڳيان آڻي بيهاريا، هيرن ۽ جواهرن سان پريل هاٿي حاضر ڪيا، لعل



ياقوتن ۽ ماڻڪن جو مٿان مينهن وسايائينس، جن ۾ پنڻو پُورجي ويو، پر مڱڻهار انهن کي هٿ به ڪو نه لاتو.

ڀٽائي صاحب هن سُر جي معنوي پهلوءَ ۾، معراج شريف واري حقيقت ۽ وحدت الوجود واري فلسفي جي اُپٽار ڪئي آهي.

ڏاتار ۽ مڱڻي، ڪو نه وسيلو وِت،
سائي تال تندن جي، سائي چارڻ چِت،
جي هُتي، جي هِت، ڳالهه مڙيائي هيڪڙي.

سنڌ ۾ هي قصو جنهن سُر ۾ ڳايو ويو، اُن کي سُر"سورٺ" سڏيو ويو. هن قصي جي حوالي سان چيل ڪافيون، "سورٺ راڳڻي" ۾ ڳايون وڃن ٿيون. هي شاهه جي رسالي جو ٻاويهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 53 بيت، 4 وايون ۽ 4 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت "الله جي آس ڪري، ٻيجل ڪِي ٻاڪار" ۽ آخري وائي " الوداع! وو! الوداع! جانيان ڪِيئَڙِي جدا ! وو! سورٺيا ساري، معذور وئين ماري" آهي.

### بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون

الله جي آس ڪري، هلي آيس هير،
هاتڪ! تو حضور ۾، پرتان پري پير،
وير!الڳاءِ مَ وير، ويڇي ڏي ته وڃي وڃان.

الله پاڪ جي آس دل ۾ رکي، آءٌ هن وقت (هن رنگ رتول ڏي) هليو آيو آهيان. اي سياڻا حاذق! تنهنجي حضور ۾، مون وڏي پريت سان پير پريا آهن. اي وڏي عقل وارا داناءُ! هاڻي دير نه ڪر، پنهنجو سر ويڇي ڏي ته آءٌ هينئر ئي ڪٽي هليو وڃان.

آءٌ سُوالي سر جو، آيس اڳاهون،
متي ري مس رکان، پير ڪٽي پاهون،
داتا! سُڻ دانهون، جي ڪريان ڪوڏ ڪپارجيون.

(اي راجا راءِ ڏياچ!) آءٌ ته سواليءَ آهيان تنهنجي سر



www.sindhsalamat.com

جو، جيڪو ڪافي پري ڪان اچي پهتو آهيان. تنهنجي سر ونڻ ڪان سواءِ هي پنهنجا پير، آئون پوئتي هرگز ڪو نہ هٽايان. اي وڏا ڏيندڙ سخي! منهنجي سوال جون صدائون سڻ، جيڪي سرهائيءَ سان، تنهنجي سر ونڻ جون ٿو ڪريان.

ڪِين جو بيجل بوليو، پِنِيءَ ويهي پيان،
راجا رتولن ۾، سڀباڻو سلطان،
"آءُ متاهون مڱڻا! مقابل ميدان،
گهوريان لک،لطيف چئي، تنهنجي قدمن تان قربان،
متو هي مزمان! هلي آءُ تہ هت ڏيان".

بيجل(پان فقير) پِنِيءَ رات جو، داتا جي در تي ويهي، ڪو عجب جهڙو سوال ڪيو!

سهڻي سلطان راجا کي، رنگ رتولن ۾، اُهو ڳائڻ ڏاڍو پسند اچي ويو،(وڻي ويو).

(حڪم ڪيائين تہ) "اي مڱڻا! تون متي چڙهي آءُ! سڌو سئون منهنجي روبرو". سهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ " لکين لک توتان گهوري چڏيان ۽ تنهنجي قدمن تان قربان ڪري چڏيان. اي منهنجا منا مهمان! تون متي هلي آءُ! تہ هيءُ سر، توکي هت(هندوري ۾) ڏيئي چڏيان".

نِرتي تند نياز سين، بُرائي بيجل،
راجا رتولن ۾، اُونائي امل،
راز ڪيائين راوَ سين، موچاريءَ مهل،
"انا احمد بلا ميم"، سَين هنئي سائل،
ڪنهن ڪنهن پيئي ڪل، تہ "هردوئي هيڪ ٿيا".

وڏي سرت ۽ سمجهہ واري بيجل، نياز ۽ نوڙت واري تند، اچي رنگ محل جي ٻاهران بُرائي،(وڄائي). راجا راءِ ڏياچ رنگ رتولن ۾، اُنهيءَ سُريلي ساز جي اَمُلهہ "رُون رُون"، وڏي غور ۽ فقر سان ڪن ڏيئي ٻُڌي. دل جي راز واري حقيقت، راجا راءِ ڏياچ سان، موچاريءَ مهل(اسر ويل ) جو، اُن سائل ويهي سَلي. "آءٌ احمد آهيان بنا ميم جي"، سُهڻي



سُوالي اها صدا پڌري پڪاري. پوءِ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ کي اها ڪل پيئي، تہ "ٻيئي(راجا ۽ راڳائي) پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا".

سهسين آئيا سورنيا، مانجهي مٽيادار،
جن ڳڙهان ٻهر ڳائيو، سهجان سڀ جمار،
تنبيري جي تند جي، اُت پهرين هئي پچار،
آءُ متاهون مڱڻا! چڙهي در دئار،
توکي گهوٽ گهرائيو، خلوت لاءِ ڪنگهار،
"السلام عليڪ ايها النبي"، اي ڪلي ڪيائين ڪينڪار،
سئو ۾ سنسار، تہ "ملڪ ڏنائين مڱڻي".

هتي سوين سوَ سورٺ ملڪ جا ڳائڻا آئيا، سي بہ وڏيءَ همت وارا، جلويدار ۽ ڏاڍا سهڻا هئا. سي سڀ ساري حياتيءَ، پنهنجي رضا خوشيءَ سان، جهونا ڳڙهہ ڪان ٻاهر ڳائيندا رهيا. هن تنبي وڄائڻ واري جي سهڻي ساز جي، اُتي اڳ ۾ ئي گفتگو ۽ هاڪ (مشهوري) هلندڙ هئي. "اي مهربان ۽ موچارا مڱڻا! تون متي هليو اچ، محل جي مکيہ دروازن وٽان چڙهي. توکي گهوٽ پاڻ وٽ گهرايو آهي، راوَڪنگهار خلاصي رهاڻ ۽ قرب واري ڪچهريءَ لاءِ". "اي نبي ڪريم! (صلي الله عليہ وآلہ وسلم)تو تي سلام هجي"، ايئن ڪلي ۽ خوش ٿي، پليڪار ڪيائين. پوءِ ساري سنسار(جهان) ۾ ٻڌو ويو تہ "سچو ملڪ ئي، مهربان ۽ موچاري مڱڻي کي، (انعام ۽ اڪرام ۾) عطا ٿي ويو آهي".

چارڻ! ٻولج ڪِين ٻيو، گهُريوءَ سو گهوريان،
ڳڙهہ سورٺ ئي نہ پڙي، جي تندن سين توريان،
ڳجهي آهم ڳالهڙي، آءُ اوري تہ اوريان،
"ڪُلهنيون ڪوريان؟ڪِر جاجڪ! جُسي سين ڏيئين؟".

اي چڱا چارڻ! اجان ڪُجهہ ٻيو بہ چئو، (ٻيو بہ گهُري وٺ!) جيڪين تو گهُريو آهي، سو تہ گهوري تو کي ڏيان ٿو. سورٺ وارو سمورو ملڪ، جهوناڳڙهہ تور ۾ پورو ئي نہ ٿو





www.sindhsalamat.com

بيهي، جي تنهنجي ساز جي تندن سان ملائي ٿو توريان.
منهنجيءَ دل ۾ ، هڪ راز واريءَ ڳالهه سمايل آهي، تون
هيڏانهن اورتي اچ، تہ اُها تو سان اوريان،(تو سان اُها ڳجهيءَ
ڳالهه سليان). اي جيءُ جا جاجڪ! هيءُ ڪنڌ ڪُلهن وٺان
ڪوريان؟ يا جسم ۽ جان سوڌو ئي تو کي ڏيئي ڇڏيان؟".

حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ڪلام ۾، سُر"سورٺ" کي، مڪمل طور تي، حقيقي ۽ معنوي سُر جو درجو حاصل آهي. هڪ الله تعاليٰ جي نالي تي، ڪنهن سُواليءَ کي سِر وڏي ڏيڻ جو مثال، تاريخ ۾ ٻيو ڪٿي بہ ڪو نہ ٿو ملي. هيءُ سُر وحدانيت کان سواءِ رسالت جي پُرنُور موضوع جو مرڪوز پڻ بڻيل آهي. ڀٽائي رحہ فرمائي ٿو " آءُ مٿاهون مڱڻا! چڙهي در دئار، توکي گهوٽ گهرائيو، خلوت لاءِ ڪنگهار" . ڪافي عالمن ۽ اسڪالرن مٿيين سٽن کي، معراج شريف جي ماحول سان منصوب ڪيو آهي. وري هي سٽون بہ ڏسو: " الانسان سري و انا سره"، ورتي ايءَ وائي، راڃا راڳائي، هي دوئي هيڪ ٿيا". اهڙيءَ ريت، اسين شاهه جي رسالي ۽ ڪلام مان، وحدانيت ۽ رسالت بابت، ڪيترائي اشارا ۽ اُهڃاڻ پڙهي ۽ پروڙي سگهون ٿا. جن تي ايمان آڻڻ ۽ عمل ڪرڻ سان، اسان جا ٻيئي جهان منور ۽ موچارا ٿي سگهن ٿا. اسان کي گهرجي تہ شاهه جي رسالي جو، لفظي مطالعي سان گڏوگڏ، ان جو معنوي رخ بہ معلوم ڪندا وڃون، تہ ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون پاڻهي ئي اسان جا قدم چمنديون اينديون.



## 23. سُر "رِپ" جو فلسفو

"رپ". سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، " آفت " ، "مصيبت " ، "چِپ " ۽ "سخت ڳرو " وغيره. هي شاهه جي رسالي جو، حقيقت ۽ مجاز جي ميلاپ ۽ سنگم وارو سُر آهي، جنهن ۾ شاهه صاحب جي طرفان، منٺڙي محبوب جِي سچي سڪ، اندر جا اُڌما ۽ آزيون ۽ نيزاريون بيان ڪيون ويون آهن.شاهه صاحب فرمائي ٿو، تہ " منهنجو جندڙو، غم ۽ گوندر ۾ غرق ٿي ويو آهي، اي منهنجي منٺڙي امڙ! مون کي منٺن محبوبن جي ڦوڙائي ۽ فراق مورڳو ماري وڌو آهي"!

جڏهن کان وني، منهنجي دل، منٺڙي محبوب سان لڳي ويئي آهي، تڏهن کان وني، هو مون کي، هڪ ترِ جيترو بہ ناهي وسريو. سُهڻو سڄڻ منهنجي روح جي اندر اوطاقون ڪري، ڳل سان وهاٽي جي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو آهي. محبوبن جي محبت جو مچ، منهنجي اندر ئي اندر ۾ پيو ٿو ٻري. اهو عشق ۽ محبت جو آڙاهہ اجهامي پلا ڪٿان؟ جنهن جو سوريندڙ سُهڻو سُپرين پاڻ هجي !

هن سُر جي ٻئي داستان ۾، سڪ ۾ سڪندڙ ۽ سڙندڙ عاشق کي تاڪيد ڪئي ويئي آهي تہ "تون پنهنجي محبوب جي محبت کي ظاهر نہ ڪر، اُن کي لڪاءِ ۽ ڳُجهو رک. اُن کي ايئن ڍڪ، جيئن ڪنيار آويءَ ۾ ٿانون کي ڍڪي، پوءِ باهه ڏيئي ڇڏيندا آهن، تہ ٿانوَ پچي، ڳاڙها لال ٿي نڪرندا آهن".

نهائينءَ کان نينهن ، سک منهنجا سُپرين !
سڙي سارو ڏينهن ، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري .

هن سُر جي ٽئين ۽ آخري داستان ۾، پرديس ۾ ويل پنهنجي پياري ور لاءِ، ويچاري وني، اُرداسون ۽ اوسيئڙا ٿي ڪري ۽ پانڌيءَ کي پيغام ٿي ڏي تہ تون


www.sindhsalamat.com

وجي منهنجي ور کي هينئن چئجانءِ:

اَوچتڻ کُهُرجي اَجکو ، جھُوپو سهي نہ سيءُ ،
سُڻائيج سُوڙ کي ، حال منهنجو هيءُ ،
" اَگھڻ آيو تيءُ ، تہ ڍولا! ڪنهن ڍنگ تيان".

"رِپ" سُر يا "رِپ راڳ". کي، "رِپ". چو سڏيو ويو؟ اُن بابت ڪا بہ مُستند معلومات مُيسر ناهي. شاهہ جي راڳ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ "رِپ راڳ". جڻ "ڪلياڻ". سان لاڳو آهي. هي شاهہ جي رسالي جو ٽيويهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 88 بيت، 3 وايون ۽ 3 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت "گُوندرڪِيو غرق ، ماءُ! منهنجو جندڙو" ۽ آخري وائي "نيئي پريان کي ڏيج ، تان ڪو نينهن نياپو" آهي.

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

گُوندر هٿ نہ پير ، ورهہ منجهہ هين وِهٽو،
ڪُڙهہ ۾ قطارون ڪري، سورن لايا سير،
مون جيئڻ گهاري ڪير؟ هيڪلي رِءِ سڄڻين.

غم ۽ گُوندر کي، نڪو هٿ ۽ نڪو پير هوندا آهن، برهہ اندر ئي اندر گهر ڪري ويهي رهندو آهي. درد ۽ سُور جسم و جان ۾ قطارون ڪري، رستا ناهي، اچ وڃ ڪندا رهندا آهن. (اي منهنجيون سُورائتيون سهيليون!) مون وانگر ڪير گهاري تہ ڏيکاري،سهڻن سڄڻن کان سواءِ هيڪلي.

جڏهان ڪر ٿيام ، ساڄاهہ سُپيرين سين ،
تڏهانڪون تل جيترو، ويل نہ وسريام ،
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

جنهن وقت کان وٺي، منڙن محبوبن سان، منهنجي ادب واريءَ جاڻ سڃاڻ ۽ روح رهاڻ ٿي آهي. تنهن وقت کان وٺي، هڪ تر جيترو بہ مون کي ڪنهن ويل نہ وسريا آهن. سهڻا سڄڻ من اندر ۾ اوطاقون ۽ اوتارا ڪري،



منهنجي روح ۾ رهي پيا آهن.

سئو سکن ساڻي ڏيئي، ورهہ وهايم هيڪڙو،
مون کي تنهن نيئي، پير ڏيکاريو پرينءَ جو.

سوين سئو سک سَودي ۾ ڏيئي، مون فقط هڪڙو وڇوڙي وارو درد وٺي چڏيو. تنهن درد مون کي نيئي، نيٺ وجي پياري پرينءَ جي پرچڻ وارو پيچرو(گس) ڏيکاريو.

ڪٽيو هوم ڪٽ، هنئڙو ٻاجهان هوت جي،
ڪڙو هٽي قلب کي، لاٽا لالڻ لٽ،
سيٽڻ جيءَ سهٽ، ڪِي صفائي ساهہ کي.

هيءُ منهنجو هينئڙو، سهٽي سڄڻ جي ڏسڻ کان سواءِ، ڪٽ ۾ ڪٽجي ڪارو ٿي ويو هو. منهنجي منڙي محبوب، ان کي سوگهو ۽ مضبوط جهلي، قلب مٿان جيڪي ڪٽ ۽ لٽ چڙهيل هئا، سي لاهي چڏيا. سهڻن سڄڻن جي مهٽ سهٽ(مانجهہ سروچ)، منهنجي ساهہ جي صفا صفائي ڪري چڏي آهي.

سُتي سنيريوم، ڪو ڳڻ ٻاروچن جو،
ڪنڌ وهاٽو پنو، هريو هٿ ٿيوم ،
سڄڻ ياد پيوم،جاڙ جيان ٿي جيڏيون!

مون کي جيئڻ ئي سُتي سُتي، ڪو وڏو وڙ ۽ احسان، منهنجي محبوب پرينءَ جو ياد آيو. تہ منهنجيءَ ڪنڌ وارو وهاٽو آلو ٿيو ۽ هٿ، اڪرين جي لڙڪن سببان، هري هري پُسي ويو. اي جيڏيون ڙي! مون کي سهڻو سڄڻ، اچ ڏاڍو ياد آيو آهي، هاڻ تہ حياتيءَ ڏاڍي ڏکي پئي ٿي گذري.

نينهن نهائينءَ جيئن، ڊڪيو ڪوهہ نہ ڊڪيين؟
جو جر جيري چڏي، تہ رچ پچندا ڪيئن؟
تون پڻ ڪريچ تيئن، جئن ڪنيار ڪرين ڪم سين.

(اي البيلا عاشق!) پنهنجي نينهن ۽ عشق کي،





www.sindhsalamat.com

ڪنيارن جي ٿانون پچائڻ واري ڏيکيل آويءَ وانگر، وري وري ڏکڻ جي ڪوشش ڇو نہ ڪرين؟ جي ٻرندڙ باھ پنهنجيءَ پڙڪ (تپش) ڇڏي ڏني، تہ ڪچا ٿانوَ ڪيئن پچي راس ٿيندا؟ تون بہ پنهنجيءَ پريت سان ايئن ڪر، جيئن ڪنيار پنهنجي ڪم ڪار ۾ ڏنڌي سان ڪن ٿا.

سُور جني کي سهج جو، تن کي پُٽي نہ پارو،
پارڻ پارين نہ، باھ جو، سچو سيارو،
آرهڙ اونهارو، اُو لُک لَکايا ڪيئنڪين.

جن سِڪايلن کي، منڙي محبوب سان، سڳهوئي ملڻ جي خوشيءَ وارو درد هوندو آهي، تن کي سخت سيءَ بہ ڪجھ ڪو نہ ٿو ڪري سگهي. اُهي سچي سخت سياري ۾ پاڻ کي سيڪڻ لاءِ، باھ جو مچ پارين ئي ڪو نہ. (وري) آرهڙ هجي توري اونهارو، اُهي لُڪن ۾ سخت گرميءَ جي جهولن ۾، ڪنهن کي لَکا ئي ڪو نہ ڏين.

ڪانڌ! تنهنجي پاند ري، سيءُ مران سب رات،
ڪوڙين ڪپاهن ۾، جپ نہ اچي جات ،
اچين جي پريات، تہ وِلهہ نہ سارِيان وَلها!

اي منهنجا منڙا ور! تنهنجي پيار جي پلئو پائڻ کا سواءِ، ساريءَ رات ٿي سيءُ ۾ ڏڪان ۽ ڪنبان. ڪروڙين ڪروڙ ڪپاھ پيل سوڙين ۾، تو کان سواءِ، مون کي ذرو ئي ننڊ نہ ٿي اچي. اي منهنجا گهوٽ! جي تون صبح جو سوير، پنيرڪي مهل(وِلهہ واري وقت) موٽي اچين، تہ مون کي سخت سيءُ ۽ پارو ياد ئي نہ پوي.

هي شاھ جي رسالي جو، مجازي محبت سان مالا مال ۽ ماڪيءَ جهڙو منڙو سُر آهي. البت ڪٿي ڪٿي حقيقت جا جلوا پڻ جرڪندي نظر اچن ٿا. "اندر اندريون، جيئن ني وانجهي لٺ ۾، مون تڻ تيتريون، تہ "ڪيئن ملبو سڄڻين؟".. وري بيو بيت آهي ."جيئن سي گُوهيءَ نار، وهن واريءَ گاڏئان، هينئڙو پريان ڏار، نبيريانس نہ



نبري".. شاھ جي ڪلام ۾، سُر"برور". ۽ سُر"رِپُ". بظاهر مجازيءَ محبت ۾، جڻ ماڪي ۽ مصري جا، ٿُپ ٿُونڻ ڪٽورا آهن، جنهن جي مطالعي سان، انساني اُدما اُپريو اچن ٿا. شاھ جي ڪلام کي، هر رخ کان پڙهڻ ۽ پروڙڻ جي ضرورت آهي، جنهن مان اسان کي، انسانيت ۽ محبت جا اَڻ ميا مذکور معلوم ٿين ٿا.



www.sindhsalamat.com

## 24. سُر "پورب" جو فلسفو

"پورب" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، " اوڀر "، "اُڀرندو"، "مشرق "، " اوڀر جو واءُ "، " اصلي "، " قديمي "، " اوائلي " يا " پهريون " وغيره. هي شاهه جي رسالي جو حقيقت تي آڌاريل، معنوي ۽ سُلوڪ وارو سُر آهي، جيڪو سُر "رامڪلي" کان پوءِ، ٻئي نمبر تي، آديسي ۽ پُوربي فقيرن جي عادتن ۽ اُهڃاڻن جي نشاندهي ڪري ٿو. جوڳي جڳ ڇڏي، پورب پار ڏي راهي ٿي ويا، جو اللهه پاڪ پنهنجي بندن کي، سلامتيءَ ۽ خير و عافيت واري پاسي سڏي ٿو. پر افسوس! لالچ، طمع ۽ حرص واري هوڏ، سيني کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي.

جوڳي جڳ ڇڏي ، پُريا پُورب پار ڏي ،
لاهوتي لطيف چئي ، هليا لال لڏي ،
"والله يدعواليٰ دارالسلام".صاحب سين سڏي،
هئي!هئي! هن هڏي، همه کي حيران ڪيو.

لطيف رحه لاهوتين، سناسين ۽ پُوربين جا پار پتا ۽ اهڃاڻ ڪجهه هن ريت ٻڌايا آهن، ته اُنهن جي ڪنن ۾ ڳاڙها ڪُنر(والا) پاتل هوندا آهن، ڪڪڙا ڪپڙا ۽ ڳچيءَ ۾ ڳاڙها رومال ويڙهيل هوندن، ڌُوڙ ۾ ڌُوڙ، وڏا وار ڇڏيل، ڏک، تڪليف ۽ ڪشٽ جي ڪوري ۾ ڪاميل، پاڻ پائمال ٿيل، پر مات ميٽ ۾، محبوب جي محبت واري وصال سان واڳيل هوندا.

دل ڏوتائين ڏُک سين ، ڏاڳا هڏ نه ڏوءِ،
لاهوتي لطيف چئي ، رُوحان اندر روءِ،
ڪو نه ڏٺوسون ڪوءِ ، سناسي ۽ سُور ري.

اللهه پاڪ جي ياد جي تسبيح، من ئي من ۾، پيا پيار سان سيريندا. سچي مرشد جي سهاري، سُهڻي



سُپرينءَ سان، سُهڻو ساٿ نڀائيندا.

شاهه جي راڳ جي روايت ۾، "پورب". هڪ خاص راڳ آهي. هندوستاني راڳڻي "پُوروي". الڳ آهي،ان جي ڳائڻ جو وقت ٽپهريءَ آهي. البت شاهه جي راڳ ۾، سُر"پورب". وِهاڻيءَ راڳ ڪري ڳائبو آهي. هي شاهه جي رسالي جو چوويهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 34 بيت، 5 وايون ۽ 2 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " پُورب مارييا سِ، ڪنهن دِرِ ڏيان دانهڙي؟". ۽ آخري وائي " توبهه! توبهه! ايءَ طلب ، تنهنجي دران منگان" آهي.

### بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون

"پورب پورب" تب ڪرون، جب هينئڙي آون پُور،
سڪندي ڪي سڄڻين، نِڪُون لايون نور،
ماريس ان مذڪور، جئن ساجن سچي نه ملي.

جڏهن منهنجي هينئڙي جا جذبا ۽ اُڌما، جوش تا ڪائين، تڏهن تي آئون "پورب پورب". ڪريان. سهڻن سڄڻن لاءِ سڪندي، منهنجي اکڙين ڳوڙهن جون نابون (ڳهاريون) وهائي وڌيون آهن. مون کي انهيءَ مذڪور ماري وڌو آهي، جيئن جو سهڻو سڄڻ سڄهي به پيو(ته ڪٿي آهي) پر ملي به نه ٿو.

پورب ويا پيهي، تان مون گهڻو نهاريا،
سُڌِ نه مڪي سڄڻين، جيهي جي تيهي،
هئا پرڏيهي ، وڃائي واٽ تيا .

پورب ديس ۾ داخل ٿي ويا، ان کان پوءِ، مون انهن آديسين کي، هتي ڳولڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. انهن سهڻن سامين، ڪا به خبر چار ڪو نه موڪلي، جهڙي تهڙي (هلڪي ڦلڪي) به نه. اهي اصلئون پرڏيهي مسافر هئا، سگيون وڃائي،واٽ وٺي ويندا رهيا.



www.sindhsalamat.com

جوءِ جيڏاهين جوڳيين، ان منهن اڪڙيون ،
سڳا، سيليون، سڱيون، تن سين تنبڙيون،
مون کي جني ماريو، ان تي اڱڙيون،
ان جيون عبداللطيف چئي،مرڪن ماڳ مڙهيون،
ڪوڙي لڪڙيون ، چُندا ڪِين چيلن ويا .

اها پيٽيءَ،جتي جوڳي اڪثر هوندا هئا، منهنجو منهن ۾ اڪڙيون هاڻ سدائين ان طرف هونديون آهن. ڪُتل ڏاڳا، ڪپڙي جون گوڙيون، وڄائڻ واريون سڱيون ۽ انهن وٽ سُڪل ڪدوءَ جون تنبيون بہ هونديون هيون. مون کي جن فقيرن جي گٽن ماري وڌو آهي، انهن جي انگ تي قاتل اڱڙيون ويڙهيل هونديون هيون. سهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ ، ”انهن فقيرن جون مڙهيون ۾ رهڻ واريون جايون، ڏاڍيون سهڻيون ۽ صاف سٿريون ٿيون لڳن. ڪاٺڙيون زمين تي ڪوڙي، پنهنجي چيلن کي، ڪِين ڪُجهہ چوندا ويا“.(نيڪ نصيحت ڪندا ويا).

نڪِين نمن ناٿ کي ، ناٿ نہ نمائين ،
جاتڙا ڪن نہ جوڳ کي، جوڳ نہ جُهارين ،
آديسي آٽين ، اُهجاٽيون اِلماس جيون.

(اعليٰ ۽ افضل جوڳي) نڪي ناٿ کي نوڙت وارو سلام ڪن، نڪي ناٿ وٽ ٿا پاڻ کي نمائين. نڪي جوڳ جي ڪن ٿا نوڙت واريءَ پيروي، نڪي جوڳ واري مول ۾ متي جي مجتا ۾ واکاڻ ڪن. هيري جهڙي سچي حقيقت جا پار پتا ۾ نشانيون. فقط اصلي ۽ سچا آديسي ئي آٽين ٿا.

لنگهہ لاهوتان ڪاپڙي! دونهين ڪيم دکاءِ،
اوري ڪر مَ آسرو، پري پير مَ پاءِ ،
جنهن جي جاءِ نہ ماءِ، وانءُ تهين سين واڳيو.

اي ڪچا ڪاپڙي! تون لاهوت واريءَ منزل کان اجان اڳتي وڌ، دُونهينءُ دُکائي، واٽ تي ويهي نہ رهہ.



اورتي آسرو ڪري نہ ويهہ، سُلوڪ واريءَ واٽ تان پاهر قدم نہ رک. جن جو ٿانءِ نہ ڪوئي ٿاڪ هجي، تون انهن سان واڳيو ويندو رهہ.

جوڳي ٿين نہ يار ، ڪنهين ساڻ قريب ٿي،
مون ملاقي جن سين، تن پورب جي پچار،
انئي پهر ان جي، آهي نانيءَ ڏانهن نهار،
لائي ويا لطيف چئي، اندر منجهہ اپار ،
سامين ساڻ ستار، لاهوتي لال ٿيا .

جوڳي هرو پرو حجت ڪري، ڪنهن جا بہ سنگتي يا ساٿي ڪونہ ٿا ٿين. مون زندگيءَ ۾، جنهن جنهن سان بہ ملاقات ڪئي آهي، تن کي رڳو پورب جي پچار ۾ گولا هئي. انهن جي انئي پهر(راتو ڏينهن) هنگلاج ماتا (نانيءَ) ڏانهن نظر ۾ نگاهہ هئي. سهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ ” اُهي ( جوڳي) منهنجي من اندر ۾ ، ڪا وڏي لنوَ لڳائي هليا ويا آهن“. عيب ڍڪيندڙ سباجهو سائين، انهن سامين ساڻ جو آهي، تنهن ڪري اهي لاهوتي لالئون لال ٿيل آهن.

دل ڌوتائين دک سين، ڏاڳا هڏ نہ ڌوءِ!
لاهوتي لطيف چئي، روحان اندر روءِ،
ڪو نہ ڏٺوسون ڪوءِ، سناسي ۾ سُور ري.

دل، دردن سان ڌوئي صاف ڪري ڇڏيائين، جوڳي مٿان مٿان ڪپڙن ڌوئڻ جي تڪليف ڪري ئي ڪو نہ ٿو. سهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ “ جيڪو سچو پچو لاهوتي هوندو آهي، اهو روح جي اندران روئيندو رهندو آهي”. اسان اهڙو ڪوئي آديسي ڪو نہ ڏٺو، جيڪو هجي سناسي ۾ سُور نہ هجيس.(سُور کان سواءِ سناسي ڪهڙو؟)

رسالي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ، سُر”پُورب“. جڻ سُر”رامڪلي“ جو ساٿي سُر آهي، جنهن مان لاطمع لاهوتين ۽ ويچاروان ويراڳين جي عادتن ۾





www.sindhsalamat.com

اُهجاڻن جو پتو پوي ٿو. "ڪمر بستا ڪاپڙي، چلڻ جيون ٽا چُونِ، سِگَيون سناسين جيون، وڃيو پورب پُونِ".. هن سُر متعلَق اضافي معلومات، اُن جي متن جي مطالعي مان ئي معلوم ڪري سگهجي ٿي. هي شاهه جي رسالي جو هڪ اهڙو سُر آهي، جنهن مان هاهوتي، هرڪيسي ۽ هنگلاجي جوڳين جا پچايل جوڳ، پڻ پسڻ ۾ اچن ٿا.



## 25. سُر "رامڪلي" جو فلسفو

"رامڪلي" هندي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، فقيرن جون ڳالهيون" يا "رمتا جوڳي". هي شاهه جي رسالي جو وڏي سُلوڪ وارو سُر آهي، جنهن ڪي صحيح طور سمجهڻ جي لاءِ، صوفيانه سوچ ۽ فڪر جي ضرورت پوي ٿي. هن سُر جا ڪي ڪي بيت اُلٽي معنيٰ وارا به آهن،جن تي ڄاڻ کان سواءِ، تبصرو ۽ بحث ڪرڻ اجائي ۽ فضول آهي. مثلاً: هيٺيان به بيت ڏسو:

لُنگ ڪديائون لانگ ، موٽي ڪن نه مسحو،
جا اِسلامان اڳي هئي، سا سُئائون ٻانگ،
نڪا دل دوزخ ڏي ، نڪي بهشت گهُرن،
نڪو ڪم ڪُفار سين ، نڪا مسلماني من،
اُيا ايئن چون ، ته "پرين!ڪِجاهون پانهنجو".

آديسي ۽ پوربي فقيرن جون ٽوليون، هندوستان کان پيدل نڪري، تيرٿ ياترا لاءِ، هنگلاج، ڪابل ۽ ڪشمير ڏانهن وينديون هيون. انهيءَ وچ ۾، ڏک، بک، بيماريون، لُڪون، جهولا، سخت سيءُ، درياءُ جهاڳڻ، جبل، پهاڙ ۽ بيابان لتاڙڻ، پيرين پراٽا ڪيترا، انگ تي ڦاٽل اڳڙيون، پوٽڙين ۾ پاٽي، گام مان گدائون ڪرڻ ۽ ڪشٽ ڪاٽڻ کان پوءِ، وڃي پنهنجي رب کي ريجهائيندا هئا. اهڙن آديسي ۽ رامڪلي فقيرن کي، ٻه سَو کان به وڌيڪ صفتي نالن ۽ لقبن سان ياد ڪيو ويندو آهي، جن مان ڪجهه صفتي نالا ۽ لقب هيٺينءَ ريت آهن: آديسي، آڌوتي، الستي، انادي، باهوتي، بنواسي، بيراڳي، بيڪاري، ٻهروپي، پيوتي، تارڪ، تياڳي، پريمي، پُوربي، جبروتي، جوڳي، خاڪي، دادو پنٿي، ڌرماتمي، رام پنٿي، رامڪلي، راول، رشي، ساڌو، سامي، سنياسي، سُويساها، سينَ پنٿي، شِرڌالو، شِوَپنٿي، فقير، ڪابولي، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪبيرپنٿي، ڪلپتي، ڪن چير، ڪن ڊار،





www.sindhsalamat.com

ڪن قاڙ، ڪن قٿ، ڪن ڪٿ، ڪنوٿيا، ڪُويساها، ڪَيف ڪڪوريا، ڪاهوڙي، گرناري، گُٽوان، گودڙيا، گورک پنٿي، گوگي، گياني، لاطمع، لامڪاني، لاهوتي، لوڪ تياڳي، مدوَآچاري، ملڪوتي، ملوڪ داسي، مواسي، موالي، مهيسي، نابودي، ناٿ پنٿي، ناسُوتي، نانگا، نردوشي، ويچاروان، ويراڳي، هاهوتي، هرڪيسي، هنگلاجي ۽ يوگي وغيره.

شاه جي راڳ ۾، سُر "رامڪلي" وهاڻيءَ رات ڳائجي ٿو. هي سُر "هندوستاني رامڪلي" سان بہ لڳي ٿو. جيڪو پڻ "هندوستاني ديسڪار" سان ملندڙ آهي. هي شاه جي رسالي جو پنجويهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 199 بيت، 9 وايون ۽ 7 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " جوڳيئڙا جهانَ ۾، نُوري ۽ ناري " ۽ آخري وائي " شُڪُر آڻ بجاءِ، آهيين اَهلُ الله سين " آهي.

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

جيڪي مون کي ني، نا تہ نانگا! وانءُ مَ نڪري،
پھ پروڙيم پٽ جا، ڪينر منجهان ڪي،
هاٽي جي هنيئي، آءٌ نہ جِئندي اُن ري.

اي ناسوتي نانگا! يا تہ مون کي پاڻ سان گڏ وٺيو هل، نہ تہ هتان ڪان نڪري، ايئن هليو نہ وڃ. مون جبروتي جوڳين جي هن ٽولي جا، ڪي پھ ۽ وڃڻ وارا ارادا، سندن ساز واريءَ وڄت مان ئي معلوم ڪيا آهن. (اي آديسي!) تو جيڪي هاٽي هاٽي، هن ڪينر تي (وڄائڻ وارا) هٿ هنيا آهن، انهن ڪان سواءِ، منهنجو جيئڻ مشڪل آهي!

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيءُ غلام،
صبر جي شمشير سين، ڪر ڪيني کي قتلام،
تہ نانگا!تنهنجو نام، لکجي لاهوت ۾.

جي پانئين، (مالڪ جي راه ۾) جوڳ پچائيندڙ ۽ تپسيا ڪندڙ ٿيان، تہ سموري لالچ ۽ لوڀ ڇڏي ڏي. جيڪي



نوڪرن جا بہ نوڪر آهن، تون انهن جو بہ وڃي نوڪر ٿيءُ. صبر واريءَ تلوار سان، دشمني، بدخواهي ۽ ڪيني کي مار ۽ ان جو قتلام ڪر. تہ اي نِرآڪاري نانگا! پوءِ تنهنجو نالو، "لاهوت" جي درجي تي پهتل فقيرن سان لکجي.(وڏيڪ وڏي منزل وارن سچن سالڪن ۾ ڳڻجي).

پُوري پئي رهہ، اُپٽي اُجهہ مَ ڪاپڙي!
اُلا جي عشق جا، سي تون سهيو سهہ،
پڇ پاڻ کي پھ، هنگلاج هلڻ جو.

اي ڪن ڪٽ ڪابولي ڪاپڙي! اکيون پوري پيو اندر ۾ سوچ، اکيون کولي، ڏسي وائسي مونجهاري ۾ نہ پئو. عشق جا جيڪي اُوچا اُلا آهن، سي پيو هر هر ساه ۽ سرير تي سهہ. (برداشت ڪر). (اي هرڪيسي!) هنگلاج ڏي هلڻ جو پڪو ارادو، پنهنجيءَ دل من ڪان، پل پل پيو پڇندو رهہ.

اندر نہ ساه سُڪائين، ٻهر سُڪايين ٻانهون،
مُنا! مُنئي پاڻ کي، چئين" آديسي آئون"،
او پنڌ پراهون، جتي نظر ناٿ جو.

(اي شهر فقير شِرڏالو!) پنهنجو من، اندر ۾ مارين ڪو نہ ٿو، ظاهر ظهور،ٻاهران ٻاهران ٻانهون سُڪايو پيو ڦرين. اي ڏڪاريل ڏرماتمي! تو پاڻهي پاڻ کي ڏڪاريو آهي، پوءِ بہ سنئون سڌو چوندو وتين تہ"آئون آديسي آهيان". (اي پريم پُڄاري پينو!) اُها منزل اجان دور اٿئي، جنهن ۾ حقيقت کي ڏسڻ پسڻ ۽ تلاش ڪرڻ واري نظر هوندي آهي.

سامي، ڪامي پرينءَ لئي، ڪُسِي ٿيا ڪباب،
اوتين ارتي گاڏئون، منجهان اکين آب،
جهڙو ڏسن ڏوه کي، تهڙو تن ثواب،
سندو جات جواب، تون ڪيئن پڇين تن کي؟

سُڄيت سامي، پنهنجي پرينءَ لاءِ، سڙي، پڄي، ٻري، ڪُسي،ڪباب ٿي ويا آهن. اُهي الله لوڪ آديسي، پنهنجين





www.sindhsalamat.com

اکڙين منجهان، رت گڏيل لڙڪ لاڙيندا تا رهن. انهن لاطمع لاهوتين جي لاءِ، ڏوهه ۽ ثواب کي ڏسڻ، ڳالهه مڙيئي ساڳي آهي. انهن جهاڙائي جوڳين کان، ذات جو جواب پڇڻ (تہ توهان ذات جا ڪير آهيو؟) هرو ڀرو ۽ اجايو آهي.

جن اُجهيو، تن نہ پُجهيو، ويني گڏين وير،
ڏوري ڏنائون ڏک سين، پاڻ منجهيئي پير،
لٿو تن لطيف چئي، جُسي جو جنجير،
ڪين ڏٺو هو ڪاپڙين، ڪابل ۽ ڪشمير،
سچ جني جو سير، تن ڳُر ويني ئي گڏيو.

جيڪي تارڪ جوڳي، هيڏانهن هوڏانهن هليا، (اوجهڙ ۾ ڀٽڪيا) تن کو نہ پروڙيو، ڪن کي هڪڙي جاءِ تي ويني ئي، وڏو رهبر(مهاتم) ملي ويو. پنهنجي من اندر ۾ جهاتي پائي، ڪشالا ڪيي ڏنائون،تہ سندن پير ۽ مرشد (ارشاد ڪرڻ وارو) پنهنجي اندر ۾ ئي موجود هيو. سهڻو شاهه لطيف چوي ٿو تہ " انهن اُديسين تان، جسماني ۽ نفساني خواهشن وارو بنڌڻ (ڪٽڪو) ئي لهي ويو". ڪن ڪٽ ڪاپڙين، هن کان اڳ ۾، پيرين پنڌ ڪري، ڪابل ۽ ڪشمير (ڏوراهون ڏيهه) ڏوري ڪو نہ ڏٺو هو. جن جو ست ۽ سير، صرف حق ۽ سچ هوندو آهي، تن کي هدايت ڏيڻ وارو (رهبر) گهر ويني ئي ملي ويندو آهي.

جوڳيءَ کي جُڳ ٿيا، مٿي سين ميري،
اکيون الک سامهيون، پونءِ ڏي نہ پيري،
ڪکا وار کلهن تي، جراٽيا جيري،
لڙڪ لال لطيف چئي، ڪنبي ۽ ڪيري،
نينهن نہ نبيري، سُور چري ٿئن سنرو.

جبروتي جوڳيءَ کي، ڳِڙشِلي، ريڪڙي، ڳر ۽ مر لڳل، مٿي سان رهندي، زمانن جا زمانا ۽ جُڳن جا جُڳ گذري ويا. پنهنجيون پياريون اکڙيون، جو حقيقي مالڪ ڏانهن(مٿي) کنيائين، تہ وري واپس هيٺ زمين ڏانهن نہ



واريائين. هُن ڪلپتي ڪن چير جي ڪلهن تي، رکيل ڪارا وار، سچ جي سيڪ سببان، ڦٽي، ڪڪڙا ۽ پُورڙا ٿي ويا. سهڻو شاهه لطيف چوي ٿو تہ " اکڙين مان رت جا ڳاڙها لال ڳوڙها، (خدا جي خوف وچان) ڪنبندي ڪيرائيندو رهيو. ( پوءِ بہ پنهنجي) نينهن ۽ عشق ۾ ڳهاري نہ وڌائين، جيئن جيئن سُور سهندو وجي، تيئن تيئن وڌيڪ سَرهو ٿيندو وجي.

هي شاهه جي رسالي جو هڪ اهڙو سُر آهي، جنهن مان راول ۽ رامڪلي فقيرن جو، وحدانيت وارو ويراڳ ۽ ماحول، موجون ماريندو ۽ چوليون ڇُلائيندو نظر اچي ٿو. "ڪشي ڪاچوٽي، نانگن بڌي نينهن جي، جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي". يا هي بيت پڙهو: " ڪيهي ڪام ڪاپڙي! ايهي روش رون، نڪا دل دوزخ ڏي، نڪين بهشت ڳهُرن". هن سُر ۾، اُلٽي معنيٰ وارا بيت بہ شامل آهن، جن جي پڙهڻ کان پوءِ، پنهنجي مرضي موجب معنيٰ ڪڍڻ کان اڳ، تصوف ۽ سُلوڪ جو صاحب هجڻ نهايت ضروري آهي، ورنہ هوا ۾ لنيون هٽڻ کان سواءِ، ٻيو ڪجهہ بہ هٿ حاصل نہ ٿيندو. هن سُر جي سمجهاڻي، پٺائي رحہ جي هينيين بيت سان اختتام پذير ڪجي ٿي تہ، "گندي ۽ گِراهہ جن سناسين سانديو، اُني کان الله، اجان اڳاهون ٿيو".



www.sindhsalamat.com

## 26. سُر "آسا" جو فلسفو

"آسا" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "آس" ، "اُميد" ، "تمنا" ، " آسرو" ، " آرزو" ، "مراد" ، " خواهش، ، " غرض" يا "حاجت" وغيره. هي شاهه جي رسالي جو حقيقت تي آڌاريل، وڏي گهرائيءَ وارو سُر آهي، جنهن ۾ مجاز جي تمثيلن سان، حقيقت بابت ڳُوڙها معنوي اشارا ڪم آندل آهن.

ڪا جا پر پرين، نه سا سُئي نه ٻُڌي،
متيون سڀ منجهن، اهڙي ڏني قضيي.

صوفياني سُلوڪ ۾ فڪر ۾، ڪي اهڙا اشارا ۽ اهڃاڻ ڪم آندا ويندا آهن، جن جِي لفظي ۽ ظاهري معنيٰ هڪڙي هوندي آهي ۽ حقيقي يا معنوي معنيٰ ٻِي هوندي آهي. شاهه جي رسالي ۾، اهڙا ڪيترائي بيت ملن ٿا، جن جي پڙهڻ سان، سوچ جي سمونڊ ۾ ٽٻيءَ هڻي، معنيٰ جا موتي ڳولڻا پون ٿا.

سڄڻ سنيون ڪن ، لوڪان ليڪي ونگيون،
سندي سُپيرين ، پر پروڙڻ ڏاڪڙو.

اهڙيءَ طرح سُر "آسا" ۾ ، شاهه صاحب، محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ، انڌي، ٻوڙي، گونگي، منڊي، ٽُنڊي، ٺُونٺي ۽ ڪُونڪي ٿيڻ جي صلاح ڏني آهي.

هڪل حقيقت جي ، ٻوڙو ٿي ٻُڌيج،
انڌو ٿي پسيج ، مشاهدو محبوب جو.

جڏهن اکڙين ۾، سُفيديءَ جو سُرمو پائيندين، ته عالم جي اجائي پسندين. ريٽي جهڙي رونق ڏسندين ۽ لالڻ جي لالائيءَ لهندين.

منهن محراب پرينءَ جو ، جامع سڀ جهان،
سيوئي سُبحان، ڪيڏانهن ڪري نيتيان؟

"آسا راڳڻي" ڪنهن زماني ڪان وني، سنڌ ۾ هلندڙ آهي. شاهه جي راڳ ۾، راڳ توڙي موضوع جي لحاظ سان، سُر "آسا" جيئن ڳائجي ٿو، ته اُهو هندوستاني راڳ جي"شُد آسا" معلوم ٿئي ٿو. هي شاهه جي رسالي جو چويهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 162 بيت، 9 وايون ۽ 7 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " لُڃان ٿي لاحد ۾ ، هادي! لهان نه حد " ۽ آخري وائي " موت مند نه آهي، تائب ٿيو تڪڙا " آهي.

### بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون

حقيقت هن حال جي، ظاهر ڪريان ذري،
لڳي ماٺ مِرُن ڪي، ڏونگر پون ڏري ،
وڃن وڻ ٻري، اويڙ اُپري ڪو نه ڪو!

آئون جنهن حال واريءَ ڪيفيت ۾ آهيان، (منهنجو جيڪو حال آهي) جي اُن حقيقت جي، ذري ڪان ذرِي ٻه ظاهر ڪري وجهان. ته جيڪي جهنگل جا وحشي جانور آهن، اُهي ( حيرت ۾) چُپ ٿي وڃن ۽ جبل ۽ پهاڙ ٻه ڦاٽي اڌو اڌ ٿي پون. وڻن جا ٻيلا ۽ جهنگل ٻه ٻري، خاڪ ۽ ڪيرِي ٿي وڃن ۽ اُهو سڀ، جيڪو زمين مان ڦُٽي نڪري ٿو، سو جيڪر پيدا ئي نه ٿئي!

مُئي هاٿيءَ سين مامرو، اچي پيو انڌن،
مناڙين هٿن سين، اڪيين ڪين پسن،
في الحقيقت فيل ڪي، سچا سُڃاڻن،
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

انڌن ( دل جي اکين ڪان نابين) ماڻهن جو، هڪڙي مُئل هاٿيءَ سان معاملو اچي اٽڪيو آهي. اُهي انڌا، رڳو مٿان مٿان ڪان هٿ ڦيرائي، زور ڏيئي، پيا پنهنجا خيال ڊوڙائين، اندر جي اکين سان ته ڏسي ڪو نه پيا سگهن. حقيقت ۾، (حقي طور تي) هاٿيءَ کي ته اکين وارا، سچا سالم انسان ئي سُڃاڻي سگهن ٿا. (روحاني طور) جيڪي اعليٰ مرتبي ۽ وڏيءَ نگاهه رکڻ وارا اڳواڻ ۽ سچا سالڪ آهن، انهن جي نظر ئي، صحي پرکا ۽ پروڙ ڪري سگهي ٿي.


www.sindhsalamat.com

ڪِين جو ڪنهين پار! اکيون پسي آئيون،
ٿيون ديوانيون دل ۾، اَپَر لَڳين آر،
تهان پوءِ قرار، سُتيون ڪين سيد چئي.

هي اکڙيون، ڪنهن انوکي پاسي کان، اچ سُهڻيءَ صورت پسي آئيون آهن. هاڻي پنهنجي من ۾ مست مگن ٿيو پيون ڦرن، ڪا وڏي محبت، سِڪ ۽ قرب جي ڪشش لڳي ويئي اٿن. سهڻو سيد چوي ٿو تہ " اُن کان پوءِ، اُهي (اکڙيون) ڪڏهن بہ آرام ۽ قرار ڪري ، سکون سان ڪو نہ ستيون آهن.

قير مَ تون اُبت، ڪڻ سُبتيون سُپرين!
مون کي موهي جن سين، ماري ڳِيَڙِئِي مت،
ايءَ پرين! تنهنجي پت، هاڻِ جڏو جيئي نہ مري.

اي منهنجا سهڻل سپرين! مون ڏي سُبتيون ۽ سُهڻيون اکڙيون ڪٽي، انهن سان نهار، اُبتيون ڪٽي ڪاوڙ نہ ڪر. مون کي انهن اکڙين سان موهي، مورڳو ماري! تو تہ منهنجيءَ مت بہ ڪسي ورتي آهي. اي منهنجا محبوب پرينءَ! اها بہ تنهنجي وڏائي ۽ شان واريءَ ڳالهہ آهي، جو هيءُ بيمار جڏو، (تنهنجي برهہ ۾) هاڻِ نڪي تو جيئي ۽ نڪي تو مري.

نيٽين نظر نينهن جو، جتي جوڙجن،
ساهہ اني تان صدقو، اندر سين عضون،
لاهي سِر لطيف چئي، انگ پڻ آڇجن،
قلب قرباني ڪريان، متان دل دوسن،
هنيين ۽ اکين، پاهہ هيڪاندي پرينءَ لئي.

نيڻن جي نظر، نينهن واريءَ هوندي آهي، پوءِ جتي بہ ڪٽي اُهي نيڻ اٽڪائجن. اندر جي عضون (دل، دماغ ۽ جگر) سميت، ساهہ انهن سهڻن سڄڻن تان، صدقي ڪري ڇڏبو آهي. سهڻو شاهہ لطيف چوي ٿو تہ" پنهنجو سر لاهي، ٽِريءَ تي رکي، باقي انگ ۽ عضوا بہ انهن(پرين) کي وجي آڇجن، (پيش ڪجن)". آئون بہ پنهنجيءَ دل، من ۽ قلب، منڙن



محبوبن جي متان، قربان ڪري ڇڏيان. منهنجي هنيين ۽ اکڙين کي، ڏاڍي گهڻي سِڪ، محبت ۽ رغبت آهي، سهڻن سڄڻن جي لئي.

تحقيق جي تون پري، متي رءَ ڪٽيج،
ٻانهنئان ٻهر تي، ڪُشتي ڪمائيج،
سنڌن رءَ ساري، جنگهن رءَ جُليج،
جا حاج هٿن رءَ نہ ٿئي، سا ٺُنڊوتي ڪريج،
هڪل حقيقت جي، ٻوڙو تي ٻُڌيج،
انڌو تي پسيج، مُشاهدو محبوب جو.

تحقيق (تصوف جي عمل) واري ڳُوڙهيءَ ڳنڍڙي، ظاهري متي تي نہ، پر متي کان سواءِ، روحاني طرح ڪٽ. ظاهري ٻانهن وارو زور ڇڏي، (عشق جي) قربدار ڪُشتيءَ واري راند ڪيڏندو ۽ کٽيندو هل. سنڌن جي سار ڇڏي، ظاهري جنگهن کان سواءِ جُلندو جُل، (وڪون کڻ). اُهو ڪم ڪار، جيڪو ظاهري هٿن سان هرگز پورو نٿو تي سگهي، اُهو ظاهري ٻانهن ۽ ٺنگن کان ٺُنڊو منڊو تي بہ پورو ڪر. حقيقت وارو سهڻو سڏ، ٻيائيءَ ٻُڌڻ وارا ڪن بند ڪري، (ٻوڙو تي) دل جي ڪنن سان ٻُڌ. منڙي محبوب جو مشاهدو ۽ ديدار اهڙيءَ ريت ڪر، جو توکي (اُن کان سواءِ) ٻِي ڪا بہ شئي نظر ئي نہ اچي.

اَوڳُڻ رُسي سيڪو، ڳُڻين پرين رُنام،
ليڪيم جي لسان سين، سي ڪر ڪين ڪيام،
پاڻ وڃائي پانهنجا، تورا توڪ هنيام،
بندگي،اَفگندگي،شرمندگي، اِها ميڙ مُڪام،
پرين تب پرتام، "آئون" جب اُٺ گئي.

اَوڳُڻ ڪندي تہ سيڪو رُسيو وڃي ٿو، پر ڳُڻن ڪندي، مون کان منهنجا محبوب پرينءَ رُسي ويا. مون جيڪي، پنهنجيءَ زبان سان واعدا ۽ قول اقرار ڪيا هئا، سي شايد مون کان پورا ڪو نہ ٿيا!؟ ڪي تورڙا ۽ قليل ڪيل



www.sindhsalamat.com

(چڱائيءَ وارا) ڪم، شايد مون پنهنجا پاڻ وڃائي ڇڏيا! ”(اي منهنجا سهڻا سڄڻ!) آئون ٻانهپ وارو، آئون خرابيءَ سان پريل ۽ آئون شرمسار آهيان“، اها منٿ ۽ ميڙ، مون مٺي محبوب ڏي چوائي موڪلي. پر منهنجا محبوب پرينءَ، مون سان تڏهن وڃي پرچيا، جڏهن منهنجي من اندر مان ”آئون“ ، ”انا“ ۽ ”تڪبر“ تڙجي نڪري ويئي.

شاهه جي رسالي ۾، سُر”آسا“ کي، معنوي ماحول موجب، مرڪزي حيثيت حاصل آهي. هن سُر جا بيت ظاهر ۾ جنهن مجازي محبت جو ماحول ميسر ڪن ٿا، حقيقت ۾ وري اُهو ماحول ۽ مانداڻ معنوي نُقطي ۾ سمائجي وڃي ٿو. ديدار جو طالب، پنهنجي مطلوب ۽ محبوب کي، پنبڙين ۽ اکڙين جي ڪاراڻ کان بہ قريب گهري ٿو. هن سُر ۾، ڪيترائي بيت، اُلٽي معنيٰ وارا بہ ملن ٿا، جن کي سالڪ، سُلوڪ جي نقطي کان سواءِ سمجهي نہ سگهندو. ”مورک مام نہ ٻُجهڻا، آنڪا جها اک“ يا ”اک اُلٽي ڏار، واڻءُ اُلٽو عام سين، لهوارو لوڪ وهي، تون اُوچو وهہ اوپار“. شاهه جي سُر”ڪلياڻ“ کان پوءِ، سُر ”آسا“ ۾ پڻ وحدانيت جا ورق ورايل آهن. جن کي سمجهڻ لاءِ، اسان کي اُهي اکڙيون ڏارڻيون پونديون، جن لاءِ شاهه صاحب پاڻ فرمائي ٿو ” اکيون سيئي ڏار، جن سان پسين پرينءَ کي، ٻئي ڏونهن ڪيم نهار، گهڻو ريسارا سپرين“. سُر ”آسا“ جنهن اونهي اوڙاهه عميق ۾ ٽٻيون هڻائي ٿو، شال اسان ان مان، ڪي معنيٰ جا ماڻڪ ۽ موتي ميڙي سگهون!



## 27. سُر”مارئي“جو فلسفو

”مارئي“سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، ”مارُوجي“ ، ”مال چارڻ واري“ يا ”سِيل ۽ سَت واري“وغيره. هي شاهه جي رسالي جو، حقيقي ۽ وڏو معنوي سُر آهي، جنهن ۾ وطن جي حب ۽ ساٿيهہ جي سچي سڪ وارو سُهڻو جذبو سمايل آهي. شاهه صاحب هن سُر ۾، مارئي جي تمثيل ڏيئي، روح جو قالب جي قيد ۾ داخل ٿيڻ وارو داستان چٽيو آهي. عمر مارئي جو ظاهري ۽ تاريخي قصو هينئين ريت آهي:

ٿر جي علائقي”پالوا“ ۾، رباري ذات جا ماڻهو رهندا هئا. انهن مال چاريندڙ پنهوارن ۾، هڪ انتهائيءَ خوبصورت، سَت ۽ سِيل واري ڇوڪري، ”مارئي“ نالي سان رهندي هئي. جنهن جي پيءُ جو نالو ”پالڻو“ ۽ ماءُ جو نالو ”ماڏوئي“ هو. ڇوڪري وڏي ٿي تہ سندس مڱڻو ”کيت“ نالي برادريءَ جي هڪ نوجوان سان ڪيو ويو. ان ڳوٺ ۾، ”ڦوڳ“ نالي هڪ حاسد ماڻهو رهندو هو، جنهن وڃي عمرڪوٽ جي حاڪم عمر سُومري کي هُشي ڏني تہ ٿر ۾ رهندڙ هڪ پنهوار ڇوڪري، اوهان جي ڪوٽ جي سُونهن راڻي بنائڻ جي لائق آهي. اهڙي ريت، ڦوڳ،عمر سومري کي،پالوا جي پر ۾، هڪ کوهہ تي وٺي آيو، جتان پاڻيءَ ڀريندي، مارئي کي، اٺ تي زوريءَ کڻي ويا ۽ اچي عمرڪوٽ ۾ قيد ڪيائون. عمر بادشاهہ ڪيس پنهنجي پَٽ راڻيءَ بنائڻ لاءِ، ڪيترائي حيلا هلايا، پر مارئي انڪار ڪيو ۽ اباڻن جي ڏنل لوئيءَ نہ لاٿائين ۽ نڪي لڄايائين.

جنهن سَتيءَ سَت نہ ڇڏيو، سا مارئي مر جائي !
انهيءَ اچي عمرڪوٽ ۾، لڄ نہ لڄائي.

عمر بادشاهہ بہ وڏي عدل، انصاف ۽صبر وارو انسان هيو، جنهن مارئي جي سَت ۽ سِيل کي، داغ نہ لڳايو. ڪيس



www.sindhsalamat.com

امانت باسلامت ڪري، خوشيءَ مان ملير موڪل ڏنائين.

“مارئي راڳ” شاھ صاحب کان گھڻو اڳ، سنڌ ۾ هلندڙ هو، پر شاھ جي راڳ ۾، جيئن “سُرمارئي” ڳائجي ٿو،اهو پيروي ناهي. محسوس ٿئي ٿو تہ “راڳ مارئي” هندوستاني راڳ “ مانڊ” سان ملندڙ اهي. هي شاھ جي رسالي جو ستاويهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾، 241 بيت، 13 وايون ۽ 11 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت “ اول نام الله، جو مڙنيون مٿاهون” ۽ آخري وائي “ ڪتيءَ منجھ ڪتيائين، مارو ڄام ملير جو” آهي.

**بيت ۽ انهن جون سمجھاڻيون**

وطن مون ملير، قضا آنديس ڪوٽ ۾،
چانڪِ پيئنديس پرينءَ سين، پائر جو پنير،
هاجا ڪيو حمير، بالله ني تو بند ۾.

منهنجو اصلي ملڪ تہ ملير آهي، پر قضا ۽ تقدير جي لکيي موجب، آئون هن ڪاري ڪوٽ ۾ قيد ٿي آئي آهيان. مون ڀانئيو تہ آئون پنهنجي پياري پرينءَ سان، پاڻُر ملڪ جو پاڪ پنير وڃي پيئندي. الله جو قسم! تہ همير سومرو، مون کي قيد و بند ۾ وجهي، وڏا هاجا ۽ ظلم تو ڪري.

نڪا “ڪُن فيڪون” هئي، نڪا مُورت ماھ،
نڪا سُڌ ثواب جي، نڪو غرض گناھ،
هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واھ!
لکيائين لطيف چئي، اُتِ ڳُجهاندر ڳاھ،
اکين ۽ ارواح، سائي ساڃاءِ سومرا!

(قرآن الڪريم جي آيت جا الفاظ) “ٿيءُ! پوءِ ٿي پوي ٿو” ، اجان ايئن چيو ڪو نہ ويو هو ۽ نڪو چٽي چنڊ جو جسم(وجود ۾) هو. نڪو ثواب جي ڪنهن کي سُڌ ۽ خبر هئي، نڪو گناھ جو ڪارڻ ۽ سبب ڪنهن کي معلوم هو. فقط الله پاڪ جي هيڪڙائي ۽ وحدانيت واري خاص خوبصورتي موجود هئي. سهڻو شاھ لطيف چوي ٿو تہ “اُن



وقت ڳُجھ ڳُجهاندر ڳالهڙيءَ وارو راز، الله پاڪ پاڻ لَوح محفوظ ۾ لکي ڇڏيو هو”. اي سومرا سردار! منهنجين اکين ۽ ارواح کي، منڻن ماروئڙن سان، سڪ ۽ ساڃاھ، اُن وقت کان وني، اجان تائين ساڳي آهي.

اُتان اوني آئيو، خبر اِيءَ ڪري،
“وسارج مَ ور کي، پئج منڌا! مري،
ويندينءَ اُت وري، ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾.

اُتان (مليران) هڪ اوني قاصد آئيو آهي، (ڀانڊي پيار پريو پيغام اچي پهچايو آهي) تہ اي ماندي مارئي! هي خبر صفا صاف، سهڻي ۽ سچي اٿئي! (جنهن اچي چيو آهي تہ) “ اي عورت ذات! پنهنجي حقيقي ور کي هرگز وساري نہ ويهہ! تون صفا مئلن مثل ٿي پئو! اِجهو واپس ورڻ واريءَ آهين! ڪو هڪ اڌ ڏينهن آهين هن قهريءَ ڪوٽ ۾”.

جو ڏيهہ ڏاڏاڻيان آئيو، ڏنم تنهن طعنو،
“سرتين سيل چوائيو، جور هٽي جانو،
پائي ويهہ مَ پلنگين، ڳچيءَ سر ڳانو،
متان لڪ‌لطيف چئي، ڪانءِ مَ خزانو”،
تيو سڏ سمانو، حرف لٽي هيڪڙي.

جيڪو (ڀانڊي قاصد) منهنجي ڏاڏاڻي ڏيهہ مان آيو آهي، تنهن (اچڻ شرط) مون کي مهڻو ۽ طعنو اچي ڏنو آهي. (چوي ٿو تہ) “تنهنجين سهڻين سرتين، تَوبهہ! تَوبهہ! ڪري، نڪ تي زور سان آڱر گسائي، ست‌سيل شرم ۽ ڀرم رکڻ جو، سختيءَ سان تاڪيد چوائي موڪليو آهي. (تون ڀراون سان پرچي) ڳچيءَ ۾ پٽ جا ڳاڙها ڳانا پائي، پلنگن ۽ پتراڻين تي چڙهي نہ ويهہ!” سهڻو شاھ لطيف چوي ٿو تہ، “اڳيان ڏاڍو ڏکيو ۽ آزمائش وارو وقت اچڻو آهي، تون پنهنجي سچي سونهن، ست، سير ۽ پاڪائيءَ وارو خزانو ايئن نہ جلاءِ. سَوَلو، خير ۽ مان مرتبي وارو سڏ اجهو تيڻ وارو آهي! اهو هڪڙو حرف ( تہ تو عمر بادشاھ جا خزانا


www.sindhsalamat.com

قبول ڪيا) پاڻ تي اڃڻ نہ ڏي“.

ماروئڙي روئي ، ٿر نياپا چائيا،
”آن جو ڳُتو جيڏيون! مِينديو ور سوئي،
لاٿم نہ ڌوئي، ساڻ سرچي سُومري.

مليرجي ماروئڙي، زاروقطار روئي، (پنھنجين پيارين سرتين کي) ٿر ڏانھن نينھن نياپا چوائي موڪليا آھن. تہ ” اي جيڏيون! اوھان جيڪو منھنجو مينديو ڳنڌيو ھو، اُن کي ور ۽ وڪڙ، اڃان تائين اُھو ئي پيل آھي. نڪو سومري سردار سان سرچي آھيان، نڪو مون وارن کي ڌوئي، اُنھن مان مَر لاٿي آھي.

ور! سي وطن ڇائيون، صحرا ستر جن،
گولاڙا ۽ ڳگريون ، اوچڻ اباڻن،
ويڙھيا ڳھُمن ولين، جھانگي منجھ جھنگن،
مون کي ماروئڙن، سڄ ڳٽائي سيج ۾ .

بيشڪ! پليون آھن منھنجيون ملير ڇائيون، جن جو پرم، ڍڪ، ستر، پردو ۽ پناھہ ٿر جو سُڪيو ستابو صحرا آھي. گولاڙن جون ولڙيون ۽ ڳگرين جون قطارون، اباڻن جو ڄڻ اوچڻ (ڪڄڻ جو ڪپڙو) آھن. جھنگل جا جھانگيئڙا، اُنھن گھاٽين جھُڳٽين (ولڙين) ۾، ڄڻ پردي ۽ پناھ سان ٿا ڳھُمن ڦِرن. مون کي منھنجن منڙن ماروئڙن، اُھا ٿر واري سُھڻي سُڄ، سيج ۽ ڏيج ۾ ڏيئي ڇڏي آھي.

ڪٿيءَ منجھ خلاف، رھيو نہ رتيءَ جيترو،
لٿو لوئڙياريين، گُوندر جو غلاف،
ميرا لاٿا ماروئين، سپ اوڏيائون صاف،
ملير مڙوئي معاف، عُمر انعامي ڪيو.

(مارئي جي مٿي تي پاٽل پوتيءَ ۽) ڪٿيءَ جي پاڪائيءَ ۾، ٻيو ڪو بہ شڪ ۽ گمان، رتيءَ برابر بہ ڪو نہ رھيو آھي. ڳوٺن ۾ رھندڙ ڳوناٽن تان، (مارئي جي ماڙيءَ وڃڻ واري) ڏوراپي جو ڏک ۽ پاڇولو ھٽي ويو آھي.



ماروئڙن مايوسيءَ ۽ ڏک ۾ پاٽل ميرا ڪپڙا لاٿا، ھاڻي سڀ اڃا، اُجرا، پاڪ ۽ صاف ڪٽي اوڍيا اٿن. منڙو ملڪ ملير، مڙوئي معاف ۽ بخشش ڪري، عُمر بادشاھ اُنھن کي، انعام اڪرام ۾ عطا ڪري ڇڏيو آھي.

مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ، ڪيترن ئي وڏن شاعرن ۽ عالمن، سُر”مارئي“ جي تمثيل سان، روح ڪي انساني جامي ۾ داخل ٿيڻ ۽ ان مان وري واپس نڪرڻ واري عمل کي اجاگر ڪيو آھي. ”الست بربڪم، جڏھن ڪن پيوم، قالوا بليٰ قلب سين، تڏھن تت چيوم“. يا وري ھي بيت ڪٽي ڏسجي: ” نڪا ڪن فيڪون ھئي، نڪو لگ لحم، بنيو ھو نہ بت ۾، اڃان ڪو آدم، مون ماروءَ سين سڱ، سو ئي آھي سومرا!“ حضرت سيد شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ڪلام ۾، سُر”مارئي“ کي مرڪزي حيثيت حاصل آھي، ھن سُر جي مطالعي ۽ مذڪور مان، اسان کي نہ فقط سنڌ جي لوڪ داستان”عمر مارئي“ جي ظاھري قصي جي پروڙ پوي ٿي، پر ھن سُر جي مطالعي مان، تصوف جي باريڪ نقطن ۾ عالمِ ارواح جي ابتدا واري ماحول ۽ مانداڻ جو منظر پڻ معلوم ٿئي ٿو.



www.sindhsalamat.com

## 28. سُر "سهڻي" جو فلسفو

"سهڻي" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "خوبصورت" ، "سُندر" ، "ناهوڪي" ، "دلپسند" ، "وڻندڙ" ۽ دلفريب" وغيره. هي شاهه جي رسالي جو معنوي ۽ حقيقي سُر آهي، جنهن ۾ شاهه صاحب، سهڻي ۽ ميهار جي قصي (لوڪ داستان) کي، انوکي عشق جي آميزش سان، "احديت" واري مقام تي پهچايو آهي.

ڳالهه تا ڪن تہ، ڪنهن زماني ۾، سنڌو درياءَ جو هڪ وهڪرو(ڇاڙ) سانگهڙ شهدادپور وٽان وهندو هو. جنهن کي "لوهاٽو درياءَ" ڪري سڏبو هو. ٻڌائي صاحب فرمائي ٿو " آٽيو وجهي آر ۾، ڏي لوهاٽو لُوهيون". هي قصو اُن درياءَ جي ڪنڌيءَ تي آباد هڪ شهر سان منسوب آهي، جتي "جرڪت" نالي هڪ شخص رهندو هو، جيڪو ذات جو "سامٽيو" هو. اُن جي گهر هڪ خوبصورت نياڻي جائي، جنهن جو نالو سونهن سببان "سهڻي" رکيائون. گهڻا ماڻهو سهڻي کي، ذات جي ڪنيار بہ چون ٿا، يا ڏنڌي جي نسبت سان، (مٽيءَ جي ٿانون ٺاهڻ جي ڪري) ڪيس ڪنيار سڏيو ويو.

هن سُر ۾، شاهه صاحب سهڻي کي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ "اي سهڻي! جي سچي ساهڙ سان وصال چاهين ٿي تہ، هيڪڙائيءَ هٿ ڪر، ٻيا وسيلا سڀ وسار، صرف سڪ ۽ اڪير جي ترهي تي تري وڃ. "پاڻ مَ ڪڇ پاڻ سين، وسيلا وسار، پيلو پيري پيچ، اُڪنڊ ڪڻ عميق ڏي، لاتقنطوا من الرحمت الله، ترهي ان تريج، ندي تن نيڙ ٿئي، جي ترهي رءَ ترن، سڪ رساڻي سهڻي! اصل عاشقن". شاهه صاحب، سهڻي ميهار جي قصي جي تمثيل سان، "وحدت الوجود" واري فلسفي جي عاليشان اُپٽار هن ريت ڪئي آهي:

سو ساهڙ، سو سهڻي، سائر پڻ سوئي ،
آهي نجوئي، ڳُجهہ ڳُجهاندر ڳالهڙي .



شاهه جو سُر "سهڻي"، هندوستاني راڳ، "تلڪ ڪامود" سان وڏيڪ مشابهہ آهي. سنڌ ۾ "سهڻي راڳ" جنهن ۾ ڪافيون ڳايون وڃن ٿيون، سو "پيروي" ۽ "جهنگلي" سان ملندڙ آهي. هي شاهه جي رسالي جو اناويهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 208 بيت، 14 وايون ۽ 12 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " وه تڪ، واهڙ تڪ، نينهن تڪ نرالي " ۽ آخري وائي" ڪهڙي منجهہ حساب؟ هئڻ منهنجو هوت ري" آهي.

### بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون

جيڏيون! ڏنيان جي، صورت ساهڙ جام جي،
سُک تي سُتيون ڪينَ ڪِي، ڪانڌن پاسي ڪي،
هوند! مونهان ئي اڳي، گهڙو سڀ گهڙا ڪٽي.

اي جيڏيون ڙي! جي اوهين هيڪر ساهڙ جام جي سهڻي صورت ( جلوي جي جهلڪ) ڏسو ها. ( تہ هوند) اوهين بہ پنهنجي ڪانڌن سان، گڏ خوش ٿي، سک سان ڪڏهن ڪو نہ سمهو ها. جيڪر مون ڪان ئي اڳ ۾، سڀيئي سهيليون، دلا ڪٽي، دادلي درياهہ ۾ گهڙي پئو ها.

ڪنڌيءَ اُڀيون ڪيتريون، "ساهڙ!ساهڙ!" ڪن،
ڪَني سانگو ساهہ جو، ڪي "گهوريس!"ڪيوگهڙن،
ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گِهڙن جي.

مون ڪان سواءِ، ٻيون بہ ڪيتريون ئي(سڪ ۽ پيار واريون) درياءَ جي ڪنڌيءَ تي اچيو"ساهڙ!ساهڙ!" ڪن ٿيون. ڪن کي تہ پنهنجي ساهہ جو صرفو ٿئي ٿو ۽ ڪي "آئون صدقي ٿيس!" چئي، گهڙيو ٿيون پون. سهڻو ساهڙ، صرف انهن جو ئي حامي ٿئي ٿو، جيڪيون ٻولائي کُنن ۾ ڪاهي پون ٿيون.

گِهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانهون،
ويچاريءَ وڏيون ڪيون، وچ درياهہ دانهون،
"موٽ محب! پاهون، تاڪن تڪي آهيان.





www.sindhsalamat.com

پُورو پڪل گهڙو هٿ ڪري، ٻانهون پاڻيءَ ۾ ٻوڙي، سڪايل سهڻيءَ درياءَ ۾ داخل ٿي ويئي. ويچاريءَ، درياءَ جي وچ سير ۾ اچي ڪري، تمام وڏيون دانهون ۽ ڪوڪون ڪيون. (چيائين) "اي منهنجا محبوب ميهار! تون منهنجيءَ مدد جي لئي، جلدي پوئتي موٽ! مارينڊڙ بحري بلائن، مون کي ٻڏندي تڪي ورتو آهي".

گهڙو پڳو تہ گهوريو! پاڻا هو حجاب،
واڄٽ وڄي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ رءَ ثواب، آئون گهڻو ئي گهوريان.

جي دِلو پڄي پُري پيو تہ چُنو! اهو پاڻ اسان ٻنهيءَ جي وچ ۾ پردو (رنڊڪ) هيو. منهنجي من اندر ۾ محبت جو واڄو مسلسل وڄي ٿو پيو، منهنجو روح ساز سمان (وانگر) ٿي ويو آهي. سچي ساهڙ جي ديدار کان سواءِ ٻيو جيڪو بہ ثواب آهي، اُهو آئون سمورو ڦٽو ڪري ٿي ڇڏيان.

ڪونهي آڳهہ اهڙو، جهڙي محبت من،
اُپيون اوريين پار ڏي، ڪُوڙيون ڪک پُڇن،
ندي تن نيڙ ٿئي، جي تُرهي رِءَ ترن،
سِک رساڻي سهڻي! اصل عاشقن،
سي جهليون ڪين ڪُنن، پُڇن جي ميهار کي.

ٻيو ڪو بہ اهڙو آڌار ۽ وسيلو، بهتر ۽ ڪامياب ڪونهي، جهڙو من جي محبت وارو وسيلو آهي. ڪُوڙي عشق واريون، درياءَ جي اوريين پاسي کان بيهي، پَريين پار وڃڻ جي لئي، ڪکن ۽ پنن جا ٻوڙا، پُڇنديون ٿيون رهن. ندي اُنهن جي لئي، نندڙو واهڙ ٿي پوي ٿي، جي ترهي کان سواءِ (توڪل سان) ٿيون ترن. اي سڪايل سُندر سهڻي! هميشہ اعليٰ عشق وارين کي، سچي سڪ ئي، پنهنجي پِرينِ تائين توڙ پهچائيندي آهي. جن پريمين، پريت ۽ سچيءَ سڪ سان، منڙي ميهار جو نالو ورتو، تہ اُنهن کي اوڙاهہ عميق ڪُنن، ڪڏهن بہ ڪو نہ روڪيو.



دهشت دم درياهہ ۾، جِتِ جايون جانارن،
نڪو سنڌو سير جو، مپ نہ ملاحن،
درندا درياهہ ۾، واڪا ڪِيو ورن،
سڄا ٻيڙا ٻار ۾، هليا هيٺ وڃن،
پُرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو قهر ڪُنن ۾، ويا ڪين ورن،
اُتي اَڻ تارن، ساهڙ! سير لنگهائيين.

درياهہ جي وهڪري ۾، وڏي دهشت ۽ زور، جتي خوفناڪ جانورن جا ٿاڪ ۽ ماڳ مڪان آهن. نڪو وڏو وهڪرو وٺي ٿو ڏي ۽ نڪو ملاح هيٺ پاڻيءَ جي اُونهائيءَ ماپي ٿا سگهن. وڏا وحشي جانور، دادلي درياهہ جي اڌ ۾ گجگوڙون ڪيو، اڳيان ڦِريو ٿا اچن. سڄا ثابت ٻيڙا، اُن اُونهي اوڙاهہ عميق ۾، هيٺ ٻڏيو، غرق ٿيو ٿا وڃن. اُنهن ٻُڏل ٻيڙن مان، ڪو پُرزو يا ڪاٺيءَ جِي تختِي جو ذرو بہ مٿاڇري تي تري، ظاهر نہ ٿو ٿئي. ڪارن ڪُنن ۾، ڪو اهڙو قاتل قهر برپا ٿيل آهي، جو جيڪي هيڪر هيٺ وڃن ٿا، تہ وري واپس مٿي نٿا اچن. اي سهڻا سچا ساهڙ! اسان جهڙين اڻ تارن کي، اُتي اچي سٽاڻِيءَ سير مان، پار اُڪارجانءِ تون.

ڪنهن جنهن گهيڙ گهڙي، جِين اُوتڙ تڙ ٿيوس،
سالم ويئي سهڻي، ڪُنن ڪين ڪيوس،
اُهُسُ اکڙين ۾، پريان جو پيوس،
حقان حق ٿيوس، هُئي طالب حق جي.

(هيءَ سڪايل سُندري سهڻي) ڪنهن ( محبت واري) درياءَ جي، اهڙي گهيڙ مان گهڙي، جو اَڻائو تڙ بہ هُن جي لئي، سَٽائو تڙ ٿي پيو. سهڻي صحيءَ سلامت پار وڃي پهتي، ڪارونيار ڪُنن هن کي ڪو ئي جوکو يا نقصان ڪو نہ پهچايو. (درياءَ جي پَريين پار کان) پرين جو پيارو تجلو، هن کي اکڙين ۾،پل پل پوندو رهيو. ذاتِ حق (اللّٰہ تعاليٰ) وٽان، هُن کي حق مليو، هيءُ اصل ۾ هُئي ئي ٻُولاڻُو حق جي.





www.sindhsalamat.com

سُر "سهڻي" شاهه جي رسالي جو سراسر سُلوڪ وارو سُر آهي. هن سُر جا بيت "وحدت الوجود" واري فلسفي جا جرڪندڙ جلوا پسائين ٿا. ڀٽائي رحه فرمايو آهي " واحِدُ وڄي وجود ۾، رهيو روح رباب". ٻئي هنڌ فرمائي ٿو " سهڻيءَ جا سيلاءِ وحدت سپ وڄائيا" ، "الست بربڪم قالوا بليٰ، پر اِها پاري" ، "وامامن خاف مقام ربہ ، ايءُ لنگهيائين لنگهه". شاهه جي رسالي ۾، سُر "سهڻي" جي ظاهري قصي کي تمثيل بنائي، شاهه صاحب جنهن فنا ۽ فڪر واري فلسفي جي پالوٽ ڪئي آهي، ان جو مثال، دنيا جي ڪجهه قليل ڪتابن ۾ ملي ٿو. "ڪهڙي منجهه حساب؟ هئڻ منهنجو هوت ري! نڪين تفاوت ۾، نڪين منجهه رباب، ڪثرت آهي قرب ۾، ادغامين اعراب، هُو جي جهرڪيا جر تي، سي تان سپ حُباب، فنا وجهي فم ۾، ڪارڻ ٿيءُ ڪباب، هُئڻ منهنجو هوت ري ! ڪهڙي منجهه حساب؟". اسان کي گهرجي تہ اسين سُر "سهڻي" جي سُلوڪ واري فنائي فلسفي کي سمجهون ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون تہ جيئن قدم قدم تي ڪاميابيون ماڻيون.



## 29. سُر "سارنگ" جو فلسفو

"سارنگ" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "رنگارنگي" ، "ڦٽاڦٽي" ، "جهُڙ" ، "ميگهه ملهار" ، "جهڙالي موسم" ، "چمر" ، "اَبر" ، "ڪڪر" ، "بادل" يا "جهُڙ وارو ڏينهن" وغيره.

هي شاهه جي رسالي جو، ساوڻ جي مندائتي مينهن واري ماحول تي آڌاريل حقيقي ۽ مجازي محبت سان ٿمٿار ٿيل سُر آهي، جنهن ۾ سارنگ جو سهڄ منجهان، اُتران اُور ڪري اچڻ، جيئن لال چُنري تي ڇٽ هجن،تيئن اُڀن جو انگجڻ، ٻڇيءَ ۾ ٻانهن ڳيراٽي ڏيئي، ور جو پنهنجي ونيءَ کي موهڻ، سُرهي سيج، پاسي ۾ پرين، مٿان مسلسل مينهن وسڻ، محبوب جي لبن جي لالي ڏسي، مينهن وساڙن جو مات ٿيڻ ۽ دوست مٺي دلدار جو، عالم سڀ آباد ڪرڻ جهڙن عنوانن جو احاطو ڪيو ويو آهي.

ڪڪر منجهه ڪپار، جهڙ نيٽئون نہ لهي ،
جهڙا منهنجا سپرين، تهڙا ميگهه ملهار،
ڪڻ اکيون، ڪل يار! وڄن سور سنڌا ڪيو.

لطيف سرڪار هن سُر ۾، الله پاڪ جي طرفان، رحمت جي ريلي اچڻ کان پوءِ، پلر جي پالوٽن، وڏ ڦڙي جي وسڪارن ۽ سارنگ جي سينگارن سبٻان، سُورن جو سنڌا ڪري هليو وڃڻ کي، انتهائيءَ سهڻي ۽ سُريلي انداز سان سموهيو آهي.

معلوم ٿئي ٿو تہ شاهه جو سُر "سارنگ" ڄڻ هندوستاني راڳ "ميگهه" ۽ "دوت" سان مشابهہ آهي. شاهه جي راڳ "سارنگ" ۽ "بندرا بني سارنگ" ۾ فرق اهو آهي تہ "بندرا بني سارنگ" ۾ ٻيئي نکاد (ڪومل ۽ تيور) لڳن ٿا، پر شاهه جي راڳ "سارنگ" ۾هڪ نکاد لڳي ٿو. هي شاهه جي رسالي جو اوڻٽيهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 75 بيت، 4





www.sindhsalamat.com

وايون ۾ 4 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " لِڳهه پس لطيف چئي، آگم ڪيا الله" ۾ آخري وائي " آئي مند ملار، آئون ڳُهنبا ڪنديس ڪپڙا" آهي.

**بيت ۾ انهن جون سمجهاڻيون**

لِڳهه پس لطيف چئي، آگميو آهي،
وُٺو مينهن وڏ ڦڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي،
چن چڏي، پٽ پئو، ثمر سنباهي،
وِهو مَ لاهي، آسرو الله مان.

سهڻو شاهه لطيف چوي ٿو تہ " آسمان جي طرف چڙهندڙ ڪڪر تہ ڏس! ماحول ڳهُٽ ۾ ٻُوسٽ وارو ٿي ويو آهي. اِجهو وڏڦڙين وارو مينهن وسڻ شروع ٿيو، پنهنجي مال جا ڏڻ واڙن مان ڪيو، جتي وٺو آهي، اُتي ڪاهي هلو. هيناهينءَ زمين چڏي، مٿي دڙن تي چڙهي هلو ۾ سامان سيڌو سپ سنيالي ڪٽو. الله پاڪ جي ذات مان، اَبرِ ڪرم (رحمت) جو آسرو لاهي ويهي نہ رهو.

مِينڊيو مينهن پُسائيو، سُري تہ سيلو،
پَڪي پيهي آئيو، رحمت جو ريلو،
ساجن سويلو، پيچ پنيءَ گهر آئيو.

مٿي جي وارن جو، ڪنارن وارو ڳُنڌيل حصو، مينهن جي پاڻيءَ پسائي چڏيو آهي، وڏو ويڪرو ڪارو ڪڪر، مٿي سُرندو (چڙهندو) ٿو اچي. الله پاڪ جي رحمت جو وڏو ريلو، ڪڪائين جهُريل جهُوپڙي جي اندر هليو آيو آهي. منهنجو محبوب پرينءَ (منهنجو سهڻو ساجن سُپرين) وسڪاري واري پُسيل وقت ۾، ترت پنهنجي گهر اچي پهتو آهي.

مند ٿي،مندبل وجيا، ڳوري پِيّہ ساري،
وڏ ڦڙو واڪا ڪري، وٺو اونهاري،
گهنگهر گهرئون ڪيو، مينهڙن ماري،
ڪڪر اچ ڪاري، وارو ڏنو وڄڙيين.

سانوڻ جي موسم شروع ٿي، ڪڪرن ڪڙڪا ڪيا،



ڳوري ونيءَ، پرديس ويل پنهنجي پياري پتار(ور) ڪي ياد ڪري ٿي. اُونهاري جي گرم موسم ۾، وڏڦڙو مينهن، گجگوڙن سان وڏا وسڪارا ڪري وٺو آهي. مينهن جي منڙي وسڪاري، جنجل، ڏڪ ۾ ڏولائي ڪي، ڳهرن مان ماري، پجائي ۾ تڙي ڪڍيو آهي. (اُتران مٿي چڙهي آيل) ڪاري ڪڪر، اچ ڪنوڻين ڪي، خوب وسڻ جو وارو ڏنو آهي.

ڳنير ڳت سڪن، چلڻ جي چاهه پئي،
هندوا حيرت ۾ پيا، لالي ڪِي لبن،
چمڪن چوڏس چندبہ جيئن، وِڄڙيون وهسن،
لوچن ٿيون لطيف چئي، پسڻ لئي پرين،
ڪيسر قريبن، سنباهي ساڻ ڪيا.

هاڻِي هلڻ جو چاهه ۾ شوق من ۾ رکي، هري هري سهڻي چال چلن ٿا. منڙي محبوب جي لبن جي لالائيءَ کي ڏسي، ڳاڙها مينهن وساڙا بہ حيرت ۾ پئجي ويا. وڄڙيون ( ڪنوڻيون) چوڏهينءَ جي چندبہ وانگر، چوطرف پيون چمڪات ڪن ۾ چمڪي چمڪي خوش ٿين. سهڻو شاهه لطيف چوي ٿو تہ " اُهي ڪنوڻيون بہ پنهنجي پرينءَ جي پسڻ لئي، مسلسل لوچ پوچ ۾ پيون ڦتڪن." منڙن محبوبن، زعفران جهڙا ڳاڙها سُرها ويس وڳا، اچ ساري سنياري ڪٽي پاتا آهن.

اچ پڻ اُتر پار ڏي، ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏڦڙو، ٿهڪن ٿيون ٿاريون،
لَٿين لُڪ لطيف چئي، ڍايون ٿاساريون،
پِجنڌي پتاريون، وري وٿاڻين آئيون.

اچ وري اُتر طرف کان، ڪاريون ڪڪريون اچي ظاهر ٿيون آهن. وڏ ڦڙو مينهن مسلسل پيو وسي، وٺن، ولين ۾ ٻُوٽن جون ٿاريون، ساوڻ سهڻيون لُڏن ۾ لمن پيون. سهڻو شاهه لطيف چوي ٿو تہ " ڏيهه مان ڏڪار، سوڪهڙو ۾ تپش لٿي ( اُج ۾ اوس ختم ٿي) ۾ اُجايل تلين، پاڻيءَ پِي پِي ڍءُ ڪيو آهي. مال جون قطارون، مِينهن ۾ پُسندي، پنهنجي



www.sindhsalamat.com

پنهنجي ماڳن (وٿاڻن) تي موٽي آيون آهن“.

سارنگ سينگاري، وڄون وسڻ آئيون،
اُڃيا لڪ، لطيف چئي، پلر پياري،
وڄڙين واري، ڪعبي تي ڪر نائيا.

وڄون، پنهنجيءَ سارنگ واريءَ موسم کي سينگاري، (سهڻو ڪري) پوءِ وسڻ آئيون آهن. سهڻو شاهه لطيف چوي ٿو ته ” برسات جو پاڻي، لکين اُڃايلن جي اڃ لاهي ٿو ڇڏي“،(پياسين کي پاڻيءَ اڃي ٿو پياري). (ڏسو ته سهي!) اڄ وڄڙين ورائي ڪٽي ڪعبت الله شريف تي، ڪارن ڪڪرن جا ڪر جهُڪائيا ( ۽ پاڻيءَ پلٽيا) آهن.

موٽي مانداڻن جي، پري ڪيائين پيچ!
وڄون وسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيج،
تنهن نوٽيون سپ نوازيون، ڏنن ڏيئي ڏيج،
ٻج ڪٽي، پٽ هليا، هاري منجهان هيج،
راضي منجهان ريج، عالم سپ آباد ٿيو.

وري ٻيهر، گهاٽن ڪارن ڪڪرن جي ٺاهه جوڙ ڪري، خوشيءَ سان ( مُرڪندي) مينهن واري آلاڻ ۽ نميءَ پيدا ڪيائين. وڄون وسڻ لئي تيار ٿي آئيون ۽ سارنگ آسمان جي سجايل سيج تي نروار ٿي نڪتو. اُن زمين جي هيناهينءَ کي، پلر جي پالوت سان پري ڇڏيو ۽ متاهينءَ کي، مينهن جو مهڪندڙ ڏيج ڏنائين. هاري، وڏي خوشيءَ مان ٻج ڪٽي، ٻنين ۾ ڇٽڻ لاءِ روانا ٿي ويا. سارو جڳ جهان، ريج جي برڪت مان راضي ٿي، شاد ۽ آباد ٿي پيو.

شاهه جي رسالي جو سُر ”سارنگ“، سونهن،سُرهاڻ ۽ سُڪار وارو سُر آهي. جنهن جي مطالعي ڪرڻ سان، نيڻ نريو ٿا پون، اکڙين کي آرام ٿو ملي ۽ ماندو من قرار ٿو ماڻي.
”اڱڻ تازي، ٻهر ڪنييون، پکا پٽ سونهن، سُرهي سيج،
پاسي پرين، مر تا مينهن وسن، اسان ۽ پرين، شال! هون برابر ڏينهڙا“. شاهه سائين هن سُر ۾، پنهنجي پياري وطن ۽



ساڻيهه سان گڏوگڏ، ساري جڳ جهان لاءِ، آسودگي ۽ خوشحاليءَ جي دعا پڻ گهري آهي.“سائين!سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار، دوست! تون دلدار! عالم سپ آباد ڪرين“.

آئون سُر“سارنگ” جو تعارف ۽ فلسفو، ڀٽائي رحه جي پنهنجن ئي پيارين سٽن سان اختتام پذير ڪريان ٿو، وري ايئن نه ٿئي، جو پيارا پڙهندڙ چون، “سُر سارنگ به پڙهيوسون ۽ سرير کي سُڪون به ڪو نه مليو”. “آئي مند ملار، آئون گُنهبا ڪنديس ڪپڙا. وسڻ جا ويس ڪيا، اڄ پڻ منهنجي يار. لٿي کس قُلوب تان، تاڙي ڪِي توار. اُتران ٿي آئيو، ڪکر ڪارونيار. روضي پاس رسول جي، اُنو آب اپار. تر بر وِڄون وُنيون، سرها ٿيا سنگهار. آئون گُنهبا ڪنديس ڪپڙا، آئي مند ملار”.



www.sindhsalamat.com

## 30. سُر ”ڪيڏاري“ جو فلسفو

”ڪيڏارو“ سنسڪرت ٻوليءَ جي ”ڪيدار“ ۽ عربيءَ جي ”ڪيد“ مان نڪتل لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ”جنگ“ ، ”لڙائي“ ، ”معرڪو“ ، ”جهيڙو“ ، ”قتلِ عام“ يا ”ماتم“ وغيره. هن سُر جو مکيہ موضوع ڪربلا جي واقعي واري جنگ آهي، جنهن ۾ حضرت امام حسين ۽ سندس ساٿين شهادت ماڻي.

قضيو ڪربلا جو ، مڙوئي ملار ،
ڳالهہ سچيائي ڳُجهہ جي، الاهي اسرار،

هن سُر جي پهريين داستان ۾ فرمايل آهي تہ ” محرم جو مهينو تہ وري ٻئي سال بہ موٽي آئيو، پر امام سڳورا موٽي ڪو نہ آئيا“. امير شهزادن جڏهن مديني منوره مان نڪري، ڪوفي ڏانهن روانگي ڪئي، تہ انهن دين اسلام کي بچائڻ جي لاءِ، ڪک، پن، ڪاني، ٻاٽي ۽ ڳاهہ ڏانهن بہ ماڻهو موڪليا ۽ ايئن بہ چيائون تہ ”جيڪڏهن ڪا مصيبت اچي ويئي تہ وڏي، سخت ۽ زور واري ويڙهہ ٿيندي“. سُر ڪيڏاري جي ٻئي داستان ۾ چاٽايل آهي تہ، ”حضرت امام حسين رضہ سان، جڏهن يزيدي ٽولي جنگ جوٽي، تہ امام سڳورن لاءِ، گهرن ۾ ماڻهن، وڻن ۾ پکين، جهنگل ۾ مرون ۽ آسمان تي ملائڪن بہ زاروزار رُنو“. داستان ٽئين ۽ چوٿين جي معنوي مذڪور ۾ لکيل آهي تہ ”جهُونجهڪارڪي جهڳڙي ۾، هاٿين هڏ مڃائيا، بهادر بهادرين ڳڌيا، ڏڙ ڏڙن تي ڪريا، رڻ ڳجيو راڙو ٿيو ۽ پوءِ گهوڙن ۽ گهوٽن رڻ ۾ لائون لڏيون“. داستان پنجين ۽ ڇهين کي پڙهنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ ڪربلا جي ميدان ۾ حق ۽ باطل جو فيصلو هميشہ هميشہ جي لاءِ تي چڪو. شير جامِ شهادت جو پيالو پيتو ۽ ڪوفين جي ڀاڳي ۾ قيامت تائين، لعنت لڳجي ويئي. ”منهن ڪاري مروان، لعنت لکي لعين



کي“. داستان ستين ۾ سُورهيہ کي تاڪيد ڪيل آهي تہ ”جيڪڏهن جيت لاءِ جنگ ڪرين تو تہ اول پنهنجي جامي سان جنگ جوٽ. پنهنجي نفس کي نهوڙ، وهم، خوف ۽ خطري کي، دل مان ڪوري ڪڍ، تہ اي نجات جا طالب! توکي انهيءَ قهر ۽ ڪوس جو راز معلوم ٿئي“.

هندوستاني ڳَوين موجب، ”ڪيداري“ هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جيڪا ”ديپڪ راڳ“ جي پنجن ڀاريائن مان هڪ آهي. هن راڳڻيءَ کي، ”سمپورڻ راڳڻي“ بہ ڪري سڏيندا آهن، جيڪا اڌ رات جو ڳائبي آهي.

هي شاهہ جي رسالي جو ٽيهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 88 بيت، 9 وايون ۽ 7 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت ” ڏنو محرم ماهہ، سَونڪو شهزادن ٿيو“ ۽ آخري وائي ” يا علي! يا علي! سِر يتيمن جي آئي، آيو حڪم الله جو، يا امام“! آهي.

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

ڏنو محرم ماهہ ، سَونڪو شهزادن ٿيو،
مڪي، مديني، ماڻهوئين،رُنو متي راهہ،
تنهن واحد کي واهہ! جو حڪم ههڙا ڪري.

محرم جو چنڊ (مهينو) ڏٺو، تہ شهزادن کي، دل ۾ ڪُتڪو پيدا ٿيو. ماڻهن، مکي پاڪ ۾، مديني منوره ۾ ۽ رستن ۽ راهن تي، افسوس ۾ زار وقطار روئڻ شروع ڪيو. اِها هڪ الله پاڪ کي ئي صحيءَ خبر آهي، جيڪو اهڙا حڪم صادر ڪري ٿو ڇڏي.

مير مدينئان نڪري، ڏيرا ڏنائون،
ڪانيءَ، ٻاٽيءَ، ڳاهہ کي، ماڙهو مڪائون،
چڙهندي چيائون،”ٿيندي ويڙهہ وڏاند ري“.

امير شهزادن، مديني منوره مان نڪري، وڃي اڳتي منزل ڪئي. ٻاڙي، اوڙي، پنهنجي، پرائي، اَيري، سَيري، نندي توڙي وڏي، سڀ ڪنهن ڏانهن ماڻهو موڪليائون. سفر



www.sindhsalamat.com

تي چڙهندي،( رواني ٿيڻ مهل) چيائون، تہ ، “ ويرين سان ويڙهہ ٿيندي تہ وڏي سخت ٿيندي”.

کِلي وير ڪٽڪ ۾، پاکر جو پائي،
اجان اُن کي، جيئڻ جو، آسانگو آهي،
سُورهيہ سو چائي، جو رُڳو ئي رِڻ چڙهي.

لڙائيءَ واري مهل، لشڪر ۾، جيڪو (مجاهد) زرهہ پائي پوءِ وڙهي ٿو. تہ اُن کي حياتيءَ (زنده) رهڻ جو، اجان آسرو هوندو آهي. سچو سُورهيہ چاهيندو آهي تہ “هو جنگ ۾ رُکو ئي ( بغير زره پائڻ جي) جُنبي وڃي”.

حسن مير حسين کي، رُنو ٽن ٽولن،
گهرماٽهن،جهنگ مرن، اَپن ۾ ملڪن،
پکين پاڻ پڇاڙيو،تہ “لڏيو هوت وڃن”،
الله! شهزادن، سوپون ڏئين سچاٽي!

حضرت امام حسن رضہ ۽ حضرت امام حسين رضہ جي افسوس ۾، ٽن ٽولن زاروزار رُنو. گهرن ۾ ماٽهن رنو، جهنگل ۾ مروئن رنو ۽ آسمان ۾ ملائڪن بہ رنو. پکين هڪبئي کي (حيرت ۽ افسوس ۾) چيو، تہ “امام سڳورا، اڄ مديني منوره مان لڏيو پيا وڃن”. اي الله پاڪ! اي ساري جڳ جا سچا ڏٽي! تون شير شهزادن کي، ڪاميابيون نصيب ڪجانءِ!

دوست کُهائي دادلا، مُحب مارائي،
خاص خليلن کي، سختيون سهائي،
الله الصمد بي نياز، سا ڪري، جا چاهي،
انهيءَ ۾ آهي، ڪا اُونهيءَ ڳالهہ اسرار جي.

(تقدير) ڪڏهن ڪڏهن دادلا دوست کُهائي ٿي ۽ منڙا محب بہ مارائي ٿي وجهي. الله پاڪ جي خاص پيارن دوستن کي بہ سختيون برداشت ڪرائي ٿي ڇڏي. “الله بي پرواهہ ۽ بي نياز آهي” اُها مرضي هلائي ٿو، جيڪا هو پاڻ چاهي ٿو. انهيءَ رمز ۾،(الله پاڪ جي) اسرار جِي، ڪا اُونهيءَ ڳالهہ



ضرور لڪيل آهي!

جهِمنديون اَڄ اڇن، جهوليون جهونجهارن جيون،
پايو ٻُڪ ٻُهار جا، اُن جون وهون واڪا ڪن،
پٽيو پار ڪڍن، رڻ گجيو، راڙو ٿيو.

اڄ تہ لال ڳاڙهي رت سان، ٿمنديون پيو اچن، اُهي جهوليون (گودڙيون)، جن ۾ سُورهيہ شهيدن جا ڏڙ ڪڇيو پيا اچن. ٻُهاريل ددڙ جا ٻُڪ پنهنجن وارن ۾ وجهيو، انهن جون وهون( مستورات آرياٽيون) هاءِ! هاءِ! (کُوڪون) ويٺيون ڪن. پٽيو پار ڪڍن، جيئن ئي جنگ جو ميدان ويڙهہ ۾ تتو، تيئن ئي روئڻ جو راڙو زور سان شروع ٿيو.

ڏاڙهي رت رتياس ، ڏند تہ موتيءَ ڳُتيا ،
چوڏهينءَ ماهہ چنڊ جئن، پڙ ۾ پيشانياس،
“الله نورالسمٰوٰت والارض”،جلوو زميناس،
“سيماهم في وجوههم”،منهن ۾ مڻ ڳُتياس،
ڪڪرا ڪربلا جا، مادر ميڙياس،
ڦٽن اُتان رت ڦڙا، عليءَ ٿي اُگهياس،
مِڙئِي معاف ڪياس، خالق بدلي خون جي.

اُن جي ڏاڙهيءَ مبارڪ رت ۾ ڳاڙهيءَ ٿي ويئي ۽ ڏند مبارڪ تہ ڄڻ موتين جا مڙهيل داڻا هجن. سندس نورانيءَ چهرو، جنگ جي ميدان ۾، چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر، چٽو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. “الله آسمانن ۽ زمين جو نُور آهي” ، ان جو جلوو زمينن تي (قائم ۽ دائم) آهي. “سندن پيشانيءَ تي (سجده جو) نشان آهي” ۽ چهري تي نُور جو مٽيادار جلوو موجود آهي. ڪربلا جي تتل ميدان تان، ننڍا ننڍا پٿر ۽ ڪڪرا، اُن گهوٽ جِي امڙِ ميڙي پئي پري ڪيا. اُن گهوٽ جي گهاون تان، وهندڙ رت جا ڦڙا، حضرت علي ڪرمُ الله وجہ ٿي اُگهي صاف ڪيا. اُن عظيم شهيد کي، شهادت جي عيوض ۾، سيني آزمائشن جا بار، الله پاڪ معاف ڪري ڇڏيا.





www.sindhsalamat.com

تحقيق جي ورقن مان معلوم ٿئي ٿو تہ علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي نزديڪ سُر“ڪيڏارو” شاهہ جو ڪلام ڪونهي. هي فقط رسالي جو ڪلام آهي، جيڪو سوين سالن کان، شاهہ جي رسالي ۾ شامل ٿيندو آيو آهي. ڪلام جي پاڪيزگي، بلند خياليءَ غمِ حسين کي سامهون رکندي، راقم پڻ پنهنجي هر هڪ ترجماتي، تشريحي توڙي ترتيبي رسالي ۾ اُن کي شامل ڪيو آهي.

هن سُر ۾، جيڪو ويريءَ سان ويڙهہ وارو بيباڪ بيان قلمبند ڪيل آهي، اُهو اهڙو تہ انوکو ۽ جيءُ کي جذبو ڏيارائيندڙ آهي، جو پڙهندڙ پنهنجي پاڻ کي، ويريءَ سان وڙهندي محسوس ڪري ٿو: “سُورهيہ! مرين سوپ ڪي، تہ دل جا وهم وسار” ، “ڪانڌ! ڪلارين ڪپڙين، ور! وناهيون آءُ” ، “پاونگ اُيو پڙ ۾، هٽي هزاري هول” ، “بهادر گڏيا بهادرين، ڪڙڳ ڪِلوِل ڪن”. هن سُر ۾ شامل ڪلام جو مجموعي منظر ۽ پسمنظر، انسان جي اکڙين مان آنسو وهائڻ لاءِ ڪافي آهي: “سختي شهادت جي، مڙوئي ملار” ، “مير مدينئان نڪري، آئيا نہ موٽي” ، “ڪُوفي ڪربلا ۾، پاٽي نہ پيارين” ، “ اڄ مير مومنن جا، مدينو ڇڏي هليا”. شاهہ جي رسالي ۾ سُر “ڪيڏارو”، هر حالت ۾حق جي حمايت ڪرڻ ۽ اُن جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ ۽ باطل کان نفرت ڪرڻ ۽ اُن سان وڏي ويڙهہ ڏيڻ جو ڏس ڏئي ٿو. اسان کي گهرجي تہ اسين سُر “ڪيڏاري” کي پڙهون،پروڙيون ۽ اُن جي پيغام تي پورو پورو عمل ڪريون.



## 31. سُر“ڌناسري” جو فلسفو

“ڌناسري” ٻن ڌار ڌار ٻولين جي لفظن جو مرڪب آهي. “ڌن” سنسڪرت ٻوليءَ مان ۽ “آس” يا “آسري” پراڪرتي ٻوليءَ مان نڪتل آهي. “ڌن” جي لغوي معنيٰ آهي “ڌڻ” يا “مال ملڪيت”. “ڌن” جي ٻي معنيٰ آهي “بخت” ، “ڀاڳ” يا “نصيب” ۽ “آس” يا “آسري” جي لغوي معنيٰ آهي “آسرو” ، “اُميد” ، “آرزو” ، “اِڇا” ، “خواهش” ، “تمنا” ، “آجهو” يا “پناهہ” ۽ “وسيلو” وغيره. ٻنهيءَ لفظن کي ملائي، هڪڙو لفظ ٺاهبو تہ اُن جي معنيٰ ٿيندي، “نصيب جي آرزو” ، “ڀاڳ جي اُميد” يا “بخت جو وسيلو” وغيره.

هن سُر ۾، حضرت منڙي محمد مصطفيٰ(صلي الله عليہ وَآلہ وسلم)، اولياءَالله ۽ مرشد کي، بندي جي طرفان، پنهنجي مقدر يا بخت بلند ٿيڻ، تڪليفون دور ڪرڻ ۽ اڳوتر سنوارڻ جي لاءِ، التجائون،عاجزيون ۽ سڏ ڪيل آهن. مديني جي مير(صلي الله عليہ و آلہ وسلم) کان وني، حضرت پيران پير دستگير سيدنا عبدالقادر جيلاني رحہ ۽ حضرت غوث بهاوَالحق ذڪريا ملتاني رحہ تائين، خدا جي پيارن کي پُڪاريو ويو آهي.

مديني جا ميرا! سُڻ منهنجا سڏڙا ،
اوکي ويل اميرا! عاصي تنهنجي آسري.
پيرا! منهنجا پاتشاهَ! وسيلا وريام!
اگهيا تنهنجا الله در، ڪامل! سڀ ڪلام،
ڏِني توکي ڏيهہ ڌٽي، ضعيفن زمان ،
آهين آل رسول جو، حسني!ٿون هُمام،
مدد ڪر مريد جي ، الله لڳ علام!
آئون سيدا! پيس تو سام!مرشد!رس محمود کي.



www.sindhsalamat.com

مل ملتاني پير کي، نوئي! نائي ڪنڌ ،
اڪثرين عنات چئي ، آهِ اوڏاهين پنڌ ،
جيئن تارن ۾ چنڊ، تيئن شيخان سُونهن بهاوَدين.

"ڏناسري راڳڻي" سنڌ ۽ ملتان جي راڳڻي آهي. جيڪا پوءِ، هندوستاني راڳ ۾رائج ٿي. هي راڳڻي اڄان تائين سنڌ ۾ رائج آهي، جنهن کي، خصوصا پير ملتان شريف(غوث پاڪ) جا مريد، بنا سازن جي ڳائن ٿا. هي شاهه جي رسالي جو ايڪٽيهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 118 بيت، 15 وايون ۽ 5 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " تون پيرن جو پاتشاهه، تون پيرن جو پرم" ۽ آخري وائي " هر جا آهي هادي ، پير پنهنجو پاڻ سان" آهي.

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

مديني جا جام! سُڻ منهنجا سڏڙا ،
ننڍا وڏا اُمتي، اوباهين ايام،
جي سرن تنهنجي سام،سي پار لنگهايين پهيئڙا.

اي مديني منوره جا جام ۽ والي!(صلي الله عليہ و آلہ وسلم) مون مسڪين، اُبوجهه ۽ اڙيال جا سڏڙا سُڻ. جيڪي بہ ننڍا توڙي وڏا، اوهان جا اُمتي ۽ مومن مسلمان آهن، اُهي سيئي اوهان جي در وٽان، بخشش ۽ مغفرت پائين ٿا. جيڪي پنهنجو بچاءُ، اوهان جي پناهه ۽ امانت ۾ سمجهن ٿا، اُهي مسڪين مُسافرڙا، مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي اُونهي اوڙاهه ۽ ڦهري کُن مان باهر ڪڍي، اُنهن جا ٻيڙا پار ڪري ڇڏ!

پِير منهنجو پاتشاهه، نُوري نيڪ خصال،
ڪمي ناهي قطرو، تنهن ڪامل جي ڪمال،
دُشمن تنهن دوست جا، وٺا منجهه وبال،
هٿِي مُڪ مُنڪر کي، ڪري جان زوال،
خواص تنهن خاص جا، ڪوڙين ڪهن قوال،
جيڪي سنيارين جتهين، لهي تن سنيال،



ور ڪندو وڏل شاهه تي، اپارين افضال،
جواهرن جوت نِي، جانب جي جمال،
پياري پُر ڪري، پرت جا پيال،
صحبت تنهن سيد جي، ڪڍي خام خيال،
ڏني لطيف لال، ٿئي راحت روح کي.

(هي بيت حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جن جي ساراهه ۽ صفت ۾ چيل آهي، جنهن جو شاعرسيد وڏل شاهه نالي، سندس هڪ عقيدت مند آهي.)

منهنجو جيڪو مرشد آهي، سو بادشاهن وانگر سخي، مريدن تي نوراني نظر ڪندڙ ۽ نيڪ خصلتن جو ڌڻي آهي. اُن ڪامل پِير جي ڪمال ۾، ڪمي يا گهٽتائيءَ وارو عنصر هڪ قطري (ذري) جي برابر بہ ڪونهي. منهنجي محبوب مرشد جا جيڪي بہ دشمن توڙي منگهرا آهن، اُهي هميشہ هميشہ جي لاءِ، وڏي وبال ۽ جوکي ۾ جلي، هيٺ هليا ويندا آهن. جيڪو منهنجي مرشد جو منڪر ٿيندو، تہ هو ان کي، مُڪ هڻي، سندس جان جوکي ۾ وجهي ٿو سگهي. منهنجو مرشد، جيڪو خاص آهي، ان جي خاصئون خاص شانِ اقدس ۾، ڪروڙين ڪروڙ مريد ۽ عقيدت مند، ساراهه جا گيت ڳائين ٿا. هي منهنجي مرشد جي ڪرامت آهي تہ، جيڪي سندس مريد توڙي عقيدت مند، جتي بہ ڪيس مشڪلات ۾ سارين ٿا، تہ هو انهن جي اُتي جو اُتي، غائبانا مدد ڪرڻ فرمائي ٿو. هي جيڪو "وڏل شاهه " سندس مريد آهي، تہ ان تي پنهنجي ڪرم ۽ فضل جي، گهٽي ڪان گهٽي واهر ڪندو رهندو. جيڪي هيرا لال جواهر آهن، انهن بہ چمڪ ۽ روشنيءَ، منهنجي مرشد جي پُرنُورجمال ڪان ورتي آهي. هو پريت جي پيالن مان، اُلفت جي اُجايلن ڪي، محبت جو مٽ پياري پياري، ڪين پُر ڪري ٿو ڇڏي. اُن سهڻي سيد جي صحبت، پتڪيل ماڻهن جي من مان، جيڪي بہ اجايا ۽ خام خيال سمايل هوندا آهن، سي سپ ڪڍي، صفا صاف ڪري ٿو


www.sindhsalamat.com

چڏي. منهنجي مرشد، لالئون لال لطيف جي زيارت ڪرڻ سان ئي، روح کي راحت ۽ فرحت اچي وڃي ٿي.

وسيلو نہ وس، پُنگيءَ پير نہ ساريان،
پٽڻ ڏيندو پاتڻي، اُهُڪيءَ ۾ اَوَس!
حال همارو پس، سندا روضن راڄيا!

آئون ايترو تہ ڪمزور هيڻو ۽ ويچارو آهيان، جو منهنجو پيو ڪو بہ حيلو وسيلو ۽ پرجهلو ڪونهي. منهنجي جيڪا ڪکائين جهوپڙيءَ آهي، اُن کي ڪا بہ ٽيڪ، ٿوٽيءَ يا ٽُڪو آيل ئي ڪونهي. مون کي اُميد آهي تہ، جڏهن بہ مون تي اوکيءَ وير ايندي، تہ پيارو پاتڻي، پاڻهي ئي پتڻ ڏيئي، هر حالت ۾ اچي اونهي اوڙاهہ مان اڪاريندو. اي روضن جا ڌڻي!(منهنجا مرشد!) تون راڄن جو پرجهلو ۽ وسيلو آهين، منهنجو حال هيڻو بہ اچي پس!(مون بي وسيلي جي واهر اچي ڪر!).

شاهہ جي رسالي ۾ شامل سُر"ڌناسري" کي، محقق رسالي جو ڪلام سمجهن ٿا. جنهن ۾ بين مختلف شاعرن جو ڪلام شامل آهي. هن سُر ۾، جن شاعرن جو ڪلام شامل آهي، انهن ۾ ميون شاهہ عنات، سيد عبداللطيف قادري، احسان فقير لانگاهہ، راوَل، صمد، وڏل ۽ فقيرياڻي مائي گنگا وساڻ جا چيل بيت بہ شامل آهن. جن کي پڙهڻ سان، اسان کي دلي سُڪون ملي ٿو ۽ عقيدت ۾ پڻ اضافو ٿئي ٿو.



## 32. سُر"شينهن ڪيڏاري" جو فلسفو

"شينهن ڪيڏارو". ٻن ڌار ڌار ٻولين جي لفظن جو مرڪب آهي. "شينهن". سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "شير"، "ٻبر"، "ڪيهر"، "ڪَيسر"(قيصر)، "چيتو". يا "واگهہ". وغيره. "ڪيڏارو" سنسڪرت جي "ڪيدار". ۽ عربيءَ جي "ڪيد". مان نڪتل لفظ اهي. جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "جنگ". ، "جهيڙو". ، "لڙائي" ، "ڪِلو". يا "معرڪو". وغيره. انهن ٻنهي لفظن کي ملائي، هڪڙو لفظ ناهيو تہ اُن جي معنيٰ ٿيندي "واگهہ جي ويڙهہ". ، "شير جي لڙائي". يا "ڪيهر جو معرڪو" وغيره.

هن سُر جي بيتن ۾، ڪيهر شينهن جي عادتن، اُصولن ۽ دٻدٻي وارو پسمنظر چٽيو ويو آهي. شاعر چوي ٿو، توڙي جو سوين سَو سِيارڙا (گدڙ) گڏجن، يا ڪٽي ڪيترائي جنبو( ڪتا) گوڙ گهمسان ۽ هشري مچائين، پر ڪيهر جي ڪن تي اُڊڪو ئي ڪو نہ ايندو. ڪَيسر جو ڪم آهي هاٿيءَ جو شڪار ڪرڻ پهاڪو آهي تہ "شينهن ٻُک مري، پر ڊپ نہ چري". توڙي جو گينور نہ گڏجيس، پر تڏهن بہ هُو هرويرو هرڻن جو شڪار ڪو نہ ڪندو. ڪيهر لاءِ پاڻ کان هيٺي جانور جو شڪار ڪرڻ ڇڻ مهٽو آهي. "ڪَيسر ڪِلي وار، تو گس نهاري گينورين". "ايءُ ڪَيسر جو ڪم، جيئن هاتيءَ کي هٿ هٽي".

هن سُر جي داستان ٻئي ۾، هاتي، ٻورائي باز ۽ شقري باز جي ڪجهہ صفتن جو ذڪر پڻ ڪيل آهي. اهڙيءَ ريت داستان ٽئين ۾، ڪُتي ۽ قريب جو هڪٻئي سان تعلق ڏيکاريل آهي.

ڪيهر قصد ڪباب سين، مجي مور نہ کاءِ،
جي سينهان سَو لنگهٽين، توءِ نہ لِک لڪاءِ،



www.sindhsalamat.com

پـيـر تـتـهـيـن پـاءِ، جت نـاهه مـجـال مِـرُوءَ جي.
نينهن، سيڇاڻي،شينهن، تنهي قصد ڪباب سين،
رات ڪاڏائون ڏينهن ، تـہ پـڻ پُـوڻن ٻُـڪـيا .

راڳ جي لحاظ سان، سُر“شينهن ڪيڏارو”. پهلواني مقابلن ۾ جنگي جوڌن جو سُر آهي. آلاپ ۾ ادائيگي جي لحاظ سان، سُر“شينهن ڪيڏاري”. جون، جدا جدا وڄتون آهن،جن ۾ ڪي “چلتو” ۽ “چالي”. وڄتن وارا بيت بہ شامل آهن. هي شاهه جي رسالي جو ٻتيهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 39 بيت ۽ 3 داستان شامل آهن. هي شاهه جي رسالي جو واحد سُر آهي، جنهن ۾ ڪا بہ وائي شامل ناهي. هن سُر جو پهريون بيت “مَتي جنهن مدار، ڪاند تنهن جو تڪيو” ۽ آخري بيت “ماٺ ڪِيو مارينس ، ڪُڇ ڪتي سين ڪِينڪين” آهي.

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

مـتـي جـنـهـن مدار، ڪاند تـنـهـن جو تـڪـيـو،
پاڻ اونچو،عادت نيچي،ايءُ سينهان پروار،
ڪَـيـسـرڪـرجُـهـار،ڏنـي جـنـهـن ڏارت لـهـي.

(اُهو شـيـنـهـن) جـنـهـن جو دارومدار مـتـيـري اُصولن وارو، بردباري، سهپ ۽ صبر جنهن جو وڙ آهي، پاڻ آهي تہ سيني جهنگلي جانورن جو سردار، پر سندس عادت ڌڌي ۽ ديرپا ٿيندي آهي، اِهو اُن شينهن جي پروار ( خانداني نسل) جو پڙرو ۽ چٽو اُهڃاڻ آهي، اُن ڪَيسر شينهن کي نوڙت ۽ عاجزيءَ وارو سلام ڪندو رهہ، جنهن جي رڳو ڏسڻ ساڻ ئي بين( آفتن ۽ مصيبتن) جو خوف ۽ ڊپ لهي ٿو وڃي.

موڪري ٽري، چوٽي نري، چوٽو ڪيهر پاڻ،
گـجـي تـہ گـيـور هـٽـي، مِـرُو ٻـيـا آسـاڻ.

چنبي جي ٽري ويڪري، چنگهہ جي نري نندي ۽ ڪيهر شينهن پاڻ قد جو پورو پنو ۽ ڪجهہ ڪجهہ چوٽو



هوندو آهي، جڏهن گجگوڙ ڪري ٿو تہ، هاٿين جو شڪار ڪندو آهي، باقي جهنگل جا ٻيا جانور ۽ مِرُو تہ هن لاءِ بلڪل آسان( ۽ ڪجهہ بہ ڪو نہ) هوندا آهن.

سهسين مڙي سيارڙا، جي جنبو جاڳر ڪن،
تہ ڪِـهـر ڪن نہ اُڀڪي، ڊراءِ نہ ڊرجي تن.

جي سوين سو ۽ هزارين هزار گدڙ گڏجن، جي ڪـتـن جا ڪـتـڪ گـڏجي گـوڙ گـهـمسان ڪـن، تـہ بـہ ڪيهرشينهن جي ڪن تي اُلڪو ئي ڪو نہ ٿو اچي ۽ هُو انهن کان ڊپ ڊراءُ يا خوف خطرو ئي محسوس ڪو نہ ٿو ڪري.

ڪُڙهو ڪَيسر وياءُ، پسو واگهہ وِلاڙيو!
ٻـيـٽـو ٻـاپ مُلاءُ، ڌرو ضايع نہ ڪـري.

ڪيهر شينهن جو نئون چاول ٻلونگڙو، ڏسو تہ سهي! واگهہ (وڏي شينهن) وانگر ٿو ڊوڙون پائي. پُٽ، پيءُ جي عادتن منجهان، ذرو بہ ضايع ڪو نہ ٿو ڪري.

ٻـيـٽـو ٻـاپـان وتـرو، ڪُـڙهـو ڪَـيـسـر پـسُ!
آپ ڇُپاوڻ،پر مارڻ،ذات سينهان جي جسُ،
جئن وڃي دمامن دسُ،تئن متي اڙن اُسري.

پُٽ، پيءُ کان (عادتن ۾) بہ وکون اڃان بہ اڳتي آهي، ڪيهر شينهن جو ٻچو تہ ڏسو! چپ هٽي ويهڻ، پري پري وڃي شڪار ڪرڻ، شينهَن جي ذاتي ۽ اصلي خصلت آهي. جيئن ڍُهل جو ڪـڙڪو، دڌڪو ٿو ڪري، تيئن هيءَ وڪوڙيل شڪار تي چڙهيو ٿو وڃي.

ايءَ ڪَيسر جي ڪار، جئن هاٿيءَ کي هٽ هٽي،
جي ويهين واگهين ويڙهيو،توءِلانجهوڪيم نهار،
ڪِـلـي ويـر قـرار، رءَ ڪِـلـي ٿـئـي ڪـانـهـرو.

اِها ڪيهر شينهن جي ڪاريگريءَ ۽ ڪماليت آهي، جو هاٿيءَ سان وڃيو ٿو اٽڪي. جي ٻيا ويهہ شينهن ڪيس ويڙهي وڃن، تڏهن بہ اُن کي ڪمزور نہ ڏس. هن کي


www.sindhsalamat.com

هميشہ ويڙھ ۾ مزو تو اچي، بنا ويڙھ جي گيدي ۽ ڪمزور تو ٿئي.

ايءُ ڪَيسر جو ڪم، جئن هاٿيءَ کي هٿ هٽي،
نهوڙي ناپن سين، دمائيس نہ دم.
ڪِلي وير قدم، ڪوڙي پر ڪٽي نهين.

اهو ڪيهر شينهن جو ڏنڊو ۽ ڪمال آهي، جو هو هيبتناڪ هاٿيءَ سان وجي تو اٽڪي. چنبي جي ننهندن سان نهوڙيو، پوءِ ساهہ بہ ڪٽڻ نہ تو ڏئيس. لڙائيءَ مهل، ويڙھ جي ميدان ۾، پنهنجا پير پختا تو ڪوڙي، پر هٽائي نہ تو.

روجهہ نہ پڪرجن، متا جي ماهہ گهٽي،
ڪِجي سنگ سينهن سين، واڪي جي ورن.

روجهہ ڪنپ ڪدي ڪڏهن ڪو نہ تا اڏامن، توڙي جو متا متارا ۽ گهٽي ماس وارا هجن، سنگت رکجي شينهن سان، جيڪي هڪل ڪرڻ سان اچي حاضر ٿين.

ڪِهر قصد ڪباب سين، مجي مور نہ کاءِ،
جي سينهان سَڌُ لنگهٽين، توءِ نہ لِک لَکاءِ،
پير تتهين پاءِ، جت ناهِ مجال مِرُوءَ جي.

ڪيهر شينهن جو ضد ۽ اٽل ارادو، هميشہ گوشت کائڻ جو هوندو آهي، هو مجيءَ نپ ڪو نہ تو کائي! جي شينهن کي سَو دفعا بُک لڳي، تہ بہ ذرڙو بہ ڪو نہ لڪائيندو آهي، اُتي هلچل، اچ وڃ ۽ مارو ڪندو آهي، جتي مِرُوءَ جي ڪا بہ مجال ناهي هوندي.

نينهن،سيچاٽي،سينهن،تنهيءَ قصد ڪباب سين،
راتِ ڪاڏائون ڏينهن، تہ پڻ پُوٽن بُکيا.

نينهن(عشق)، باز ۽ شينهن، انهن ٽنهيءَ جو گذران ۽ ارادو فقط ماس کائڻ سان هوندو آهي، (اهي ٽيئي) رات ڏينهن پيا کائيندا، تہ بہ پيا بُکيا ڦرندا.



گئون ماريو گِر چڙهي، گِر چڙهيو گئون کاءِ،
ڪِهر پلاٽِي جي سهي، تہ لُون لُون لک بِڪاءِ.

ڳئون ماريو ڳجگوڙون ڪري، ڳجگوڙون ڪريو وري ڳئون کي کاءِ، جي ڪِهرپلاٽي( هنو) سهي يا برداشت ڪري تہ هن جي لُون لُون لکن ۾ وڪامي ها.

ڪَيسر کي ڪِرندي، لڪڙي لک پيوس،
هرنا هٿ نہ هٽي، گينور ڪو نہ ڳڏياس.

ڪيهر شينهن کي ڪِرندي مهل، مصيبت جو منهن ڏسڻو پئجي ويو،(چيلهہ ۾ چُڪ پئجي ويئي) ۽ اُهو آزار ۾ پيو، پوءِ بہ هو هرڻن جو شڪار ڪو نہ ڪري، پر هاٿي هن کي ڪو نہ ڳڏيو.

هاٿي همت سين هٽي، هرنا هٿ نہ ڏي،
سامهون اچي جن ڪي، نهوڙي تن ني،
اِن ڪِهر ڪنان ڪي، پڳان ياڳين اُبهن.

هاٿيءَ کي همت سان هٽي ڪيرايو تو وجهي، ويچاري هرڻن کي ڪجهہ ڪو نہ تو چوي، جن جانورن کي سامهون ڳڏجي وجي تو، اُنهن کي اصل تباهہ ڪريو تو ڇڏي!اِن ڪيهرشينهن کان، کي پاڳن وارا، پيرن تي زور رکي، پجي بچي تا نڪرن.

ڪِهر ڳري لِڳ، جي هاٿيءَ جو هڏ گهرين،
پسي وڏو وڳ، جنبو جم نهاريين!

جي هاٿيءَ جو هڏ (عضوو) گهُرين تو، تہ وڃي ڪيهر شينهن سان دوستيءَ رک،(وجي ان جي گلي پئو) رولو ڪُتن (ڳدڙن) جو وڏو تولو ڏسي، متان انهن جو آسرو ڪرين!

جنبو تہ جونجهار، سينهن وڏي ئي ست سين،
ونڪو ويريين ويڙهيو، توءِ هٽائي هزار،
ڪَيسر ڪِلي وار، توگس نهاري گينورين.
ڪتو (ڳدڙ) پلي ڪيترو ئي پاڻ کي بهادر سڏائي،





www.sindhsalamat.com

پر شينهن وڏي همت وارو ٿئي ٿو، جي ونڪ ونڪ(قسم قسم) جا خونخوار جانور هن کي ويڙهي وجن، تڏهن بہ هو هزارن کي پڇائي ڪيندو آهي، ڪيهر شينهن لڙائيءَ مهل، صرف هاٿين جو ڏڳ وجي جهليندو آهي.

موران مانو نہ ٿئي، تازي جو توڙان،
هاٿي جي هيٺو وهي، توءِ گهڻ مُلهوگهوڙان.

جيڪو اصلي تازي گهوڙو هوندو آهي، اُهو منو يا پونير ٿيندو ئي ڪو نہ! پر هاٿي ڪٽي ڪيترو بہ هيٺو يا ڏبرو ٿي وجي، تڏهن بہ گهوڙن کان مُلهہ ۾ مهانگو ۽ گهڻو قيمتي هجي ٿو.

ڪڻ بورائو باز کي، ڳجهہ جي ڪج مَ ڳول،
ڊوڙ جنهن جي ڊونڊِ ڏي، رڻ ۾ وتي رول،
جو ڀهون پاري ٻول، سوهتان ڇڏ مَ شِڪرو.

باز کي پنهنجو سُونهون ۽ رهبر ڪري ڪڻ، تون ڳجهہ جي ڳولا ڪرڻ ڇڏي ڏي، ڳجهہ جي ڊوڙ سدائين ڊونڊ ڏي هوندي آهي ۽ اُها پئي ميدانن ۾ واجهائيندي ۽ رُلندي آهي، اُن شهباز کي هرگز هٿان نہ وڃاءِ، جيڪو پنهنجا ڪيل سمورا قول ۽ وچن، هر حالت ۾ پورا ڪري ٿو.

ڪڻ بورائو باز کي، ڳجهہ مَ ڳري لاءِ،
آهي اِن انڌيءَ جي، جِيفي پاسي جاءِ،
ڪاڃ اُهوئي ڪاءِ، هو جو قوت ڪِلاب جو.

باز کي سُونهون، رهبر ۽ اڳواڻ ڪري مڃ، ڳجهہ کي نڪو ڳل سان لڳاءِ ۽ نڪو ان کي ڳيراٽڙي پاءِ،انهيءَ انڌيءَ جي، رڳو جُوفي ۽ حرص واري پاسي ڏي ڊوڙ ۽ اُڏام آهي، ڪاڏو اُهو ئي ڪائي ٿي، جيڪو ڪُتن جو کِنو قوت آهي.

سگبان جي سينداريا، بچيا تي ٻهن،
قريا نہ فرمان کان، مُل نہ موتيئڙن،
ڪونهي ڏوهہ ڪتن،ڏاڪاريا ڏاڙهين تا.



ڪتا تنهن ڪري تا پونڪن، جو پالينڌڙ مالڪ، انهن کي سِيند ۾ بچون تو ڪري، اُهي مالڪ جي حڪم کان، ذرڙو بہ ڪو نہ هٽيا، انهن موتيئڙن (ڪُتڙن) جو مُلهہ ڪَتي بہ نہ ٿو سگهجي، ڪتن جو ڪو بہ ڏوهہ ڪونهي، چو جو اهي هُشڪار ڪرڻ تي، يعني ڇُڇُڪر يا ٻچ ڪرڻ تي ڏاڙهين تا.

ڪُتو طالب ڏُونڊ جو، اسين ڪتي ڪِيڙ،
ڇُهتي آهي ڇيڙ، ڪارايل جي ڪن ۾.

ڪُتو ڏُونڊ جو ڳولينڌڙ آهي ۽ اسين وري ان ڪتي جا ڪِيڙا آهيون، جيئن ڪاري ڪتي جي ڪن ۾، ڇِچڙِي ڇُهتيل هوندي آهي،(اسين تيئن آهيون).

ڪُتو ڪُرتي هڏيون، جوان مرد جگر ڪاءِ،
”الدنياجيفہ وطلابهاڪِلاب“.اِي هنيين سين لاءِ.

جيئن ڪتو هڏيون تو ڪُرتي، اي جوان مردا! تون ايئن پنهنجي جگر(غصي) کي ڪاءُ!“دنيا ڊونڊ آهي ۽ ان جو ڳولينڌڙ ڪتو آهي“. تون اها ڳالهہ پنهنجي هنيين سان هنداءِ.

ڪُتا! قريبن سين، ڪهڙو ڪريين ڪوڏ؟
هُوءِ جي چُونئي“بوڏ!“، تہ دران تون دور ٿيين.

(هتي عاشق جو اشارو پنهنجي پاڻ ڏانهن آهي) اي دوستن جي در جا ڪُتڙا! تون انهن سان ڪهڙي قسم جو پيا تو ڪرين؟ جي هُوءِ توکي چون تا ”ٻُڏي مرُ!“ تہ تون در ڇڏيو هليو تو وجين!

جني سندو آهيين، سي جي چُونئي ”ڦِٽ!“،
تہ ڪُتا! قريبن سين، پيري ٻڌ مَ ٻِٽ،
هُوءِ جي چُونئي“هِٽ!“، تہ ڪاٽيارو ٿين ڪُڙم ۾.

تون جنهن جو(پياسي) آهين، جي اهي توکي ”لعنت“ وارو لفظ چون، تہ اي دوستن جي در جا ڪُتڙا! تون انهن قريبن سان، هوڏ جو سنڌرو ٻڌي نہ ٻيهہ، جي هُو



www.sindhsalamat.com

توکي چون "هيٺ ٿيءُ!". تہ تون ڪاٺيارو ٿي پوندين ڪُڙم ۾.

جني سندو آهيين، سيئي چُونئي "هڙ!".
تہ ڪتا! قريبن سين، دعويٰ پئي مَ ڏڙ،
جني وِڏوءِ وڙ، وريو عاقي ٿئين ان سين.

تون جنهن جو (پنهنجو) آهين، جي اهي توکي "هُوڙها!" يا "هِش!". وارو دڙڪو ڏين، تہ اي دوستن جي در جا ڪُتڙا!تون انهن قريبن سان، دعويٰ جي زورآزمائي نہ ڪر، جن تو سان احسان منديءَ وارو وڙ ڪيو، وري نافرمان بہ ٿئين تو انهن جو!

جني سندو آهي، سي جي چُونس "آءُ!".
تہ لُڙ لهريون ۾ واءُ، ڪُتي سڀ قبوليا.

هي (قربدار) ڪُتڙو، جن مالڪن جو پنهنجو آهي، جيڪڏهن اهي، ان کي چون "هليو آءُ!". تہ گوڙ گهمسان، طوفان ۽ وڏيون چوليون، ڪتي کي سڀ قبول آهن.

اي ڪُتڙا! تون قربدار قريبن سان، سامهون سنڌرو ٻڌي نہ بيهہ، تون جن جو پنهنجو آهين، سي توکي چون تا "هيٺ ٿيءُ!". جن توکي ڏسڻ واريءَ اک ڏني، وريو نافرمان ٿئين تو انهن جو!

ڪتو چئي "قريب جا، آهيون ساڏ صحي،
پِهرين بات ٻِهي، پُڇون پوءِ پانڌين کي".

ڪتو چوي تو تہ ". اسين سهٽي سڄڻ جا، صفا صحي ۽ سچا ايماندار ( نوڪر) آهيون، اُٿندي شرط پهريان پَونڪون ٿا، ان کان پوءِ ڏسون ٿا تہ اِهي مسافرڪير آهن؟".

نڪين آهيون چُوهڙا، نڪين آهيون چور،
هاڳاما ۽ هور، ڪتا! ڪريين ڪن تي؟.

اسين نڪين آهيون چُوهڙ باز وانگر شڪاري ۽ نڪين آهيون ڪنهن جا چور، اي ڪتڙا! اهي هُل



هانگامان، هورا ڪورا ۽ حشريون، ڪنهن جي لاءِ؟ ۽ ڪنهن تي ٿو ڪرين؟.

کُهين تان آپ کُهُہ، ڏس مَ چُوهڙيان،
سندا آهيڙيان، آن نہ سهندي هتڙا.

(منهنجا محبوب پرين!) جي کُهڻ چاهين تہ تون پنهنجو پاڻ (پنهنجن هٿن سان) کُهُہ! شڪارين کي ڏس نہ ڏي، اهي جيڪي ماري آهن، آئون انهن جا هتڙا قطعي ڪو نہ سهندي!

ويٺي آهي واٽ تي، ڪُتِي ڪُتي وٽ،
پوتيون پانڌيئڙن جيون، چيريو ڪري چٽ،
جا گُلر ۾ گهٽ، سا پُونچي تي پُوريون ڪري.

(هي بيت خليفي نبي بخش "قاسم". لغاري جو آهي) ڪُتِي، پنهنجي ڪُتي سان گڏ، واٽ تي(گس جهليو ويٺي آهي، جيڪي پانڌيئڙا مسافر اچن وڃن ٿا، انهن جيون پوتيون ۽ ڪپڙا، چِيريو، ڦاڙيو، چٽ ڪريو ٿي ڇڏي، جيڪا پنهنجي گُلر ۾ گهٽ آهي،(بي بنيادي آهي) اُها پُونچي(ڪُتِي) جُنيون ڪريو ٿي ڇڏي!

جاڳايس جنبور، ڪُتي قريبن جي،
ٻِهي،ٻهڪي اُٿيو، گهڏي منجهان گهُور،
سڀ لاٿائين سُور، گري هن غريب جا.

قريبن جي جنبوري ڪتي،(پَونڪي پَونڪي) نيٺ منهنجي منٽري محبوبن کي جاڳائي وڌو، گهُور ننڊ مان گهلجي سهلجي، ٻهي پَونڪي اُٿيو، (منٽن محبوبن جي اُٿارڻ سان) مون گري غريب جا سڀ سُور لاهي ڇڏيائين.

ماٺ ڪِيو مارينس، ڪُڄُ پُڄُ ڪُتي سين ڪِينَ ڪِين،
پائي گٽ گِڄيءَ ۾، در دوستن ڪارينس،
سا پر سيڪارينس، جئن ٻهڻ کان بس ڪري.

ماٺ ڪيو پيو اُن ( نفس) کي مار، اِن ڪاري ڪُتي سان، ڪُڇڻ پُڇڻ ڇڏي ڏي، اِن کي گِڄيءَ ۾ توڙهو





www.sindhsalamat.com

وجهي، دوستن دي در ڏانهن پيو گھلينس، عادت اُها سيڪارينس، جيئن پَونڪڻ ڪان بس ڪري وجي.

شاهه جي رسالي ۾ شامل سُر“شينهن ڪيڏاري” ڪي، رسالي جو ڪلام سمجهيو ويو آهي. هن سُر جي پهرين داستان ۾، ڪيهر شينهن جي عادتن ۽ اُصولن جو احوال اوريل آهي. ٻئي داستان ۾ تازي گھوڙي، شڪري باز ۽ ڳجهن جي اصولن بابت بيان قلمبند ڪيل آهي. ٽئين ۽ آخري داستان ۾ وري ڪتي جي وفاداري ۽ بيوفائيءَ جو تقابلي جائزو پيش ڪيل آهي. جنهن مان انسان ذات جي لاءِ ڪيترائي نصيحت ڀريا ناياب گوهرگُل دستياب آهن. خصوصا آخري بيت ۾، ڪتي جي تمثيل سان، انساني نفس ڪي نيچو نوائڻ ۽ اُن ڪي ڳچيءَ ۾ ڳٽ پارائڻ جو حقيقي درس ڏنل آهي. هن سُر ڪي صحيح طور سمجهڻ سان، انسان پنهنجو آئيندو ۽ اڳوتر، بهتر نموني سان سنواري ۽ سينگاري سگھي ٿو.



## 33. سُر“هير رانجهي” جو فلسفو

“هير رانجهو” ٻن ڌار ڌار ٻولين جي لفظن جو مرڪب آهي.“هير” هندي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي“تتڙي هوا” يا“وٽندڙ هوا”. صفت ۾ “هير” لفظ جي معنيٰ ٿيندي“سُهڻي” ، “حَسين” ، “خوبصورت” ، “وٽندڙ” ۽ “دلپسند” وغيره. “رانجهو ، رانجها يا رانجهن” سرائيڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي “پيارو” يا “سهڻو” وغيره.

“هير” ذات جي سيال ۽ جهنگ شهر جي رهاڪو هئي ۽ “رانجهو” تخت هزارا شهر جي رئيس جو پٽ هيو، جيڪو جهنگ سيال ۾ هير تي عاشق ٿيو.

شاهه جي رسالي جي هن سُر ۾، جيڪي بيت يا ڏوهيڙا شامل ڪيا ويا آهن، انهن جو شاعر“نورنگ” نالي هڪ لغاري آهي، جيڪو ديري غازي خان جي پاسي جو وينل هيو. هنن بيتن ۾، سرائيڪي سُرن ۽ آلاپن جو استعمال ڪيل آهي. جن ۾ مجاز ۽ محبت جي دانائيءَ ۽ حڪمت جا موتي مڙهيل آهن. هڪ بيت ۾ هير فرمائي ٿي، “اي ميان رانجها! منهنجا تن ۽ من، محبت جي مامري ۾، اهڙيءَ ريت ٽڪڙا ٽڪڙا ٿيل آهن، جهڙيءَ ريت درزيءَ، ڪپڙي ڪي ڪتي، ان جون ليرون ليرون ڪري ڇڏيندو آهي، آئون انهن ليرن(ٽڪڙن) مان ڪفني سبائيندس، پوءِ اها ڪفني پائي، ڦيريدار فقيرن سان گڏ، تنهنجي ڳولا ۾ پئي ڦرنديس. اي منهنجا رانجهن سائين!منهنجي لاءِ ته تو جهڙو، هن جهان ۾ ٻيو ڪو سهڻو ڪو نه آهي، پر مون جهڙيون تنهنجي لاءِ لکين لک هيرون حاضر آهن”.

اسان لوڪان دي ڪاڻ نہ ڪائي، لوڪ اسان تون وڳي،
ٻڪري وانگي آپ ڪُهايوسي، ٻي قدران دي اڳي ،
ڪڍ ڪتاب قاضي! ڪول مسئلا ، “عشق شرع ڪيا لڳي”؟





www.sindhsalamat.com

راڳ جي لحاظ سان، هن سُر جو نالو "هير" آهي. پنجاب ۾، "سُر هير" هڪ مخصوص لئي ۾ سُر ۾ ڳائجي ٿي. سنڌ ۾ فقير گهڻو ڪري هن سُر کي، "سُر مانجهه" ۾ ڳائيندا آهن. "هير" جي موضوع جون ڪافيون "سُر جوڳ" ۾ بہ ڳايون وڃن ٿيون.

هي شاهه جي رسالي جو ٽيٽيهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 35 بيت، 12 وايون ۽ 2 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " رانجهن والا زهر پيالا، ڳُجهڙي آيم ياچي " ۽ آخري وائي " دارون ڪيتي لاوان؟ وي ميان! مين در در رانجهن دي سينڌي" آهي.

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

مَردي آن، مَرويسان رانجهن!مين، تون هير سڏيسين ڪين ٿون؟
تيڏا شوق نال منجهين دي، چوٽڪ لائيئي مَين ٿون،
ڳلِي اساڏي آ ميان رانجها! ول ول تاءِ نہ مينون،
تو جيها مينون اور نہ ڪوئي، مَئن جيهيان لک ٿينون.

اي منهنجا رانجهن سائين! منهنجو ساهه تو نڪري، آئون مري ونديس، مون کان پوءِ تون "هير" سڏيندين ڪنهن کي؟ تنهنجو سمورو شوق ۽ ڏيان، مينهن چارڻ سان آهي، مون کي تہ محبت جو مچ ۽ الفت جو آڙاهہ لڳائي ڇڏيو اٿئي، اي منهنجا رانجهن سائين! ڪڏهن اسان جي ڳلِيءَ ۾ اچي ڦيرو ڪري وڃ، مون کي هر هر ايئن نہ ساڙ ۽ نہ جلاءِ، تو جهڙو منهنجي لئي ٻيو ڪير بہ نہ آهي، پر مون جهڙيون لک آهن تنهنجي لئي.

تن پي ٽُڪڙا، من پي ٽُڪڙا، جِيُون درزيان ديان لِيران،
اِين لِيران جُون ڪفنِي سِيسان، چلسان نال فقيران،
تو جيها رانجها! اور نہ ڪو ئي، مَئن جيهيان لک هِيران.

منهنجو تن بہ ٽُڪڙا ٽُڪڙا ۽ من بہ ٽُڪڙا ٽُڪڙا آهي، جهڙيءَ ريت، درزين جون ڪٽيل ڪپڙي جون لِيرون هونديون آهن، آئون انهن (ڪٽيل) لِيرن مان ڪفنِي(ننڍڙي



چوليءَ) سِبنديس ۽ گدائي فقيرن سان گڏ پئي هلنديس، اي منهنجا منٺڙا رانجهن سائين! تو جهڙو سهڻو هن جهانَ ۾ ٻيو ڪير بہ ڪونهي، پر مون جهڙيون لکين لک ٻيون ٻانهيون (هيرون) آهن.

رانجهن هووي بحري شقرا، مئن بن بن طعاما ٿيوان،
ڪري ڪُلاتا لي جاوي، مينون ڪاوي تان مئن جيوان.

منهنجو منٺڙو رانجهن، بحري باز هجي، آئون وري وري پئي خوراڪ ٿيان، هُو مون تي حملو ڪري، مون کي جهڙپ ڏيئي جهٽي، هُو مون کي کائي تہ آئون پئي جِيئان.

چوٽي چُوٽي مک نہ دلبر! چوڙ تہ هوون سادي،
ڏون نيٽان دي ويکڻ ڪيتي، وسيهر نانگ وراڏي،
جي پَني،سي پچ چُٽي، اَئون جي ڪڙي، سي ڪاڏي!

منهنجا منٺڙا دلبر سائين! پنهنجن وارن جا چوٽا، تيل ڦُليل سان نہ مک، ڇڏي ڏي تہ اهي پل هجن سادا ۽ رُکا، ٻن نيٽن جي نهارڻ خاطر، اِهي آهن شوخ ۽ ڏمريل نانگ زهريلا. جيڪي پورا تي پڳا، سي پچي چُٽا ۽ جيڪي ٻيهي رهيا، اُهي ڪَرڙجي ۽ ڪاٽجِي ويا.

داغ درونِي،سَوز ماهي دا، گهن قبر وچ ويسان،
سيج ڪيڙي دي مُور نہ ماٽا، جي وچ دوزخ سڙسان،
مُنڪر تي نڪيراگون، مئن حرف اِهو گهن پڙهسان،
"جي شهه رانجها مين نون ميلو، جو شهه آکيا ڪرسان"،
رُخصت ٻاجهون يار ماهي دي، وچ جنت نا وڙسان.

منٺڙي ماهي جي سڪ ۽ سَوز جو، اندروني گهائُو داغ کڻي، آئون قبر جي اندر داخل ٿي ويندي، ڪيڙي جي سيج مُور نہ ماٽيندي، توڙي جو دوزخ جي اندر اُجلائِي ويندي، مُنڪر ۽ نڪير جي اڳيان، آئون حرف اهو هڪڙو وني پڙهندي، "جي شاهه رانجهن مون کي ملايو، تہ پوءِ جيئن شاهه فرمايو، آئون اُوئين ئي ڪندي"، يار ماهيءَ جي رخصت ۽ اجازت کان سواءِ، آئون جنت جي اندر قطعي ڪو نہ ويندي!


www.sindhsalamat.com

ڪڏ نه ڪاتِي،ڏي نه ڏڙڪا،مئن ڪُسڻ قبول ڪريسان،
ماهِي ڪِيتي مرڻ قبوليا، ڪيتريان مُول نه ويسان،
جي ميان رانجها سڏ ڪريسي،ڪُنڙيائي سڏ ڏيسان.

ڪاتِي ڪڍِي نه ڏيکار، ڏڙڪا نه ڏي، آئون ته ڪُسڻ قبول ڪندي، ماهِي خاطر، مون مرڻ قبوليو آهي، ڪيتري ڏي مُور نه ويندي! جي ميان رانجهن مون کي سڏ ڪندو، ته آئون ڪُنڙي ئي سڏ ڏيندي.

سُڻ ميان رانجها! هڪ اساڏي ، "ڦيرا ڀاءِ ڪڏاهين،
آئي هي رُت ماه سانوڻ دي، چُليان ڦُلڻ وائين،
مُنهن ويکڻ ڪون اکيان سِڪن، ڳل لڳڻ ڪون ٻانهين.

اي ميان رانجهن سائين! هڪ ڳالهه اسان جي ٻُڌ! " ڪڏهن ڦيرو ڪري وڃ، موسم ماه سانوڻ جي موٽي آئي آهي، ڳُلن ڦُلن جون هوائون ڳڏو ڳڏ ڳُهُليون آهن، تنهنجي منهن ڏسڻ لئي اکڙيون سِڪن ٿيون ۽ ڳل ڳيراٽڙين لاءِ ٻيئي ٻانهون".

شاه جي رسالي جي، هن سرائيڪي سُر ۾، شاعر نورنگ فقير لغاريءَ جا، اهڙا ته درديلا ۽ فراق ۾ پوتل دوهيڙا شامل ڪيل آهن، جو پڙهندڙ کي، پنهنجو جوڀن ۽ جوانيءَ وارو وسريل زمانو وري ياد اچي وڃي ٿو. "بڪري وانگي آپ ڪُهايوسي، بيقدران دي اڳي" ، "نال پنبڙيان دي ڏاڳي وٺيي، هار هنجهون دا پوتا" ، "ڪالا ناڳ تنهان ڪُون ڪاوي، جِنهان دليان دوست وساريي" وغيره. هن سُر ۾ شامل ڪلام، شاه صاحب جو ڪلام ڪو نه آهي، البت شاه جو رسالو ترتيب ڏيڻ مهل، هن سُر کي جو شامل ڪيو ويو، ته هاڻي اهو سُر، چٽيهه سُرن واري شاه جي رسالي جي سُونهن ٿيندو رهي ٿو. جنهن مان پريت جي پياسين جِي، پياس اُجهائڻ ۾، ڪافي مدد ملندي رهي ٿي.



## 34. سُر"ٻيراڳ هندي"جو فلسفو

"ٻَيراڳ هندي"ٻن ڏار ڏار لفظن جو مرڪب آهي، اهي ٻيئي لفظ سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل آهن. "ٻَيراڳ"لفظ جي لغوي معنيٰ آهي"ويراڳ" ، "سنياس" ، "غمگيني" ، "اُداسائي" ، "مايوسي" يا "وڇوڙو" وغيره. "هندي" لفظ جي لغوي معنيٰ آهي "هندوستان وارو". ٻنهيءَ لفظن کي ملائي، هڪڙو لفظ ٺاهبو ته ان جي معنيٰ ٿيندي "هندوستاني ويراڳ". هن سُر ۾ ڪيترن ئي شاعرن جا دوها ۽ بيت شامل آهن.جيڪي ويراڳ ۽ وڇوڙي واري مذڪور کي منور ڪن ٿا. البت انهن دوهن ۾، نصيحتن ۽ پچن جو وڏو پندار پريل آهي. "مورک ڪو متيان ديتي، گيان ڪاٿا جاءِ ، ڪوئلا ڪيون نه اُجلي، جي سَو من صابن لاءِ." جڏهن هن سُر جي درديلي ۽ ويراڳي دوهن تي ايندا سين ته انهن جو رس ۽ چس ئي ٻيو ۽ اُور نموني جو آهي.

ساجن هماري پاس رهي، دن ٿوڙي دس بيس،
ايڪ ايڪ هووي لاک برس ڪا، ايسي هوون دن تيس.
ڪاگر توڙا،نينهن گهٽا، مس سُون لکا نه جائي،
ساگر ڪا پاني، گهاگهر ۾ نه سمائي.

هڪ دوهي جي معنيٰ آهي ته " چمار جي گهر چندن جو ٻُوٽو اُڱيو(پيدا ٿيو) ، ته چمار ان تي هر هر وڃيو چمڙو (چوڙو) ٽنگي. چندن ويچارو ڇا ڪري؟ جو هاڻي ته هن جو نيچ ماڻهوءَ سان ڪم ڦاسي ويو آهي". اها انسان جي لاءِ، هڪ وڏي نصيحت آهي ته اگر انسان ڪنهن خراب (ڪُڪرمي) ماڻهوءَ سان دوستي رکندو يا نيچ ماڻهوءَ سان نينهن لڳائيندو ته ان تي به اهڙو ئي اثر ٿي ويندو ۽ اهو هر هر پيو ان وٽ بيمانو ٿيندو.

راڳ جي لحاظ سان، سُر"ٻَيراڳ هندي" اُهو سُر آهي، جنهن ۾ ويراڳ( يعني برهه ۽ وڇوڙي) وارا درديلا آلاپ



www.sindhsalamat.com

اُچارجن ۾ ڳائجن ٿا. "بيراڳ هندي" شاھ جي رسالي جو چوٿيهون نمبرسُر آهي، جنهن ۾ 161 بيت، 10 وايون ۽ 4 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " پَک نهين، پانور نهين، پَهُچ نهين، پِيَّ دور" ۽ آخري وائي " ايک هي رَين رهو بابو ! دوجي رات رهو" آهي.

**بيت ۽ انهن جون سمجهاڻيون**

پک نهين،پاور نهين،پَهُچ نهين، پِيَّہ دُور،
اُڏر نہ سڪان سکيان! مران سُور بَسُور.

مون کي کنڀ بہ نہ آهن، طاقت ۽ زور بہ ڪونهي، پهچڻ جو وسيلو بہ ناهي ۽ منهنجو پيارو پرينءُ بہ دور رهي ٿو، اي منهنجيون سهٽيون سرتيون! آئون اُڏامي بہ نہ ٿي سگهان، بس سورن مٿان سور سهيو پئي ڦٿڪان.

ساجن گئي، دو دن پئي، مين جانو ورس پچاس،
پولي پچي پندتان، "دن مين ڪتني ماس؟".

منهنجو سهڻو ساجن هليو ويو، جنهن کي بہ ٿي ڏينهن ٿيا آهن، آئون سمجهان ٿي تہ پُورا پنجاهہ سال گذري چڪا آهن، آئون بيوَقوفن وانگر پندتن کان پڇندي وتان تہ، " هڪڙي ڏينهن ۾ ڪيترا مهينا ٿيندا آهن؟".

چمار ڪي گهر چندن گيا، نِت نِت ٿانکي چام،
چندن بچارا ڪيا ڪري؟ جب چرا نيچ سين ڪام.

چمار(ڍيڍ) جي گهر(اڱڻ تي) چندن جو ٻُوٽو اُگيو، (جميو يا پيدا ٿيو) چمار اُن چندن جي ٻُوٽي تي، وري وري وڃيو چوڙو ٽنگي، چندن ويچارو ڇا ڪري؟ ڇو جو هاڻي تہ هُن جو نيچ (ڪم ذات) سان واسطو پئجي ويو آهي.

پي پي ڪر نہ پپيها! پيَہ ڪا نام نہ لي،
مت ڪو وادي هو برهہ ڪا، جو پيّ سُني جيءُ دي.

اي پپيها! تون هر هر "پِي پِي" نہ ڪر، منهنجي پيَہ جو نالو نہ وٺ!متان ڪو برهہ جو بيمار هجي؟ جيڪو پِي جي ٻولي ٻُڌي ۽ سندس ساهہ نڪري وڃي.



بِرهہ بُرا مت ڪو ڪهي، برهہ هئي سُلطان،
جس گهٽ برهہ نہ سپجي، او گهٽ هئي مسان.

عشق ڪي خراب ڪير بہ نہ سمجهي، عشق آهي سراسر سُلطان(بادشاھ)،جنهن جاءِ تي عشق ۽ پيار ڏسڻ ۾ نہ اچي، سمجهو تہ اُها جاءِ، قِتل قبرآستان آهي.

مرنا مرنا هر ڪوئي ڪهي، مرِي نہ جاني ڪوءِ،
ايک وار ايسا مرئي، جو قُر نا مرنا هوءِ.

مرڻ جون ڳالهيون تہ هر ڪو ئي ڪري ٿو، پر ڪير بہ مري ڪو نہ ٿو ڄاڻي، هڪ دفعو اهڙي ريت مري وڃجي، (من کي ماري ڇڏيو) جو پوءِ وري (اوهان ڪي) مرڻو ئي نہ پوي.

ساجن ميرا ايک هئي، دوجا ڪرون نہ ڪوءِ،
دوجا ساجن تب ڪرون، جب ڪل دوجي هوءِ.

منهنجو سهڻو ساجن تہ هڪڙو ئي آهي، آئون ٻيو ڪو بہ (ساجن) ڪو نہ ڪندي، ٻيو ساجن تڏهن ڪريان، جڏهن خيال ڪو ٻيو پيدا ٿئي.

سب جگ باندا ڪاچي ڌاڳي، ڪو ئي ورلا چُوٽا،
اَوجهڙ چليا سو گام پهتا، راهہ چليا سو لُوٽا.

سارو جگ جهان ڪچي ڌاڳي ۾ ٻڌو (پوتو) پيو آهي، ڪو ورلي اُن مان آزاد ۽ ڇُٽل هوندو، جيڪو اوجهڙ مان ويندو،سو منزل ماڻيندو، جيڪو سڌو ۽ شاهيءَ رستو وٺندو، سو لُٽجي ۽ ڦرجي ويندو.

ساجن هماري پاس رهي، دن ٿوڙي دس بيس،
ايک ايک لاک برس ڪا، اَيسي هوون دن تِيس.

سهڻو ساجن، اسان وٽ ٿِڪِي(رهي) پوي، فقط ٿورڙا ڏهہ ويهہ ڏينهن، هڪ هڪ (ڏينهن) هجي لک سالن جو، اهڙا هجن صرف ٽيهہ ڏينهن.

پيتم! پريت لڳاءِ ڪي، ديسان دور نہ جاءِ،
رهُ هماري نگري ، مَين مانگون تم ڪاءِ.


www.sindhsalamat.com

منهنجا پيارا پريتم!تون نينهن لڳائي، ملڪ ڇڏي پري پرديس هليو نه وڃ، تون اسان جي پر (آس پاس) ۾ رهي پئو، آئون ڳداگريءَ ڪري اچان، تون ويهي کاءِ.

پيتم! اَيسي پريت ڪرو، جيسي ڪڪ مسيت،
لاتون سات لتاڙيي، چوڙون ناه پريت.

منهنجا پيارا پريتم! تون اهڙي پريت ڪر، جيئن مسيت جو ڪڪ ڪري ٿو، جيڪو لتن سان پيو لتاڙجي، پر پريت جو نالو ئي نٿو ڇڏي.

پيتم! اَيسي پريت ڪرو، جَيسي ورک ڪرن،
آپ جلن سر ڌوپ ۾، اَوران ڇان ڪرن.

منهنجا پيارا پريتم! تون اهڙي پريت ڪر، جيئن وڻ ۽ ٻوٽا ڪن ٿا، هو پاڻ سڄو ڏينهن سراسر اُس ۾ سڙن ٿا، پر ٻين کي ڇانهن ڪندا آهن.

ڪبيرا! ڪل جُڳ پڙا، ساڌو بني نه ڪوءِ،
ڪامي،ڪروڌي،مسڪرا، تس ڪي پوجا هوءِ.

اي ڪبيرا! هي ڪل جُڳ پيو هلي، هن(جُڳ) ۾ سچار ۽ انسان دوست ٿيڻ لاءِ ڪير به تيار ڪونهي، جيڪي پاپي، فسادي، ڪُڪرمي ۽ مشڪرا آهن، انهن جي حاضري، خدمت ۽ ٻلي!ٻلي! پئي پوي.

ساڌوچليا، نڳ رهيا، نڳ پي چلڻهار،
آئي اُسي ڪي وار، جو ساچي ڪون جهوٽا ڪهي.

سچار ۽ انسان دوست ماڻهو ختم ٿي ويا آهن، فقط نڳ رهجي ويا آهن، هاڻي ته نڳ به وڃڻ وارا آهن، هاڻي انهن کي وارو مليو ويو آهي، جيڪي سڄو ڏينهن ٻين کي ڪُوڙو چوندا وتن.

سُپنا! تم جُونا هئي، جُونا سارا انيڪ،
جب سوئون تب دو جني، جب اُونون تب ايڪ.

اي ننڊ ۾ ڏٺل خواب! تون بلڪل ڪوڙو آهين، بلڪِ سڄو سمورو سراسر ڪوڙو آهين، جڏهن سمهان ٿو، ته



(خواب ۾) ٻه ڄڻا هوندا آهيون، جڏهن جاڳان ٿو ته هڪڙو هوندو آهيان.

سُپنا! تم سلطان هو، اُتم تيري ذات،
سَو ڪوهين ساجن بسي، مُجهه آڻ ملاوي رات.

اي ننڊ ۾ ڏٺل سهڻا سُپنا! تون سراسر سلطان ۽ بادشاهه آهين، تنهنجي اعليٰ ۽ اُوچي ذات آهي، منهنجو سهڻو ساجن، سَو ڪوهين دُور وسي ٿو، مون کي راتورات آڻي ملائيندو آهين.

ساڌو کي سنگت ڀلي، ٻن مورک ڪا اخلاص،
ساڌو ماري گُن ڪري، دل ۾ ڪري تپاس.

سچي ۽ انسان دوست ماڻهو جي صحبت ڀلي، مُورک، جاهل ۽ بيوقوف ماڻهوءَ جو اخلاق ڪڏ ۾ پوي! سچو (انسان) ماريندو ته به گُڻ ڪندو، دل ۾ سوچي ويچاري پوءِ ايئن ڪندو.

ساچي جڳ راچي نهين، جُونا مٽي نه رام،
ڪهو ڪبيرا! ڪَيسي بنون؟ دونون پياري ڪام.

سچار ماڻهو، جڳ جهان کي وڻن نه ٿا، وري ڪُوڙا ماڻهو، خدا کي بهتر نٿا لڳن، اي ڪبيرا! صلاح ڏي ته آئون ڪهڙو ٿيان؟ ڪم ته ٻيئي ڳرا آهن.

سانچ برابر تپ نهين، جُوٺ برابر پاپ،
نانڪ! جس هردي سچ بسي،اُس ڪي هردي آپ.

سچ جي برابر ڪا به عبادت ڪانهي، ۽ ڪُوڙ جي برابر ڪو به گُناهه! اي "نانڪ!" جنهن جي دل ۾ سچ هجي ٿو، اُن جي من ۾ مالڪ پاڻ وسي ٿو.

تُم داتا،جڳ منگتا، تيري بڙي بلي دربار،
تُم قلندر،ڪُل ڪا ڏني، هم پل پل ڪرون پُڪار.

تون ڏيهن جو ڏاتار آهين، جهان سارو توڪان طلبيندڙ آهي، تنهنجي درباربيشڪ! وڏي ۽ طاقت واري آهي، تون قلندر کي به ڏيڻ وارو مالڪ ۽ سيني جو صاحب آهين،اسين





www.sindhsalamat.com

پل پل توکي پڪاريندڙ آهيون.

آٺ پهر، چَوسٺ گهڙيءَ لوهُو برست نين،
"سمن". برچي پريم کي، جب لاگي تب چَين.

انئي پهر ۽ چوهٺ گهڙيون، منهنجا نيڻ رت جا ڳوڙها ڳاڙيندا رهندا آهن، اي "سمن!" جڏهن پريم جي برڇي لڳي ويئي، تڏهن مون کان چَين هليو ويو.

ڪاغذ نهين،ڪ مس نهين، ڪ ديس تمهاري ريت؟
لکڻ سُون آرس پيا، ڪ گهٽ مان گئي پريت؟

ڪاغذ ڪونهي؟ يا مس ڪونهي؟ يا توهان جي مُلڪ وارن جي اها رسم آهي؟ (خط) لکڻ کان سُستِي چڙهيل آهي، يا مورڳو اوهان جي علائقي مان، پريت ئي موڪلائي ويئي آهي؟

ڌرتي سب ڪاغذ ڪرون، ليکڻ ڪرون ونراهه،
سارا سمندرمس ڪرون، تان ايڪ گُن لکيانہ جاءِ.

ساري ڌرتيءَ کي ڪاغذ ڪريان ۽ قلم ڪريان سارا وڻ ۽ ٻيلا، سمونڊر سمورا مس ڪريان، تڏهن بہ تنهنجو هڪ گُڻ لکي پورو ڪري نہ ٿو سگهجي.

دادو!دعويٰ چوڙ دي، تہ هووي خير ڪا خير،
نہ ڪسي کي دوستي، نہ ڪسي ڪا بير.

اي"دادو!" تون(حرص و هوا جي) دعويٰ ئي ڇڏي ڏي، تہ ٿئي هر ڪنهن جو خير، نہ ڪنهن سان رهي تنهنجي دوستي، نہ ڪنهن سان تنهنجو وير.

ساڌ سڏاوڻ ڪٺن هئي، مت ڪوئي ساڌ سڏاءِ،
ساڌو تب سڏائيي، جب جيتا هي مر جاءِ.

ساڌو سڏائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، متان ڪو ساڌو سڏائي، ساڌو تڏهن سڏائڻ گهرجي، جڏهن جئري ئي مري وڃجي.

سجن پي بهوت، نالي ملي انيڪ،
جس ديکي چاتي ٺري، سو لاکن ۾ ايڪ.



سڄڻ بہ گهڻا ئي آهن، نالا ملن ٿا بيشمار، جنهن جي ديدار سان دلڙي ٺري پوي، سو لکن ۾ ڪو هڪڙو هوندو آهي.

ڏن ڏن مڙهي ساڌو ڪي، جس ۾ اُنت بينت رام،
اور منک سُون ڪر پلاءِ جو هينگ بتاوي گام.

ساڌو جي مڙهي تہ ٻلي! ٻلي! جنهن ۾ اٺدي ويهندي "رام! رام!" پئي پوي، اهڙن ماڻهن کان تہ گڏهہ ڀلو آهي، جيڪو هينگ سان منزل جو ڏس ڏئي ٿو.

نہ من هلي، نہ مالا هلي، نہ مک سي بولي رام،
انتر کي گٺ لگ رهي، تو ڪيا بڪن سين ڪام؟

نڪو من هلي ٿو، نڪو تسبيح ڦري ٿي، نڪو منهن منجهان مالڪ جو نالو ٿو ونجي، جيڪڏهن اندر جِي ڳنڍ لڳل رهي، تہ "مڻ مڻ" ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو؟

بلبل رووي رين دن، ڪهان پئي گلزار؟
اُن ڪُون قيامت آج هَي،جِن ڪُون بڇڙي يار.

بلبل ويچاريءَ رات ڏينهن روئي ٿي، تہ "گل و گلزار ڪٿي آهن؟"، انهن جي لاءِ تہ اڄ ئي قيامت آهي، جن جا يار وڇڙي ويا آهن.

ڪوا! سب تو ڪائيي، چُن چُن ڪائيي ماس،
دو نينان مت ڪائيي، پيا ملن ڪي آس.

اي ڪانگلڙا! منهنجو سڀ ڪجھ تون ڪائي ڇڏ، چوندي چوندي ماس کاءُ، منهنجا بہ نيڻ نہ کائجانءِ، (چو جو انهن کي،پياري پرينءَ ملڻ جي آس آهي.

ڪاڳر توڙا، نينهن گهٽا، مس سون لکا نہ جاءِ،
چاڳر ڪا پاني، گاڳهر ۾ نہ سماءِ.

ڪاغذ تورڙا آهن، نينهن گهڻو آهي، جيڪو مس سان لکي پورو ڪري نٿو سگهجي، جيئن سمونڊر جو پاڻي، دلي ۾ نٿو سمائي سگهجي.


www.sindhsalamat.com

جل ٿوڙا،نينهن گهٽا، لڳا پريم ڪا ٻاڻ،
”پيتم! پيتم!“ ڪر رهي، اس پر گيا پراڻ.

سمونڊ جو پاڻيءَ ٿورڙو آهي، نينهن گهڻو آهي، مون کي اهڙو پريم جو ڦهري ڪانءُ لڳو آهي،”پريتم! پريتم!“ڪندي ڪندي، ان تي منهنجو ساهه هليو ويو آهي.

آهه ڪرون تان جر جلي، مُشڪ جهنگل جل جاءِ،
پاپي جيوڙا نہ جلي، جس ۾ آهه سماءِ.

آهه ڪيان تہ سمونڊ جو پاڻي ٻڙڪي وڃي، جي ٿورڙو مسڪرايان، تہ جهنگل ۾ ٻيلا سڀ ٻري وڃن، هيءُ منهنجو پاپيءَ جيوڙو (جسم) نٿو جلي، جنهن ۾ اها آهه سمايل آهي.

”ڪبير!“ ڪوني ڪاٺ ڪي، آگ لڳي چوڌار،
مَهه پڙيا،سو او ڳريا، چليا ديڪٽهار.

اي ”ڪبير!“ (هي دنيا ايئن آهي،جيئن) ڪاٺ جي ڪاهيل ڪوني، جنهن کي چوڌاريءَ باهه لڳل هجي، جيڪو بہ (سامان) اندر آهي، اهو سڙي پيو، ڏسڻ وارا ڏسيو پيا وڃن.

چَڪِي ڦرتي ديک ڪر، ڪڙا ڪبيرا روءِ،
دو پڙان ڪي بيچ ۾، ساجا رهيا نہ ڪوءِ.

چڪيءَ کي ڦرندو ڏسي، ڪبير روئي ٻينٺو، (سوچي ٿو تہ) پٽر جي ٻن پڙن درميان، ڪو بہ (داڻو) سڄو سلامت ڪو نہ رهيو.

چَڪي ڦرتي ديک ڪر، مت ڪبيرا! رو،
جس ني ڪوتا پڪڙا پريم ڪا، ساجا رهيا سو.

اي ڪبير! چڪيءَ کي ڦرندو ڏسي، ڪو ئي غم نہ ڪر، جنهن (داڻي) پريم (ڪِيل) جو پاسو مظبوط ڪري جهليو، سو صحيح سلامت رهندو.

پيتم! پريت اڇا ڪي لائي، تو دک پاءِ،
سيوا ڪري ٻبول ڪي، انب ڪهان سون کاءِ؟

اي پريتم! تون مرضيءَ جي محبت ڪندين، تہ دک



پائيندين، پوڄا (خدمت) ڪندين ٻٻر جي، تہ انب ڪٿان کائيندين؟

چندن! تيري باس ۾، موهي سڀ ٻنراهه،
جَيسي تَيسي لاڪڙي، تيري نام بڪاءِ.

اي چندن! تنهنجيءَ خوشبوءِ ۾، سارا وڻ ۽ جهنگل واسجي ويا آهن، هاڻي جهڙي تهڙي ڪاٺڙي، تنهنجي نالي تي پئي وڪامجي.

ساڌو! جهنگل ڪيا ڦرتا هئي؟ جهنگل پاسي ڏوڙ،
اُوپرچمڙي پيچ رهي، انتر ڪُوڙا ڪُوڙ.

اي ساڌو! تون جهنگل ۾ ڇا جي لاءِ پيو ڦرين؟ جهنگل ۾ تہ ڪجهہ بہ ڪو نہ رکيو اهي، تنهنجيءَ مٿان مٿان چمڙيءَ پئي چمڪي، اندر ۾ تہ ڪُوڙو ڪُوڙ لڳو پيو آهين.

مُورک ڪُون مٽيان ديني، ڳيانءُ ڪاٿا جاءِ،
ڪوئلا ڪيُون نہ اُجلي، جي سَو من صابڻ لاءِ.

مورک ماڻُوءَ کي نصيحت ڪرڻ سان، اخلاق برباد ٿئي ٿو، (جيئن) ڪارو ڪوئلو ڪڏهن بہ سفيد نٿو ٿئي، توڙي جو سَو مڻ صابڻ سان ڪٽي ڌوئجي.

جانت ڪُون سڀ دُک هَي، اَجانت ڪُون سُکرام،
مورک بچارا ڪيا ڪري؟ جو پيٽ ڀرن سين ڪام.

ڄاڻ کي سڀ ڏک آهن، ٻي سمجهہ کي سڀ سک، مورک ويچارو ڇا ڪري؟ جنهن جو رڳو پيٽ ڀرڻ سان ئي ڪم آهي.

بُرو قاصد! ميرا نامہ، سجن ڪُون روبرو ديجو،
اگر احوال پوڇي، تو تم جلدي سي رو ديجو.

اي قاصد! منهنجو خطڙو، وڃي سهڻي سڄڻ کي روبرو (هٿوهٿ) ڏجانءِ، اگر هُو منهنجو احوال پڇي، تہ تون جلديءَ ۾ روئي ڏجانءِ.

چندن پاس اُرُو ڪرا، او پي چندن هوءِ،
سُڪي ڪاٺي سَرڪنڊ جِي، واس نہ چڙهي توءِ.





www.sindhsalamat.com

چندن جِي پر ۾، اَرُو جو ٻُوٽو ڦُٽيو، اهو بہ چندن وانگر (سُرهوءِ خوشبوءِدار) ٿي پيو، سَرڪنڊ جي ڪاني، ڀلي سُڪي هجي، تہ بہ اها خوشبوءِ ختم ڪو نہ ڪندي آهي.

من ڪي مت،مت چليي، من اوران سون لي جاءِ،
من ڪون اِيو ماريي، جيون ٽوڪ ٽاڪ هو جاءِ.

من جي خواهشن تي متان هلو! من بہ ٻئي پاسي وٺي هليو ٿو وڃي، پنهنجي من کي اهڙيءَ ريت ماري ڇڏيو، جو ٽوٽا ٽڪرا ٿي پوي.

چاکن ۾ سڀ ڪڄ هَي، ديکن ۾ ڪڄ ناهہ،
ڪبيرا! اونر عجب هَي، جو ديک چاک رک جاءِ.

چکڻ ۾ سڀ ڪجھ آهي، ڏسڻ ۾ ڪجھ بہ ڪو نہ آهي، اي ڪبيرا! اهو عجيب انسان آهي، جيڪو ڏسڻ ۽ چکڻ ٻيئي ڇڏي ڏي.

پٿر پُوجي، هر ملي، مئن پوجان پهاڙ،
اُس پٿر سون چکي ڀلي، پيس کائي سنسار.

جي پٿر جِي پوجا ڪرڻ سان مالڪ ملي، تہ آئون پهاڙ جي پوجا ڪريان، ان پٿر کان تہ چڪي ڀلي آهي، جنهن سان اَن کي پيهي، سنسار سڄو کائي ٿو.

بهتا پاني نرملا، باندا گندا هوءِ،
سامي تو رمتا ڀلا، داغ نہ لڳي ڪوءِ.

وهندڙ پاڻيءَ تازو ۽ ڀلو هوندو آهي، بيٺل پاڻيءَ بدبوءِدار ۽ گندو ٿي ويندو آهي، سامي فقير هلندڙ سهڻو لڳي ٿو، جنهن کي ڪو بہ داغ نہ لڳندو آهي.

سُر“ٻَيراڳ هندي” جي، برهہ ۾ بيتاب بيتن کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ، هن سُر ۾ شامل ڪلام، شاهہ صاحب جو شعر ڪو نہ آهي. بلڪِ مختلف شاعرن جا بيت ۽ دوها داخل ٿيل آهن. انهن بيتن، دوهن ۽ واين ۾، جيڪو درد سمايل آهي، اُهو پنهنجو مثال پاڻ آهي. “ٻُرو قاصدا! ميرا نامہ، سڄن کُون روبرو ديجو، اگر احوال پوڇي، تو تم جلدي سي رو ديجو”.علاوه هن سُر ۾، ڪيترائي نصيحت ۽ هدايت ڪرڻ وارا اشعار آويزان آهن. “ساڌو ڪي سنگت ڀلي، بن مورک کا اخلاص، ساڌو ماري گُن ڪري، دل ۾ ڪري تپاس” ، “ چندن پاس اَرُو ڪرا، او ڀي چندن هوءِ”. يعني چڱي جي صحبت انسان کي چڱو بنائي ٿي ڇڏي.

اسان سُر “ ٻيراڳ هنديءَ” جي، هر هڪ بيت ۽ دوهي کي، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي، هتي ڪوشش نہ ڪئي آهي، طوالت سببان، چونڊ ڪلام جي شرح ۽ سمجهاڻيءَ کي شامل ڪري، شيخ اياز جي شعر وانگر، هن سُر کي مڪمل ڪيو ويو آهي تہ“ هِي پيار ڪٽا، ٿورا بہ گهٽا، ڪئي آهِ پني مون پورت لوڪو! ڪجھ شاهہ ڏني، ڪجھ شيخ ڏني، هن سنڌڙيءَ کي صورت لوڪو!”.



www.sindhsalamat.com

## 35. سُر "ڏول ماروي" جو فلسفو

"ڏول ماروي" ٻن ڌار ڌار اسمن جو مرڪب لفظ آهي. اهي ٻيئي لفظ سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل آهن. "ڏول" جي معنيٰ آهي "ڏولو" ، "ڏوليو" ، "ڏولڻ" ، "لالڻ" ، "ساجن" ، "سُهڻو" ، "موچارو" ، "ملوڪ" ، "معشوق" ، "محبوب" ، "منٺار" يا "دلدار" وغيره. انهن ٻنهيءَ لفظن کي ملائي، هڪڙو لفظ ٺاهبو ته ان جي معنيٰ ٿيندي "ڏول ۽ ماروي".

هن سُر ۾، ڏول ۽ ماروي جي مشهور لوڪ داستان بابت بيت چيل آهن. ڏول گُجرات جو رهاڪو هو ۽ ماروي مارواڙ(جيسلمير) جي ڄائل هئي. ٻنهيءَ جو ننڍپڻ ۾ ئي مڱڻو ۽ نڪاح ٿيل هيو. جوان ٿيڻ بعد، ٻنهيءَ جي گڏجڻ ۾ دير ٿي ويئي، ته ماروي راڳيندڙ فقيرن کي راڳ سيکاري، ڏول جي محفل ۾ موڪليو. جن وڃي ان جي اڳيان، ماورءَ جي سُونهن سوڀيا ۽ جوان ٿيڻ بابت بيت چيا ۽ ڏول کي يادگيريءَ ڏيارائي.

ڏاڏي! جي ڏول ملي، ته ڏولا نان ڪهيج ،
ڪرسڻ پڪو، ڪڻ چٽيو، لائو آپ ڪريج.
اُڀي سُورج سامُهين، مٿو پري ميٿ ،
تاس نہ پني پيٿ ، هيم ورني ماروئي.
مونهن ميني، گن ڪري، ڏيبُوءِ لڪڙيان ،
انڌاري ۾ ڏيکجي ، وِجُلي سانوٽيان .

روايت آهي ته اهڙي عاليشان راڳ ٻڌڻ کان پوءِ، ڏولو اُٺ تي چڙهي، ماروي جي ماڳ پهتو ۽ اچي پنهنجي منڙي ماروي ماڻيائين. خليفي نبي بخش "قاسم" لغاريءَ جو هڪ بيت آهي ته: "سو ڏولو گهر آئيو، جن کي جوتي باٿ ، مين ڏولي سي هنس ملي، ڪِلن لاگي ڪاٺ". هن سُر ۾، آمان، آميان، اُتر واءُ، ٻُوند برسڻ، ڀنورا، تلڪ، ڏيبُوءِ، ڏيوڙا، سانوٽيان، سپيان، سُورج، ڦول، ڪاجل موهڻ، ڪرسڻ، ڪريهر، ڪمان، ڪُونجڙيان، ڪجور، وِجُلي، وڻ پڪا وٽيان ۽ هنجهن جهڙن انتهائي حساس ۽ شاندار لفظن ۽ اصطلاحن جو استعمال ٿيل آهي.

راڳ جي لحاظ سان، سُر "ڏول ماروي" يا "ڏول مارو"، ڪو الڳ سُر ڪونهي. هن کي، سُر "مارئي" وانگر ، سُر "مانڊ" ۾ ٻہ ڳائي سگهجي ٿو. "ڏول ماروي" شاهہ جي رسالي جو پنجٽيهون نمبر سُر آهي، جنهن ۾ 21 بيت، 2 وايون ۽ 2 داستان شامل آهن. هن سُر جو پهريون بيت " اُتر واءُ ڪوندي، پهلي موسم مينهن " ۽ آخري وائي " مليو مارو مون کي، حيلن چالن سان مليو" آهي.

بيت ۾ انهن جون سمجهاڻيون
اُتر ڏيسان آوٽيان، ڏکڻ ساوٽيان،
ڏولو نرور سيرين، ڏڻ ٻڪريان،
پُڇو ڪونجڙيان، تہ ڳونہ هِياري سڄٽين؟

ساوڻ مند جون سهٽيون ڪڪريون، اُتر ملڪن (طرفن) کان اچن پيون ۽ ڏکڻ پاسي ڏانهن وڃن پيون، منهنجو محبوب ڏولو راجائي محلن ۾ آهي ۽ آئون ٻهراڙيءَ ۾، ڏڻ ٻڪرين سان آهيان، (سچي ڳالهہ) ڪُونجڙين کان پڇي ڏسو تہ "ڪير هنيين سان سِڪايل آهي؟ سهڻن سڄڻن لئي!".

ڪونجان رات ڪريڙيو، ٿولي ٿولي ٻِيس،
سُتي ڏول سنڀرئو، اُرلِي پاڳِي اِيس.

ڪونجڙين رات ڪٽڪاٽ پئي ڪيا، ويهہ ويهہ ٿولا پئي ويا، مون کي سُتي سُتي ڏولو ياد پيو، مون کان دروازي جي، مُهڙ واري مُکيہ اِيس، جذبات ۾ ڀڄي پيئي.

ڏاڏي! جي ڏول ملي، تہ ڏولا ني ڪهيج،
"ڪرسڻ پڪو،ڪڻ چٽيو، لائو آپ ڪريج."

اي راڳي فقير! جي توکي منهنجو ڏول محبوب ملي وڃي، تہ اُن ڏولي کي چئجانءِ، "ڪرسڻ ڳاهہ پڪو آهي، اُن مان اَن جا داڻا (ڪڻا) ڇڻن پيا ٿا، لابارو اچي پاڻ ڪر".


www.sindhsalamat.com

ڏاڏي! جي ڍول ملي، تہ ڪَهِيي سين لڄ،
اکيان ڪاجل موهيان، تلڪ تسي پر ٻڪ،
پهه پهه بُوند پهوريين، اوسٽ لڪ.

اي راڳي فقير! جي توکي منهنجو محبوب ڍول ملي وڃي، تہ اُن کي حجابي ۽ لڄ ڀريل لفظن سان مخاطب ٿجانءِ، (ڪيس ڇنڊجانءِ تہ "مارُوئي جون) سُرمي پاتل ڪجليون اکڙيون، موهہ ۾ پرجي ويون آهن ۽ تلڪ نراڙ تي هاٽي پيو ٻکي ۽ چمڪي، پهرايل هڪ هڪ ٻڪريءَ تي، برسات جي بوند پئي برسي، پر ( ماروئي جي من تي) ڏُکار ۽ سوڪ جا لکين لڪ لامارا آهن".

ڍولا! ماروئي پاتلي، جيسي رَين ڪجور،
مُنهہ ميني،گُن گهٽي، تو ڪيئن ڇڏي دور؟

اي ڍولا! تنهنجي ماروئي، اهڙيءَ تہ سنهڙي ۽ سهٽي آهي، جڻ ڪجور جي پتلڙي ڪا ٿارڙيءَ هجي، منهن منجهان منڙا ٻول ٻوليندڙ، گهٽن گُڻن ۽ اخلاقن واري، تو ڪيئن پرديس ۾ وساري ڇڏي آهي؟

اُپي سورج سامهين، مٿو پري ميٿ،
تاس نہ پني پيٿ، هِيم ورني ماروئي.

مٿي کي ميٿ لڳائي، سورج جي سامهون، سڌي بيٺي آهي، (جيئن پيٿ واريءَ عورت کي، ڪنهن شئي کائڻ جي چِڪ ٿئي ٿي،تيئن) اُلفت جي اُجايل، سوني رنگ جهڙي سُونهري سهٽي ماروئي.

من چئي، مِيرِي چڙهان، پڳ ڏي پاوَٽيان،
ڍولي سين واتان ڪران، ڳل ڏي ٻانهڙيان.

من چوي ٿو، تہ "ڪکن ۽ ڪانن جي ٺاهيل ڪُڏيءَ جي چوٽيءَ تي چڙهان، پنهنجا پير پوڙيءَ تي ٺاهي رکان، ٻانهون ڳل ۾ ڏيئي، (ڀيراٽڙيءَ پائي) ڍولي سان ڳالهڙيون ڪريان".



مُنهن مِيني، گُن ڪري، ڏيٻُوءِ لَڪڙيان،
انڌارِيءَ ۾ ڏيکجي، وِجُلِي سانوٽيان.

منهن منجهان منڙا ٻول ٻولي، ڳُڻ ۽ پلايون پال ڪري، لڪ (چيلهہ) اهڙي، جڻ ڏينپُونءَ جي سَنَهڙي چيلهہ هجي، گهُوپ انڌاريءَ رات ۾ ايئن ڏسجي، جڻ سانوٽيءَ رُت ۾، ڪنوڻ وِيلا ڏي!

محققن ۽ عالمن جي تحقيق موجب، شاھ جي رسالي ۾ شامل سُر"ڍول ماروي" ، شاھ جو ڪلام ڪو نہ آهي. البت ڪلام جي جوڙ جڪ ۽ مناس، مطالعي ڪندڙکي موهي وجهي ٿي. " اُر سِنگا، نُهہ سِپيان، نَينَ تہ وِنگٿ ونگ، ڍول! ٿُمارِي ماروئي، هٽي ٻاڻ نِهنگ، ماري مُنڌ نِسنگ، چاڙهي سِينگ مَلڪ جِئن". سُر جي شروع ۾ ڏيکاريل قصو، هن ريت اختتام پذير ٿئي ٿو تہ، " ڍولو نيٺ اچي پنهنجي ماروئي کي مليو". هن سُر جي آخر ۾ ڏيکاريل وائيءَ جا ٻول، "ڍولي ۽ ماروئي" جِي اُنهيءَ محبت ۽ ميلاپ جا سنگِ مِيل ۽ ثُبوت آهن. " مِليو مارُو مون کي، جِيلن چالن سان مِليو. چَوکِي چارِي ڪيترا، ٻِينا واٺون جهليو. ساري سُپيرِيَن کي، جيرو منهنجو جليو. گهر جو محرم منگتو، عرض اُنهيءَ اَليو. سوئي آيُمِ سُپرين، جيءُ جنهين لئي جليو. نِگئو نرور سيرِيين، راجا رِٽمل مِليو".



www.sindhsalamat.com

## 36. سُر ”بسنت“ جو فلسفو

“بسنت” سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي “بهار جي موسم” يا “گُلابي رُت”. هي شاهه جي رسالي جو تر و تازه ۽ گل و گلزار سُر آهي، جنهن ۾ ڪنڊهار ڪڙڻ ۽ ڳوريءَ پاران ڳهٽا پائي، سورنهن سينگار ڪرڻ جو سمو سمايل آهي. اُن کان علاوه انگورين ۽ ڪيتڪين جو ڪرهه ڪيڻ، اوپڙ جو اُپرڻ، اوڏاڻ جو اُڌمڻ، باغن پاران بوند مڪڻ، پيئونرن جو پنيولجڻ، پيئونر جو وڻن ۾ واس ونڻ، ٽارڙين جو موڙ ٻڌي مورجڻ، پُراڻن پنن جو ڇڻي پٽ پوڻ، رسيليءَ رُت جو رسڻ، سڄڻن جو ٻانهُن ۾ ٻڪجڻ، سُکن جو سائو ٿيڻ، ڦڳڻ ماهه ڦلارجڻ، ڪٿوريءَ خوشبوءِ ٿيڻ، گئونچن جو گلارجڻ، لال گلن جو لالائجڻ، محبن جو مڙڻ، وڻن مٿي ڇهن ۽ ڇوٽين جو چمڪڻ جهڙا، روح کي راحت ۽ من کي معطر ڪرڻ وارا مذڪور محفوظ ٿيل آهن.

هن سُر جي مکيہ موضوع ۾ لکيل آهي تہ “ رُتيون تہ سيپيئي سهٽيون ۽ پليون آهن، پر بسنت جي برابر ڪائي رُت ڪانهي. جيڪي وڻ پاري ۽ سِيءُ صفا ساڙي ڇڏيا هئا، انهن جي مٿان گل ڦٽيءَ نڪتا آهن. ڪٿوريءَ خوشبوءِ ٿي ويئي آهي، ۽ اچي پيئونر پريا آهن. “ڏتو” چوي ٿو تہ مون کي محب اچي مليا آهن، هاڻي منهنجا سمورا ڏک ۽ ڏولاوا ڏور ٿي ويا آهن”.

راڳ جي لحاظ سان، هن سُر جو صحيح نالو “بسنت” آهي. هي سُر گهڻي عرصي کان وني، شاهه جي راڳ ۾ ڪو نہ ٿو ڳائجي، البت “سنڌي بسنت راڳني” ۾، ڪي ڪافيون ڳائجن ٿيون.

“بسنت” شاهه جي رسالي جو 36 هون نمبر ۽ آخري سُر آهي، جنهن ۾ 16 بيت، 1 وائي ۽ 1 داستان شامل آهن. هن سُر



جو پهريون بيت “ آئي رُت بسنت ڪي، ڪِڙيا ڪنڊهار” ۽ آخري وائي “ اڄ سڄڻ گهر آيم جيڏيون! اللهُ اُميدون پُڄايم ايڏيون!” آهي.

بيت ۾ انهن جون سمجهاڻيون
آئي رُت بسنت ڪِي، ڪِڙيا ڪنڊهار،
اُٿي ڳوري! ويس ڪر، آئي بسنت بهار.

رُت بسنت جي موٽي آئي آهي، ڪنڊهار گل ڪڙيا ۽ ٽڙيا آهن، ڇَينچل ڳوري! تون بہ اُٿي! نوان ويس وڳا پاءِ، ڇو جو بسنت جي رُت موٽي آئي آهي.

آئي رُت بسنت ڪي، ڪنڊهار ڪڙيا،
ڪٿوري خوشبوءِ ٿي، اچي پيئونر پريا،
مون کي محب مڙيا، لٿا ڏک “ڏتو” چوي.

رُت بسنت جي موٽي آئي آهي، تمام ڳهٽا ڪنڊهار گل ڪڙيا ۽ ٽڙيا آهن، ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ، وڻ وڻ واسي ڇڏيا آهن، جتي پيئونرن اچي اچ وڃ لاتي آهي، “ڏتو” چوي ٿو تہ “ ڏک سڀ لهي ويا آهن ۽ منڙا محبوب مون کي اچي مليا آهن”.

آئي رُت بسنت ڪي، باغن مُڪي مند،
اُٿي ڳوري! ويس ڪر، آيو بهار بسند.

رُت بسنت جي موٽي آئي آهي، باغن گهاٽي رس واري مٺي ماڪي ۽ خوشبوءِ موڪلي آهي، اي ڇَينچل ڳوريءَ! تون بہ اُٿي نوان ويس وڳا پاءِ! ڇو جو بهار جو جهوٽو گهليو آهي.

آئي بسنت بهار ڪي، باغن مڪي بوند،
لالي ويڪو لال ڪي، هيڪر وڃي هوند!
اُمت جي آخوند، اوپڙ سڀ اُپاريا.

بسنت رُت جي بهار، ڀرپور جوانيءَ سان موٽي آئي آهي، باغن سنهي مينهن جي ڇاٽ ۽ خوشبوءِ وسائي آهي، لال گلابي رنگن جي لالائي، جيڪر هڪ ڀيرو تہ باغن ۾





www.sindhsalamat.com

وجي ڏسي اچو! ساري جڳ جهانَ جي ڏٺي، ڦوٽهڙا سڀ ڦُٽائي چڙيا آهن.

اُڏميا اوڏانڻ، رُت رساٽي سڄٽين،
لڳي واءُ وٽن کي، چاٽيا پن پُرانڻ،
پرهيائون پهرانڻ، سُڪائي ساوا ٿيا.

وٽن جا چها، گوشا ۽ انگور ڦٽي نڪتا، سهٽن سڄٽن ساوک رُت اُماٽي آهي، وٽن کي جو بسنت رُت جي پهرينءَ هير لڳي، ته انهن پنهنجا پُراٽا پيلا پن چاٽي چڙيا، ساوا سبزا ڪٽي اوڊيائون، جيڪي وڻ اڳ سُڪل هئا، هاٽي اُهي، سراسر سرسبز ٿي پيا آهن.

آئي بهار بسنت کي، ڦُولي سڀ وٽراهه،
ايڪ نه ڦُولي ڪِيتڪِي، سُڪتي هي مرجاءِ.

بسنت رُت جي بهار، پرپور جوانيءَ سان موٽي آئي آهي، وٽن جي گهاٽن ٻيلن ۽ باغن، ڦُول جهليا آهن، هڪ ڪيتڪي ٻُوٽي کو نه ڦُٽي، جيڪا ويچاري ويتر وڌيڪ سُڪندي ۽ سڙندي پئي وڃي.

انگوري اور ڪيتڪي، ڦُولي ڦڳڻ ماهه،
جي سجن هو من ماهه، ته ڦل پسيو ڦولي هنيون.

انگوري ۽ ڪيتڪي ٻُوٽي، ويتر وڌيڪ ڦوٽهڙو ڪيو، ڦڳڻ جي مهيني ۾ ڦول جهليائون، جي سهٽو سڄڻ من جي اندر موجود هجي، ته گلابي گل ۽ گونچ ڏسيو، هينئڙو ويتر وڌيڪ خوش ٿئي ٿو.

انگوريون ۽ ڪيتڪيون، ڦُوليون ڦڳڻ مانهه،
ريءَ لالڻ "لاکو" چوي، سي آئون ڪريان ڪانهه؟
جي سڄڻ هُئي مون ٻانهه، ڦُل پسيو ڦُولي هنيون.

انگوريون ۽ ڪيتڪي ٻُوٽيون، ڦڳڻ جي مهيني ۾، ويتر وڌيڪ ڦُوليون ڦليون، "لاکو" چوي ٿو ته " لاکيٽي لالڻ کان سواءِ، آئون انهن کي چا ڪريان؟ ۽ ڪيڏانهن ڪريان؟" جي سهٽو سڄڻ منهنجي ٻانهن ۾ هجي، ته گلابي گل ۽ گونچ ڏسيو، هينئڙو ويتر وڌيڪ خوش ٿئي ٿو.

انگوريون ۽ ڪيتڪيون، ڦُوليون ڦڳڻ هيل،
لالڻ رِءَ "لاکو" چوي، سي آئون پانيان سيل،
جي سڄڻ هوئن ٻيل، ته ڦُل پسيو ڦُولي هنيون.

انگوريون ۽ ڪيتڪي ٻُوٽيون، ڦڳڻ جي مهيني، هيل اڳي کان ويتر وڌيڪ اچي ڦُلايون ۽ ڦُٽايون آهن، "لاکو" چوي ٿو ته " لاکيٽي لالڻ کان سواءِ انهن سينيءَ کي، آئون ڪروپ ڪندا ٿو سمجهان"، جي سهٽا سڄڻ گڏو گڏ هجن، ته گلابي گل ۽ گونچ ڏسيو، هينئڙو ويتر وڌيڪ خوش ٿئي ٿو.

رُتيان سڀ پليان، ڪائي نه بسنت جوڙ،
جي وڻ پاري ساڙيا، تني مٽي موڙ.

موسمون ته سپيئي پليون ۽ سهٽيون ٿينديون آهن، پر بسنت جي برابر ڪا ٻه ڪا نه ٿيندي آهي، جيڪي وڻ پاري ۽ سيءَ ۾ سڙي ٿا وڃن، انهن جي چوٽين تي، چهَا نڪريو ٿا اچن.

رُتيان سڀ پليان، ڪا ئي نه بسنت ٽُل،
جي وڻ پاري ساڙيا، تني مٽي گُل.

موسمون ته سپيئي پليون ۽ سهٽيون ٿينديون اهن، پر بسنت جي برابر ٻي ڪا ٻه ڪا نه ٿيندي آهي، جيڪي وڻ پاري ۽ سخت سيءُ ۾ سڙي ٿا وڃن، انهن مڙنيءَ جي مٿان، گُل ۽ گونچ نڪريو ٿا اچن.

پئونر! مَر پيرو لاهه، جيئين واس وٽن ۾،
ڪاڏُئي پيٺُئي جن سين، سي وڻ سارينداءِ،
ايءَ نه پر سندياءِ، جئن ڦُل ڏسيو ڦِريو وڃين.

اي پلوڙ پئونر! تون اچڻ وڃڻ ڇڏي نه ڏي، وٽن جي واس ۾ پيو حياتيءَ ماڻ، جن سان تو ڪاڏو پيتو، سي سارا وڻ توکي سارينداءِ ياد ڪندا، اها تنهنجي ريت ۽ رسم آهي ئي ڪا نه، جيئن جو "گُل ۽ گونچ ڏسيو، وري واپس وريو وڃين".

پئونر! پرين منجهه باغ، ڪره ڪيو گُلن سين،
پل پل وچڙين، پين ڪائين، دن ۾ ماهه دماغ،
اهڙي درد دماغ، ڪَهلائي ڪارو ڪئو.

اي پلوڙ پئونر! شل باغ ۾ پيو گهُمين قرين! گُلن جي قطارن ۾ گونچن سان گڏوگڏ سدائين پيو وچڙين، ڪائين ۾ پين، ڏينهن جا ڏينهن ۾ مهينن جا مهينا، دل ۾ دماغ سان، اهڙي دلي ۾ دماغي درد، تو تي ڪهڪاءُ ۾ قياس ڪري، ڪارو رنگ چاڙهي ڇڏيو آهي.

ڪارو ڪوهه ڪيوءِ؟ پاڻ پانهنجو پاڻهين،
ڪو گل ڪينهين ڪيتڪي، لوچي تان نه لڌوءِ،
پئونر! پرين تو جوءِ، راتيون ڏينهان باغ ۾.

(اي پلوڙ پئونر!) تو پاڻ پنهنجي پاڻ کي، پاڻهين ئي ڪارو ڇو ڪٽي ڪيو آهي؟ ڪنهن ڪيتڪي بوٽيءَ ۾، شايد ڪو گُل ڪونهي! جيڪو لوچي پوچي، تو ڳولي ڪو نه لڌو آهي، اي پيرا ڏيندڙ پلوڙ پئونر! تون جو راتيون ڏينهان باغن ۾ گهُمين قِرين پيو.

آئي رُت بسنت ڪي، ڦڳڻ ڦُلاريو،
پيچرو پرينءَ جو، مون کي ڏاتر ڏيکاريو،
جڏ نمي نهاريو، تي ڦُل ڏسيو ڦاٽي هنيون!

رُت بسنت جي موٽي آئي آهي، ڦوتهڙي واري مهيني ۾ ڦول ڦُٽي پيا آهن، پرينءَ جي پسڻ جو پيچرو ۾ گس، مون کي ڏيهن جي ڏاتار ڪٽي ڏيکاريو آهي، مون جڏهن هيٺ نمي، نوڙت ۾ نياز سان نهاريو، ته گُلابي گُل ۾ گونچ ڏسي، خوشيءَ ۾ منهنجو هينئڙو جڻ صفا پيو ڦاٽي!

ڪارا مائي! ڪارا، ڪارو ٿهرين ڪيئن؟
عجب اٿئون ايئن، ڪا سُٽاءِ سُڌ "صادق" چئي.

هيءَ ته سمورا (ڦل ۾ ڦول) رڱو ڪارا ئي ڪارا آهن! تون ڪاري رنگ تي، ڪيئن اٽڪي ۾ اُلجهي بيهي رهيين؟ "صادق" چوي ٿو ته" مون کي صحيح سُڌ ۾ سموريءَ سماچار



سُٽاءِ، ڇو جو انهيءَ ڳالهه جو، مون کي اجان تائين عجب آهي!".

جهڙيءَ ريت، شاهه جي مستند ڪلام ۾، سُر"سارنگ" کي، پيار، محبت، خوشيءَ، خوشحاليءَ، سونهن ۾ سُڪار وارو درجو حاصل آهي، تهڙيءَ ريت، رسالي جي ڪلام ۾، سُر"بسنت" کي، گُلابي رُت ۾ گل و گلزار وارو رتبو راس آيل آهي. "ڪٽڦار ڪڙيا آهن، اُتي ڳوريءَ! ڳاڙها ويس وڳا پاءِ، ڪتوريءَ خوشبوءِ تي ويئي آهي، جن تي پئونر پنيولجي اچي پريا آهن، وٽن پنهنجا پُراڻا پيلا پن ڇاٽي ڇڏيا آهن، سُڪا گاهه سي ساوا تي ويا آهن، ڦُل پسيو، منهنجو هينئڙو پيو خوشيءَ ۾ ڦُولي ۾ ڦاٽي". سُر "بسنت" جي شرح، سمجهاڻي ۾ فلسفي سان، شاهه جي رسالي جي ڇتيهن سُرن جو، هڪ هڪ تعارف ۾ احوال تمام ٿيو آهي. اُميد ڪجي ٿي ته پڙهندڙ، پنهنجي پيار ۾ پاٻوهه سان، اسان کي دُعاءِ خير ۾ ضرور ياد رکندا. وما توفيقي اِلا بِالله!



www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



